[سياسي تجزيا]
زرعي
سوال
ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙو

زرعي سوال

(سياسي تجزيا)

ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙو

پروگريسو ٿنڪرس فورم سنڌ

2023ع

ڊجيٽل ايڊيشن

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سپ حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو:	زرعي سوال
ليکڪ:	ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙو
ڇاپو:	پهريون
تعداد:	1000
ڇاپي جو سال:	مارچ 2023ع
ٽائيٽل ۽ لي آئوٽ:	مصور منگي
ڇاپيندڙ:	پروگريسوِ ٿنڪرس فورم سنڌ
قيمت:	550 روپيه
ڪتاب نمبر:	05

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com

ڪتاب ملڻ جو هنڌ:
سنڌ جا سمورا بوڪ اسٽال

لکپڙھ لاءِ:
بنگلو نمبر 157،
سچل ڪالوني، لاڙڪاڻو سنڌ.
Email: faizyanthropologist@gmail.com
0331-3691175

ارپنا

سنڌ جي

مظلوم ۽ محڪوم

هارين جي نانءُ

سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙي جي لکيل مضمونن ۽ ڪالمن جو مجموعو ”زرعي سوال“ اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيو، جنهن جو سنڌيڪار ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙو آهي.
سنڌ بنيادي طرح هڪ زرعي خطو آهي. هن ڪتاب ۾ زيرِ بحث موضوع، زرعي غلامي ڪٿان آئي؟ ۽ زمين جي مالڪي، اقتصادي ۽ سماجي عمل، زراعت ۾ سرمائيداراڻي ترقي ۽ طبقاتي جوڙجڪ ۽ زرعي بدحالي جو حل صنعت ڪاري ۽ ٻيا اهڙا ته اهم سوال آهن جيڪي زرعي (ايگريرين) سوال کي سمجهڻ ۾ مدد ڪن ٿا. هي ڪتاب ان سلسلي جي ڪڙي آهي جنهن سان جاگيرداري نظام مان جند ڇڙڻ ۽ سماجي برابري جو معقول نظام آڻڻ ۾ مدد ملندي. هن ڪتاب جو مهاڳ هاري اڳواڻ ڊاڪٽر دلدار لغاري لکيو آهي. اميد آهي ته هي ڪتاب ”زرعي سوال“ سنڌ جي قومي ۽ طبقاتي غلاميءَ کي ختم ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو.
هي ڪتاب پروگريسو ٿنڪرز فورم، حيدرآباد پاران 2023ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙي جا جنهن هي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

فهرست

اداري پاران ________________	محمد فاضل راهوجو	08
ليڪڪ پاران ________________	ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙو	10
ڪجھ ڪتاب بابت __________	ڊاڪٽر دلدار لغاري	12
مهاڳ ________________	ڊاڪٽر ذوالفقار راهوجو	16

زرعي غلاميءَ جون گهِريون پاڙون ڪٿان آيون؟ 26

زمين جي مالڪي اقتصادي ۽ سماجي عمل کي بي نقاب ڪري رهي آهي! 34

زراعت ۾ سرمائيداراڻي ترقي ۽ طبقاتي جوڙجڪ جو سوال! 44

زرعي بدحاليءَ کي صنعتڪاريءَ ذريعي حل ڪرڻ جون فڪري ڏَند ڪٿائون 50

ڇا زرعي سوال موڙھو "سرمائي" جو سوال آهي؟ 58

زرعي سوال هڪ مسلسل بدلجندڙ ۽ هڪ ٻئي تي اثرانداز ٿيندڙ اهم سوال آهي. 64

زمين تي قائم بينڪي نظام ۽ محڪومي 72

سياسي معيشت، سماجي انقلاب ۽ مزاحمتي تحريڪون 79

چين جي معاشي ۽ ابرندڙ طاقت جو راز ۽ زرعي سوال 86

زرعي شعبي جي ترقي ۽ لبرل معاشي پاليسيون 93

سماجي تفريقون ۽ سياسي حڪمتِ عمليون 99

اڻ برابر سماج ۾ سماجي برابري خام خيالي آهي 105

زمين جي ذاتي ملڪيت، زميني سڌارا، ڪاميابيون ۽ ناڪاميون 111
زرعي پاليسيون ۽امدادي قيمتون 128
جاگيرداري نظام مان ڪيئن جان ڇٽندي! 134
زرعي سوال سماجي ترقيءَ جو قومي سوال آهي! 141
زمين، غير رسمي معيشت ۽ پراپرٽيءَ جو ڪاروبار 147
جاگيرداري نظام جو خاتمو ٽيڻ گهرجي! 152
تهذيبون ۽ دقيانوسي آبپاشي نظام 157
ماحولياتي تباهين ڪان بچڻ لاءِ برابريءَ وارو سماج اڏٽو پوندو! 162

اداري پاران

پروگريسِو ٿنڪرس فورم سنڌ جي طرفان هي پنجون ڪتاب ڇپايو ويو آهي. هي ڪتاب سنڌ جي سياسي، معاشي غلامي کي سمجهڻ واري سوال کي زيرِ بحث آڻي ٿو. ليڪڪ ان کي “زرعي سوال” جي نالي سان لکيو آهي. پر حقيقت ۾ اهو ڪتاب سنڌ جي اندر زرعي سوال کي سمجهڻ ۾ مدد ڪندو. اداري، سنڌ جي ان سوال تي لکڻ ۽ عام عوام ۽ سياسي ڪارڪنن ۽ خاص طرح سان هاري سوال جي ضرورتن کي سمجهندي، قلم کڻڻ جي همت ڪئي آهي ۽ ان سلسلي ۾ ئي مانواري ليڪڪ ان موضوع تي لکڻ جي همت ڪئي. هي اهم لکڻيون سنڌيءَ جي هڪ گهڻي پڙهي ويندڙ اخبار ۾ ان ڪري ٻه لکيون ويون ته جيئن سنڌ جي زرعي سوال کي حقيقي طرح سمجهڻ طرف ڌيان ڏجي. ان بعد اهو فيصلو ٻه ڪيو ته ليڪڪ جي ان ڪتاب کي ڪتابي شڪل ٻه ڏجي ۽ ان جي قيمت ٻه مناسب رکجي ته جيئن عام ماڻهو ان کي پڙهي سگهن. اداري پنهنجا ڪتاب ڊجيٽل ويب سائيٽن تي آن لائين ان ڪري ڪيا آهن ته جيئن سنڌ جا ماڻهو ان کي آسانيءَ سان پڙهي سگهن.

هن ڪتاب ۾ زيرِ بحث موضوع، جيڪي هن ريت آهن، زرعي غلامي ڪٿان آئي؟ ۽ زمين جي مالڪي، اقتصادي ۽ سماجي عمل، زراعت ۾ سرمائيداراڻي ترقي ۽ طبقاتي جوڙجڪ ۽ زرعي بدحالي جو حل صنعت ڪاري ۽ ٻيا اهڙا ته اهم سوال آهن جيڪي زرعي (ايگريرين) سوال کي سمجهڻ ۾ مدد ڪن ٿا. پروگريسِو ٿنڪرس فورم ان علمي ويچارن کي اڃا ٻه وڌيڪ اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو. جنهن سان جاگيرداري

نظام مان جند ڇڏرائڻ ۽ سماجي برابري جو معقول نظام اچي. هن ڪتاب جو مهاڳ هاري اڳواڻ ڊاڪٽر دلدار لغاري لکيو آهي. آءُ دل سان شڪرگذار آهيان جو هن مصروفيت هوندي به وقت ڪڍي ڪتاب جو مهاڳ لکي، ان سوال کي وڌيڪ چٽو ۽ اجاگر ڪيو آهي. ان کان سواءِ مصور منگي جو به ٿورائتو آهيان جو ان ڪتاب کي ڪمپوز ڪيو ۽ ڪتاب جو ٽائيٽل به ٺاهي ڏنو. اميد آهي ته هي ڪتاب "زرعي سوال" سنڌ جي قومي ۽ طبقاتي غلاميءَ کي ختم ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو.

محمد فاضل راهوجو

ايڊووڪيٽ

پروگريسو ٿنڪرس فورم سنڌ

جنوري 2023ع

ليکڪ پاران

زرعي سوال موجوده حالتن ۾ انتهائي اهم سوال آهي. ان کي نظرياتي ۽ علمي طور سمجهڻ گهرجي. زرعي سوال زراعت سان لاڳاپيل ڳنڀير معاملن کي سمجهڻ ۽ ان جا متبادل حل پيش ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. زرعي سوال زمين سان لاڳاپيل ملڪيت جي نظام، هارين جي معاشي، سماجي حالتن کي سمجهڻ ۽ ان سوال کي انقلابي يا اصلاحي سياسي حل لاءِ راهه هموار ڪري ٿو.

پاڪستان ۽ سنڌ جي سياسي ۽ معاشي صورتحال ۾ زرعي سوال کي تاريخي پس منظر ۾ سمجهڻ ان جي سياسي سماجي ۽ معاشي پس منظر کي سممجهڻ انتهائي اهم آهي.

زرعي سوال سان لاڳاپيل سياسي ۽ معاشي مقصد واضع، صاف ۽ سادا آهن. اهي مقصد واضع معناعن ۾ انساني غلاميءَ مان نجات ۽ مجموعي محڪومي ۽ استحصال مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري بهتر انساني سماج اڏڻ آهي. ان لاءِ ضروري آهي تہ زرعي سوال کي پنهنجي ۽ بين الاقوامي مروج فڪرن ۽ عملن ۾ پرکجي. ان جي معاشي، سماجي، تاريخي ۽ سياسي پهلوئن کي اجاگر ڪري، سماجي لقائن ۽ واڌارن کي سمجهي حَل پيش ڪجن. پنهنجي چرندڙ سماج ۾ ٿيندڙ تبديلين جو مشاهدو ڪري ان جي مروج چالو قانونن، سماجي اٿلن پٿلن، طبقاتي جوڙجڪن ۽ سياسي اڏاوتن کي سمجهڻ ڪانسواءِ زرعي پسماندگين، غربتن ۽ بدحالين کي سمجهي نٿو سگهجي.

زرعي سوال اهڙين ۽ پيچيدگين کي سمجهڻ جو سوال آهي. جنهن سوال ۾ وسيع آبادين جي زندگين ۽ گذر سفرجو دارومدار آهي، سماجي جوڙجڪ ان تي بيٺل آهي. معاشي ڍانچو بہ ان تي ئي اڏيل آهي، جنهن ڍانچي تي معاشي طبقا، حڪمرانيءَ۽ محڪوميءَ جا نظام قائم ٿيل آهن. زمين تي قائم ملڪيت جو نظام ۽ وسيع اڪثريت جي سماجي بدحاليون بہ ان نظامن جو نتيجو آهن.

بهتر ۽ برابر سماج اڏڻ لاءِ عوامي جمهوريت ۽ پائيدار معاشي ڍانچا اڏڻ سان ئي لاڳاپيل سوالن منجهان زرعي سوال اهم سوال آهي. ان ۾ ئي حقيقي

قومي ۽ سماجي سوال ڳنتيل آهن. بنيادي سياسي ڪارڪنن کي زرعي سماجي سوال کي سمجهڻ ۽ لاڳاپيل سياسي تحريڪن لاءِ بيحد ضروري سوال آهي.

تاريخي طور زرعي سوال قومي نجاتن لاءِ اهم قومي سوال هو. اڄ جي سياسي حالتن ۾ زرعي سوال سماجي ترقيءَ لاءِ اهم قومي سوال بڻيل آهي. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ ايندڙ وقتن ۾ پيداوار، ماحوليات، کاڌ خوراڪ ۽ بهتر ۽ برابر سماجن جي اڏڻ ۾ وسيع عالمي اڪثريت لاءِ زرعي سوال لاڳاپيل سياسي بحث جو حصو هوندو. زرعي سوال ملڪ جي بورجوازي ۽ لبرل سياست يا محدود ثقافتي نسلي سياست جي محدود دائرن ۾ سمجهي نہ ٿو سگهجي. ان کي هاري پورهئي سماجي سائنس ۽ انقلابي سياست ۾ ئي سمجهي سگهجي ٿو.

ڪتاب زرعي معيشت، هارين جي حالتن کي مغلن ۽ ان کان اڳ جي زمانن کان وٺي جديد لبرل معيشتن ۽ سماجن ۾ رسمي، غير رسمي پورهيتن، بي زمين ۽ آبدگارن جي حيثيت ۾ زمين جي ملڪيت جي نظامن، سڌارن ۽ سياسي پاليسين جي پس منظر ۾ جانچي ان جي نظرياتي ۽ عملي پهلوئن کي واضع ڪري ٿو. اهم ڳالهہ هي آهي توڙي جو زرعي سوال پَل اڄ نہ سمجهيو وڃي پر ان سوال کي سياڻي حل ڪرڻو پوندو.

زرعي سوال خيالن فڪرن منجهان هلي سماجي ۽ خاص طور تي معاشي برابريءَ ۽ سماجي ترقيءَ جو سوال ٿي اڀريو آهي. زمين سان جڙيل ذاتي ملڪيت جي نظام جو خاتمو زرعي سوال کي حل ڪرڻ جو سماجي حل آهي. هارين ۽ ڪيڙيندڙن کي زمين تي رسائي ۽ پوکيءَ جو حق ڏيڻ ۽ زرعي معيشت جي انتظام کي بهتر ڪرڻ سان ان ۾ برابر سماج اڏي سگهجن ٿا. چين، ويٽنام ۽ ڪوريا ۽ رشيا - روس اهڙا سماج ڪيئن اڏيا آهن. هي ڪتاب ان ڏس ۾ اهڙن سماجن کي سمجهڻ ۾ ننڍڙي ڪوشش آهي.

ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙو

مسقط، عُمان

ڪجھ ڪتاب بابت

پروگريسو ٿنڪرس فورم طرفان ڇپرايل ڪتاب "زرعي سوال" طبقاتي غلامي کي سمجھڻ لاءِ هڪ اهم ڪتاب ثابت ٿي سگھي ٿو. هي ڪتاب طبقاتي جدوجهد ڪندڙ ساٿين ۽ طبقاتي غلامي ۾ پيسجندڙ عوام کي ضرور پڙهڻ گھرجي. هن کان اڳ به ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙو طبقاتي نظام ۽ ان مان ڇوٽڪاري بابت ڪافي مضمون لکيا آهن.

سندس ترجمو ڪيل محمد مسعود کدرپوش جو هاري سوال تي اختلافي نوٽ به هڪ اهم دستاويز آهي جنهن جو سڀني دوستن کي مطالعو ڪرڻ گھرجي.

هن ڪتاب ۾ ليکڪ زمين جي ورهاست، زمينن تي قبضن، زمينن جو ذاتي ملڪيت ۾ تبديل ٿيڻ ۽ هارين جو غلامي ۾ وڃڻ بابت علمي طرح ۽ تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي.

هن ڪتاب ۾ روس، چين، بنگال، ويٽنام ۽ ٻين ملڪن ۾ زمين جي ورهاست بابت به ڪافي ڪجھ سمجھايل آهي.

ننڍي کنڊ ۾ مغلن جي دور، انگريزن جي دور کان وٺي هن وقت تائين زمين تي ڪئين قبضا ڪيا / ڪرايا ويا ۽ ڪئين زمينون مخصوص خاندان ۾ ورهايون ويون آهن. ليکڪ ڪافي تفصيل سان روشني وڌي آهي.

ننڍي کنڊ ۾ ڪيئن انگريزن جي دور ۾ ڪجھ مخصوص خاندانن کي انگريزن سان وفاداري عيوض زمينن جو مالڪ ٺاهي زمينن کي نجي ملڪيت ۾ آندو ويو. ليکڪ هاري سوال طبقاتي نظام جي پيدا ٿيڻ کي مغلن جي دور کان ڳنڍي ٿو. توڙي جو ان کان اڳ مغلن جي دور ۾ زمينون ڳوناٽي ملڪيت هيون جنهن ۾ گڏيل پوکي سسٽم هو ۽ رياست ان مان

محصول ونندي هئي، پر انگريزن جي قبضي کان پوءِ جن علائقن ۾ انگريز کي خطرو پيدا ٿيو تہ هنن علائقن ۾ اسانجي مخالفت ٿي سگهي ٿي اتي انگريزن پنهنجا خاص ماڻهو ٺاهيا جن کي زمين جون لالچون ڏيئي پنهنجو وفادار ٺاهيائون.

اهو عمل سنڌ ۾ بہ ڪيو ويو جنهن ۾ انگريز سرڪار پنهنجن وفادار خاندانن کي زمينون ورهائي ڏنيون جيڪا انهن خاندانن جي اڳتي هلي ذاتي ملڪيت ٿي پئي. اهڙي نموني سان سنڌ ۾ زمينون ذاتي ملڪيت ٿي پيون ۽ ان تي انگريز وفادار خاندانن جو قبضو ٿي ويو ۽ ان تي ڪمائيندڙ ڪمي , هاري ٿي پيا. انگريز حڪومت ۾ اهڙن خاندانن سان خاص رعايت هوندي هئي، انهن جي رسائي حد جي مختيارڪار ۽ حد جي ٿاڻي تائين ٿي.

هاري ويچارو غربت جي چڪي ۾ پيسجڻ لڳو ان جاسپ حق ماريا ويا ايتري تائين جون هارين جون عزتون بہ محفوظ نہ رهيون. چاڪاڻ تہ ٿاڻن تي رسائي ,پوتار جي هئي. ان ڪري ڪٿي هاري ظلم خلاف دانهن ڪندو هو تہ ان کي پوليس حوالي ڪيو ويندو هو.

پاڪستان ٺهڻ سان اهو ساڳيو جاگيردار طبقو پاڪستان جي حڪمران طبقي جو زير نظر ٿي پيو چاڪاڻ تہ پاڪستان ٺهڻ شرط ئي قائداعظم محمد علي جناح کي پاسيرو ڪري ان تي لياقت علي خان ۽ سنڌ همنوائن قبضو ڪري ورتو جن قائد جي اصولن ۽ 1940ع واري قرارداد کي پاسيرو ڪري پنهنجي پسند جا قانون مڙهي ڇڏيا.

سنڌ مان هڪ سازش تحت سنڌي هندو يائرن کي ڀڄائي انهن جي ملڪيتن ۽ زمينن تي وفاق قبضو ڪري انهن کي اويڪيو پراپرٽي ظاهر ڪري ڇڏيو جيڪا هندستان مان لڏي ايندڙ پناهگيرن حوالي ڪئي ويئي ۽ سنڌ جي غريب هاري کي ڪٿي هڪ ايڪڙ بہ نہ ڏنو ويو.

مٿان وري جنرل ايوب خان جي آمريتي دور ۾ پاڪستان مٿان ون

يونٽ مڙهي سنڌ جي زمينن ٻين صوبن سابق فوجين ۽ ٻين ماڻهن کان قبضا ڪرايا ويا جنهن ڪڏي عمل ۾ اسان جو پوتار مڪمل هنن سان گڏ هيو.

ائين سنڌ جو هاري ۽ زمين تي پورهيو ڪندڙ جيڪو اڳ ئي ستايل ۽ ماريل هو ان کي وڌيڪ چيپاٽيو ويو. هو جو هو پنهنجي ئي وطن ۾ اجنبي بڻجي ويو.

سنڌ جو وڏيرو، سنڌ جي زمينن تي قبضو ڪندڙ ڌاريا، انعام ۾ زمينون حاصل ڪندڙ ريٽائر فوجي، غير حاضر زميندار سڀ گڏجي هارين تي ظلم ڪرڻ لڳا. پاڪستان ٺهڻ وقت صرف اوڀر بنگال ۾ زرعي سڌارا آڻي جاگيرون ٽوڙي ڪنهن حد تائين هارين کي فائدو ڏنو ويو باقي سڄي پاڪستان جي صورتحال ذري گهٽ ساڳي رهي.

جڏهن تہ سڄي دنيا مان اهو فرسوده نظام ختم ٿي ويو آهي يا خاتمي جي ويجهو آهي پر بدقسمتي سان سڄي پاڪستان خاص ڪري سنڌ ۾ هن مردارٖ ظالمانہ نظام کي جياريو پيو وڃي.

ايوب خان جو زرعي سڌارو يا ذوالفقار علي ڀٽي جو زرعي سڌارو جنهن سان اڪثريتي هاري عوام کي ڪو فائدو نہ ٿيو، جيڪي زمينون ڪجھ هارين کي مليون تن کان بہ جبري پوتار واپس وٺي ويا. اڪثر هاري عوام ساڳيو ظلم جي چڪي ۾ پيڙجندو رهيو.

جنرل ضياءُ، جنرل پرويز مشرف ۽ ان کان پوءِ وارن دورن ۾ مڪاني حڪومتن جي نالي ۾ ضلعا پوتارن حوالي ڪري انهن کي ڪارائي پياري مواڙڪيو ويو.

ڇاڪاڻ تہ سنڌ جو پوتار ڪرپٽ، استحصالي، عياش لالچي ۽ ويڪائو آهي ان ڪري هن ۾ اها صلاحيت ئي ناهي تہ ڪو هو مزاحمت ڪري سگهي تنهنڪري هو رياستي ٻين استحصالي حڪمرانن جو دلال

ءِ پاڳي پائيوار ٿيو پوي جنهن ڪري ڏارين کي سنڌ جي وسيلن تي قبضي ڪرڻ جو آسان حدف مليو وڃي.

هن وقت بہ جاگيردار ۽ وڏيرو آساني سان هارين تي ظلم ڪري ٿو. ان ڪي بي دخل ڪري ٿو ڇاڪاڻ تہ رياست جي طاقت بہ هن سان سهڪاري آهي ۽ اڪثريتي عوام غلامي ۾ وڪوڙيل آهي.

هن اڪثريتي عوام کي ايتروتہ غلام رکيو ويو آهي جو هو هاڻ هن غلامي مان نڪرڻ لاءِ سنجيده ڪوشش بہ نٿو ڪري سگهي.

سائين احمد نواز هڪڙي صاحب جو هي ڪتاب جتي اسان کي غلاميءَ جا سبب ٻڌائي ٿو اتي هو هن ڪتاب ۾ غلاميءَ کان ڇوٽڪاري جا رستا بہ ٻڌائي ٿو تہ ڪيئن نہ سابقہ سوويت يونين، چين، ويتنام بنگلاديش، ڪيوبا ۽ ٻين ملڪن هن عذاب مان جان ڇڏائي آهي.

آئون سمجهان ٿو ”زرعي سوال“ خاص ڪري سنڌ لاءِ اهم فڪري موضوع آهي جنهن تي غور ويچار ڪري اسان اڳتي جون اٽانگيون ۽ ورن وڪڙن واريون راهون تلاش ڪري سگهون ٿا.

ڊاڪٽر دلدار لغاري

صدر، سنڌي هاري تحريڪ

ميرپور خاص، سنڌ

5 جنوري، 2023ع

مهاڳ

"زرعي سوال" ڪتاب، ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙو جو لکيل آهي. زرعي سوال تي تحقيقي تجزيا شامل آهن. ڪتاب ۾ لاڳاپيل سوال متعلق ڪل ويهه سياسي ۽ معاشي تجزيہ ڪيل آهن. ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙو معاشيات جي علم جو هڪ مجيل پروفيسر آهي. اسان جو پراڻو ساٿي آهي. انکي اهو اعزاز حاصل آهي تہ هو زرعي سوال (ايگريرين ڪسچن) جي موضوع تي مسلسل نظرياتي فڪري موضوئن تي مسلسل لکي رهيو آهي تہ جيئن سنڌ توڙي ملڪ جي اندر زرعي سوال کي انتهائي ڳوڙهي نظر سان سمجهي سگهجي. خاص طرح سان زرعي سوال کي هاري ورڪر، وطن دوست رهنمائن، پورهيت تحريڪن، جاگيردار شاهي ۽ وڏيرا شاهي واري سرشتي کي وڏيڪ پرکي سگهجي ۽ ان جي آڌار تي پنهنجي سياسي تحريڪ، وڏيرڪي نظام خلاف جدوجهد ۽ مزاحمت جو رخ طئي ڪري سگهجي ۽ زمين تي محنت ڪندڙن جي نجات، معاشي آزادي جا حق ۽ مالي حق بحال ڪري سگهن.

زرعي سوال جون پاڙون تاريخ، سماجيات ۽ اقتصاديات ۾ تمام گهري نموني کتل آهن. ليڪ سنڌ توڙي پوري ملڪ جي اندر غالب زرعي سوال جي گهرين پاڙن کي ڪوتي مغلن جي "شهنشاهيت" کان ڪٽي اهو ٻڌائي ٿو تہ زرعي سماج شروعاتي دور ۾ ڪيئن نهيو. ڪهڙي قسم جا زرعي سماجي معاشي لاڳاپا هئا. زرعي سماج جي فطرت انگريزي دور کان ڪهڙين شڪلين ۾ اڳ موجود هئي، سامراجي غلبي ان کي ڪيئن قائم رکيو. ليڪ ڪتاب ۾ ٻڌائي ٿو تہ مغل بادشاهن جا عامل ٽيڪس اوڳاٽيندا هئا. پر زمين ڳوٺن جي ملڪيت هئي. ٽيڪس جمع ڪندڙ وڏ ۾ وڏ آمدني حاصل ڪرڻ لاءِ استحصال ڪندا هئا پر انهن کي زمين جي ڪميونٽي جي ملڪيت ۾ مداخلت ڪرڻ جي اجازت نہ هئي. تنهن دور ۾ جاگيرون عام هيون. زمين بادشاهن جي ملڪيت هئي. مغل شهنشاهہ ڪهڙي بہ وقت زمين

کي نجي جاگيردارن کان سند واپس وٺي ٻئي کي ڏيندا هيا. اهو ڪرڻ عام ۾ سندن انتظامي معاملو هيو. جنهن کي چاهيندا هيا تنهن کي لشڪر مهيا ڪرڻ جي بهاني يا فرمانبرداري عيوض جاگيرون انعام ڏئي ڇڏيندا هئا يا واپس به وٺندا هيا. پر ليڪ اهو به ٻڌائي ٿو ته ان عمل جي بدلي ۾ هارين جون مغل شهنشاهن ۽ جاگيردارن خلاف بغاوتون ۽ مرهٽن، سکن جو مزاحمتون ۽ ٻيون بغاوتون به عام جام هيون. باغي ڪڙم قبيلن سان زمينن تي راتاهن جي سخت مزاحمت ڪندا هئا. پر پوءِ به جاگيردار شاهي هندستان جي ڪيترن ئي علائقن ۾ قابض ٿيندي ويئي، اِگِتي هلي اهي جاگيردار اوپر ۽ يورپ سان آزاد واپار به ڪرڻ شروع ڪيو. انهن ۾ اڌ، بينگال جي رياست ۽ مرهٽن جون جاگيرون مثال آهن. پر سماجي ارتقا، سياسي معاشي تقاضائن، سماجي رشتن ۽ زمين تي تعلق، پئنچاتي، پدرشاهي ۽ اوچ نيچ جي نظام اڳتي هلي زمين جي ورهاست، استحصال ۽ نجي ملڪيتن ۾ زمين تي ڪم ڪندڙ هارين جي سماجي ۽ معاشي تفريق ۾ وڏو فرق آندو.

ليڪ اڳتي هلي سنڌ ۾ مقامي حڪومتن ۽ انگريزن جي هندستان حڪمراني تي به تفصيلي ڳالهائي ٿو جنهن اڳتي هلي ڪميونٽي واري پئنچاتي نظام جي جاءِ تي، نجي زمين جي نظام کي، نجي ملڪيتن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. جو ته انگريز سرڪار ان کي پنهنجي ملڪ ۾ رائج قانون وانگر نجي ملڪيت ۾ تبديل ڪيو. ليڪ ٻڌائي ٿو ته برطانيه جي بينڪيت وقت به غلامي ۽ طبقاتي سماج هيو. دراصل زميني طاقت وڌڻ ڪري ان تي ڪم ڪندڙ هارين جي معاشي زندگي اجا به ابتر ٿي ويئي ڇاڪاڻ جو ان تي ڪم ڪندڙن جو معاوضو نالي ماتر ۽ سندن معاشي حالت کي ٺيڪ ڪرڻ ممڪن نه هيو. انگريزن جي دور ۾ زمين جي مالڪي، زميندارن ۽ جاگيردارن کي ته ملي پر هاري يعني ڪم ڪندڙ ساڳي ڪرت سان رهيا. ليڪ اڳتي هلي انارهين صديءَ جي ايسٽ انڊيا ڪمپني جي اچڻ ۽ ان جي واپاري عمل مان هڪ زبردست ڦرلٽ جو ذڪر ڪري ٿو. جنهن ڪانپوءِ ان هڪ واپار جي شڪل ورتي ۽ اها اڳتي هلي برطانيه جي

سرمائيداراڻي ترقي جي شڪل ورتي. سڀ ڄاڻن ٿا تہ انگليند جي انهي ترقي ۾ هند ـ سنڌ جي پورهيتن جو استحصال بہ شامل آهي. ليڪڪ لکي ٿو تہ: ”بہ سئو سالن جي هندستان تي انگريزن جي ايسٽ انڊيا ڪمپني جي وقت کان حڪمرانيءَ ۾ پاڪستان جي ديسي حڪمرانن، منظم طريقي سان جاگيرداري ۾ بينڪي راڄ قائم ڪري ساڳيو نظام جاري رکيو آهي. مطلب زمين جو نظام ساڳيو آهن ۾ ان تي محنت ڪندڙ ساڳيا آهن، صرف آقا تبديل ٿيا آهن“.

ليڪڪ هند ۾ سنڌ جي زمين جي تاريخ کي ڪوتليا چاڻڪيا جي ڪتاب ”ارٿ شاستر“ سان ڳنڍي ٿو جنهن ۾ بادشاهہ زمين جو واحد مالڪ آهي، ٻين لفظن ۾ زمين جو مالڪ پوکي ڪندڙ آهي. انگريزن ”زميندار نظام، روتواڙي نظام ۽ بعد ۾ محل واڙي نظام متعارف ڪرايو. ليڪڪ مطابق پس وَ پيش اهي بہ استحصالي ئي هئا. ليڪڪ ڪجهہ انگ اکر سنڌ بابت ڏنا آهن. جنهن ۾ 1990ع سال سنڌ ۾ ستاسي سيڪڙو هاري بي زمين يا قرضدار هيا. هو لکي ٿو تہ بيروزگار هارين کي جذب ڪرڻ لاءِ ايترا ڪارخانہ بہ ناهن ۾ هاري ويچارا ٻيا ڪم يعني مال جانورن جي پالنا ۾ روزانہ ڏهاڙي جي مزدوري ڪري گهر جو چرخو گهلي هلائي ٿو اڳتي ليڪڪ لکي ٿو تہ نيپيئر اچڻ شرط سنڌ کي ڪراچي، حيدرآباد، شڪارپور روينيو ڪليڪٽري ۾ تبديل ڪري جاگيرون ڏيئي سنڌ ۾ سياسي وفاداريون حاصل ڪيون. زمين جو اهو تعداد يارهان لک تيرهان هزار ايڪڙن تي مشتمل آهي. وري 1947ع کان اڳ پنجويهہ لک ايڪڙ زمين هندو سيٺين وٽ گروي هئي. مهاڳ ۾ ليڪڪ جا سمورا انگ اکرن جا حوالا ڏيئي نہ ٿا سگهجن پر ڪتاب ۾ اندر پڙهڻ کانپوءِ پاڪستان کان اڳ واري دور ۾ پوءِ واري هاٽوڪي دور جي سموري عڪاسي ڪتاب پڙهڻ سان ئي سمجهي سگهجي ٿي. ليڪڪ هجرت جي نتيجي ۾ آيل مهاجرن کي زمين جي الاٽمنٽ، بار بار مارشلائون، ون يونٽ ۾ آبپاشي جي ترقي جي نتيجن ۾ سترهان لک ايڪڙ ڌارين کي الاٽ ٿيڻ جو ذڪر ڪيو آهي. ان کان سواءِ گڊو بيراج ۾ ڪوٽڙي بيراجن جي نيلامي، ڊيم متاثر، جنگ متاثرن، جي

نالي ۾ زمينن جي استحصال ۽ قبضي جي الڳ ڪهاڻي آهي.

ليڪڪ ان سموري صورتحال جو جائزو هن طرح ڏنو آهي ته، زمين جي ملڪيت تي زمينن تي ڪم ڪندڙن کان سواءِ ٻين جو وڏو بار آهي اهي هي زمين تي ڪم نه ٿا ڪن. اهي غير حاضر زميندار آهن يا سندن منشين معرفت هڪ استحصالي ڍانچو آهي ۽ انهن زمين تي ڪم ڪندڙ هارين، ٻني مزدورن، ڏهاڙي وارن جي لاءِ معاشي اڻبرابري، سماجي غلامي ۽ اڻ برابري جو پورو نظام پيدا ڪيون ويٺا آهن جنهن ۾ سماج ۾ غربت، اڻ هوند، جهالت، قبائليت ۽ ناانصافي پيدا ڪئي آهي ۽ ان کي جدوجهد وسيلي ئي تبديل ڪري سگهجي ٿو. ليڪڪ جو پورو ڀروسو آهي ته ٻنئي جو غير منصفاڻو نظام، غير حاضر زميندارن کان زمين وٺي ڪم ڪندڙ هارين کي ڏيڻ، وڏي پيماني تي زرعي سڌارا آڻڻ، جنهن ۾ وڏي زمينداري ۽ جاگيرداري جو خاتمو لازمي ڪرڻ، غير قانوني ڪچي جي قبضي واري زمين اتان جي مقامي هارين کي ڏيڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ئي نه آهي. هو چوي ٿو "اصل ۾ پنهنجي وسيلن جي مالڪي قوم دوستي آهي" ۽ جيڪو ڪيڙي سو ڪائي ذاتي ملڪيت جي نظام جي خاتمي سان مشروط آهي ۽ اهڙو مطالبو ظاهر آهي ته سنڌ جون پورهيت ۽ هاري تنظيمون جيستائين پاڻ نه ڪنديون تيستائين سندن نجات به ممڪن نه آهي."

ليڪڪ جو ٻيو اهم مضمون "زراعت ۾ سرمائيداراڻي ترقي ۽ طبقاتي جوڙجڪ جو سوال" جنهن ۾ هن پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ زرعي سوال _ زمين جي ملڪيت واري سوال کي اهم ڪري ڪنيو آهي. پر هو ٻڌائي ٿو مسلم ليگ جي حڪومت جنهن ۾ اولهه پاڪستان جا زميندار ۽ جاگيردار شامل هئا، تن زرعي سڌارا حقيقي طرح ڪرڻ نه ڏنا. صرف اوڀر بنگال ۾ زرعي سڌارا جيڪي اڳ ۾ به آيل هيا پر وڌيڪ ڪيا ويا ۽ اولهه پاڪستان سنڌ سوڌو انهن سڌارن کان رهجي ويو. ايوب خان جي دور ۾ نالي ماتر سڌارا آيا ليڪڪ زرعي شعبي جي سرمائيداراڻي ترقي واري ڳانڍاپي تي بحث ڪري ٿو ته اهو سرمائيداراڻي ڏاڪي تي پهتو آهي يا نه. پر انجو ڍانچو هاڻ به جديد نه پر روائتي آهي. هاڻ به 2020ع جي سروي مطابق ٽيهٺ سيڪڙو هاري

سنڌ ۾ بي زمين آهن. پيداواري رشتا نيم جاگيرداراڻا ۽ نيم سرمائيداراڻا، اوائلي پيداواري رشتن جي شڪلين ۾ موجود آهن.

ليکڪ ايڪويهين صدي ۾ هارين جي سوال کي ۽ خاص طرح سنڌ جي هارين جي سوال کي نون ۽ تاريخي تقاضائن سان ڳنڍي انجي حل بابت ڳالهائي ٿو. هو نيو لبرل معاشي نظام ۽ سرمائيداراڻي ترقي کي هارين جي بنهه آخري نجات نه ٿو سمجهي ۽ هو چئي ٿو ته زمين جي مالڪي ان تي ڪم ڪندڙ پورهيت هارين وٽ هجي ۽ ان جي محنت جو اجورو به اهي ئي حاصل ڪن. ان ڪري زرعي بدحالي کي صنعت ڪاري ذريعي حل ڪرڻ کي "فڪري ڏند ڪٿائون" ٿو چوي.

ليکڪ ڪتاب ۾ زرعي سوال کي ڪجهه هن طرح سان سمجهايو آهي ته زرعي سوال کي برصغير جي اندر زرعي سوال جي ارتقا ۽ انگريزن خلاف قومي جدوجهد کي سمجهڻ کان سواءِ هرگز سمجهي نه ٿو سگهجي. برصغير جي ورهاڱي کان اڳ، گڏيل هندستان ۾ زرعي جدوجهد، قومي آزاديءَ جي جدوجهد جو حصو هئي. جدوجهد جي نوعيت ۽ ان جو ڪردار جاگيرداري ۽ سامراج مخالف هو. جدوجهد جو اصل رخ زمين جي حقن جي حفاظت ۽ تحفظ هو. اها جدوجهد انگريزن جي زمينن جي مالڪي، ٽيڪس گڏ ڪرڻ يا ٽيڪسن ۾ واڌ جي خلاف ۽ بهتر اجرت ۽ سهولتن لاءِ اها جدوجهد جوهر ۾ جاگيرداري خلاف هئي. ان قومي تحريڪ جو مرڪزي سوال زرعي سوال هو ۽ زرعي جدوجهد جو مرڪزي سوال قومي آزادي ۽ هارين جي حقن جو تحفظ هو.

ورهاڱي کان پوءِ سياسي ڍانچو سنگين قسم جي ساختي، معاشي ۽ قومي تضادن ۾ پڪڙجي ويو. حل نه ٿيل سوالن مان هڪ سوال زمين جي مالڪيءَ جو سوال هو. مسلم ليگ حڪومت 1948ع ۾ سنڌ هاري ڪميٽي ان اميد تي قائم ڪئي ته هاري، مسلم ليگ کي ووٽ ڏيندا. چاڪاڻ ته زميندار ۽ جاگيردار حڪمران اشرافيه جو حصو هئا. اولهه پاڪستان ۾ ان جي سياسي طاقت زميندار طبقن جي هٿن ۾ هئي، ان ڪري اهي طاقتون پاڪستان کي ڪائڻ ۾ پنهنجن همه منصبن سان ورهائڻ لاءِ تيار نه هئا بلڪ

اهي مشرقي پاڪستانين ڪان نفرت ڪندا هئا. 1971ع ۾ اوپر پاڪستان جي سياستدانن اعلان ڪيو آهي تہ اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ جاگيرداري نظام کي ختم ڪري ڇڏيندا هنن بنگال ۾ 1951ع ۾ زميني سڌارا متعارف ڪرايا. اوپر پاڪستان ڪان اولهہ پاڪستان جي بيوروڪريسي ۽ آمريتي ڌرين ۽ وڏيرڪي نظام وارين قوتن جو هڪ تضاد جو سبب هاري سوال بہ هيو. ڇاڪاڻ تہ هاري سوال وسيع معني ۾ قومي سوال آهي. پر ملڪ وڏيڪ ورهائجي ويو. ان ڪري ڪنهن نہ ڪنهن سبب ڪري پاڪستان ۾ زرعي مسئلو حل نہ ٿي سگهيو آهي.

جيتوڻيڪ ايوب جي دور ۾ هنڪس ۽ بين الاقوامي ادارن جي مدد سان آبپاشي جو نئون ڍانچو تيار ڪيو ويو. نوان ٻج، پاڻ ۽ زرعي مشينون پيدا ڪيون ويون. جنهن جي نتيجي ۾ زراعت ۾ سيڙپڪاري ۽ واڌارو ٿيو. نالي ماتر زميني سڌارا تہ آيا پر ان جو وڏو فائدو وڏن زميندار طبقن کي ٿيو. ان ڪان پوءِ لڳاتار مارشلائن ۽ سياسي عدم استحڪام پاڪستان جي سياسي منظرنامي ۾ ڪو بہ فرق نہ ڪيو آهي. ويتر سنڌ جي زرعي، ٻيٽ ۽ پاڻي واريون ملڪيون، سنڌ جي عوامي ۽ قومي مالڪي ڪان ٻين جي قبضي ۾ اچي رهيون آهن. ليڪڪ جي نظر ۾ اڄ ڪلهہ جي حالتن ۾ زرعي سوال صرف سرمائيداراڻي ترقي ۽ طبقاتي ڍانچي جو نہ آهي. جيئن تہ زرعي ترقي، هاڻي صنعتي ترقيءَ جي ضرورت نہ رهي آهي، جيئن تہ عالمي سرمائيداراڻي نظام دنيا جي مارڪيٽن کي ڳنڊيو آهي ۽ زرعي سرگرمي ان جي دٻاءَ ۾ آهي. انهن حالتن ۾ زرعي تبديليءَ جي ارتقائي اميد رکڻ کپي يا نہ؟ يا صنعتي تبديلي جو ڪو وڏو انقلاب جلدي ايندو يا نہ يا ڇا نئين دور جي ڊجيٽل دنيا سنڌ جي زرعي ۽ وڏيرڪي نظام کي ڏونڊاڙيندي يا نہ. اسان ڏسي رهيا آهيون تہ معيشت جا زراعت ۽ صنعتي شعبا ٻئي جمود جو شڪار، قرضن ۾ ٻڏل آهن. زراعت ۾ معاشي ترقي نالي ماتر آهي. زراعت هاڻي نہ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ جي قابل آهي ۽ نہ ئي پيداوار وڌائڻ جي وڏي صلاحيت رکي ٿي يا واپار يا برآمد ۾ زبردست حصو وٺي سگهي ٿي. پر هاڻ بہ وڏي آبادي زراعت تي منحصر آهي. ملڪي معيشت ۾ زراعت جو

حصو تيزي سان گهٽجي رهيو آهي، خدمتن جي شعبي جو حصو واضح طور تي وڌايو ويو آهي. اسان جو زرعي شعبو پيداواري سطح، پنهنجي پيل ملڪن کان ٻه وڏيڪ پوئتي پيل آهي. صنعتي شعبو پڻ معاشي لبرل سرمائيداري بين الاقوامي ڳانڍاپي جي ڪري، جمود جو شڪار آهي. پر اسان جي آباديءَ جي ان وڏي اڪثريت لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ زراعت تمام ضروري آهي، جن جي رهڻي ڪهڻي، روزگار، خوراڪ جون ضرورتون، زرعي سرگرمين سان جڙيل آهن، اها عوام جي زندگيءَ جو اهڃاڻ آهي. پر الميو اهو آهي ته اڄ ٻهراڙي جو وڏو پورهيو ڪندڙ حصو اڏ ٻنئي جي ناڪاره نظام، نالي ماتر معاوضي وارو ڪيت مزدور، غلامي ۽ جبر پورهيي ۽ عورتن جي معاشي غلامي ۾ جڪڙيل آهي.

سنڌ ۾ نه رڳو سماجي، معاشي طور تي وڏي آبادي جو گهڻو انحصار، زمين سان ڳنڍيل آهي. پر ان جي سيني شڪلين ۽ ڪردارن جي مالڪي هڪ ننڍڙي اقليت جي هٿ ۾ آهي. وڏي اڪثريت اڄا تائين ان تي زندگي گذاري رهي آهي، سنڌ جو زرعي سوال گهڻ پاسائون آهي. اهو وڏي زمينداري، غير حاضر زميندان، رٽائر فوجي افيسرن کي پڳڙن مٺ تي ڏنل زمينن، روينيو رڪارڊ جي هيرا ڦيري هيٺ آيل ملڪيت تي قبضا، ڪچي ۽ دريائي پيٽ جي علائقي ۾ بي نامي زمينن، تي وڏيرڪا قبضا، بندن جي زمين ۽ ڪاڇي جي زمينن، مٽي پاٽي تي قبضا ۽ ايڪيو پراپرٽي جي نالي ۾ ڪليمي قبضن ۽ وفاق کي سنڌن بي جا امن جي گهرجن جي نالي ۾ اندروني پڪيڙ ۽ شهري آبادين جي نالي ۾ هارين کي بي دخل ڪرڻ، بلڪ کين ملڪيت کان محروم ڪرڻ ڊي پيزنٽائيزيشن آهي. اسين هاڻ ٻه ڏسون ٿا ته اسان جي زرعي معيشيت جا ڪجهه بنيادي پراڊڪٽس اڄا تائين محفوظ معيشت جي طور تي بيان ڪري سگهجي ٿا، اهي تجارتي اسٽيج تي پهچائي سگهجن ٿا. پر ڪاڏي جي ضرورتن جو خيال رکڻ لاءِ واحد شعبي جي وڏي اڪثريت اڄا تائين هاري بنيادن تي ڪم ڪري ٿي، روزاني اجرت ڪمائيندڙ زميندار طبقن جي رحم ڪرم تي يا بازار ۽ قيمت جي نظام جي رحم ڪرم تي. وڏي اڪثريت کي نه زمين تائين رسائي آهي ۽ نه ئي ملڪيت. اهي بنيادي

انساني ضرورتن ۽ حقن کان محروم آهن، اهي پنهنجي بکايل پيٽ کي کارائڻ لاءِ غير رسمي مزدورن طور ڪم ڪري رهيا آهن. انهن ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ، تخليقي يا نوان طريقا متعارف ڪرائڻ جي ڪا بہ رغبت يا پيش قدمي نہ آهي، چاڪاڻ تہ دولت جي مقابلي ۾ ڪمائيندڙ فصلن ۾ ڪين ڪا بہ دلچسپي نہ رهي آهي ڇو تہ اهي زراعت ۾ دلچسپي نہ رکندا آهن پر غلامي جي ويجهو زندگي گذاريندڙ آهن. مارڪس جي معاشي تصور بيگانگي واري الميي طور هو منجهيل آهن چاڪاڻ تہ زمين ڪيس معاشي ۽ سماجي خوشحالي کان ڪيس هاڻ بہ پري اڻبرابري ۾ رکيون بيٺي آهي.

ليڪڪ جا وڏيڪ ويچار سرمائيداري معيشيت واري مداخلت بہ آهن. ليڪڪ ان ڳالهہ کي سمجهائڻ ۾ مدد ڪري ٿو تہ اسان جي خطي ۾ سرمائيداراڻي نظام جي ارتقا ۽ مداخلت سبب زرعي سوال هاڻ بہ انتهائي اهم آهي. هو ڏسي ٿو تہ سرمائيداراڻي مداخلت زراعت ۾ ڪا بہ خاص سماجي تبديلي نہ آڻي سگهي آهي. گذريل ڪجهہ ڏهاڪن کان عالمي لبرلائيزيشن پاليسين جي ڪري زرعي پيداوار ۽ روزگار ۾ حصو مسلسل گهٽجي رهيو آهي ۽ وڏي اڪثريت غربت ۾ زندگي گذاري رهي آهي ۽ سماجي اڻ برابري پنهنجي انتها تي آهي

ليڪڪ جا ٽي آخري مضمون بہ ڏاڍا اهم آهن. اهي ريئل اسٽيٽ جي ڪاروبار ۽ ماحولياتي اثرن تي ڳالهائن ٿا. هو پاڪستان ۾ ريئل اسٽيٽ جي ڪاروبار کي بغير اصولن ۽ بنا ضابطي وارو وڌندڙ ٿو سڏي جنهن تي سرڪار يا رياست جو ذري گهٽ ڪوئي بہ قانون لاڳو ناهي ۽ ذري گهٽ سڀ منافعي ڪور ڏريون ان ۾ ملوث آهن.

ٻئي طرف هو ٻئي مضمون ۾ تهذيب جي تقابلي جائزي ۽ ماحولياتي خراب اثرن کي سماجي انقلابي تبديلي سان ڳنڍي ٿو. هونءَ بہ ماحولياتي تحفظ جو سوال هن دور جو مارڪسسٽ سوال آهي. مطلب تہ فطرت کي پڙيانگ ڪندڙ قوتن ۽ پورهيئي جي ڦرلٽ ڪندڙ جو وڏو ڳانڍاپو آهي. سنڌ ۾ فطري مينهوڳي واري مها ٻوڏ کي هو انتظامي ناڪامي ۽ طبقاتي تعصب هيٺ ڏسي ٿو تہ ڪيئن نہ هن ٻوڏ سنڌ ۾ تباهي جا راڳا ڏنا.

زرعي سوال سنڌ جي سمورين سياسي پارٽين لاءِ سنگين چئلينجز پيدا ڪري ٿو اهو کين مجبور ڪري ٿو تہ هو زرعي سوال بابت پنهنجا ويچار ۽ حڪمت عملي چٽي ڪن. اهو سوال لاڳاپيل سرمائيداراڻي ترقي، زمين جي مالڪيءَ ۽ وڏي اڪثريت جي سماجي ۽ معاشي حالتن سان واسطو رکي ٿو. هاري، ڪيتي ڪندڙ زندگين جي ڏوجهائپ ۽ تڪليفن ۾ آهن. وسيلا، غربت، بدحالي، محرومي ۽ سماجي اڻ برابري، بلند ترين سطح تائين موجود آهي، اميد آهي تہ ليکڪ جو هي ڪتاب اسان کي زرعي سوال هڪ قومي ۽ سماجي سوال طور سمجهڻ ۾ مدد ڪندو.

ڊاڪٽر ذوالفقار علي راهوجو

لاڙڪاڻو

پروگريس ٿنڪرس فورم سنڌ

23 ڊسمبر 2022ع

زرعي
سوال

زرعي غلاميءَ جون گهِريون پاڙون ڪٿان آيون ؟

جڏهن ايسٽ انڊيا ڪمپني هندستان کي پنهنجي راڄ هيٺ آندو ته مغل انڊيا اندران ئي اندران ڪاڄي ڪمزور ٿي چڪي هئي. مغلن جي "عظيم" شهنشاهيت مرڪزي طور ته طاقتور هئي پر زرعي سماج کي سامراجي غلبي هيٺ قائم ڪيو ويٺي هئي، نجي ۽ ذاتي جاگيرون عام هيون. رياست طرفان زمين کي نجي جاگيرداريءَ ۾ تبديل ڪرڻ عام ۽ معمول هيو. مغل بادشاهه جنهن کي چاهيندا هئا ان کي لشڪر مهيا ڪري ڏيڻ عيوض يا فرمانبرداريءَ عيوض جاگيرون انعام ۾ ڏيئي ڇڏيندا هئا.

اوچتو ئي اوچتو داخلي ۽ خارجي عنصرن جي ڪري اهڙو عمل هڪ وقت ۾ اچي رڪجي ويو. سبب ڇا هو ته هندستان کي جاگيرن ۾ تبديل ڪرڻ واري عمل سان گڏوگڏ هارين جون جاگيردارن خلاف بغاوتون ۽ مغلن جي خلاف مرهٽن، سکن جون ۽ ٻيون بغاوتون به عام جام ٿي رهيون هيون. جنهن ۾ باغي پنهنجن علائقن ۽ ڪٽنب قبيلن جي هارين جي مدد سان زمينن تي راتاهن جي سخت مزاحمت ڪندا هئا. مغلن جي رياست اهڙين بغاوتن جي نتيجي ۾ آهستي آهستي ٽٽڻ لڳي. زميندار ۽ جاگيردار جيڪي رياست پاران ٽيڪس ۽ ٻيون وصوليون ڪرڻ لاءِ صدين سالن کان مقرر ٿيل هئا. اهي پاڻ کي ايجنٽن ۽ ٽيڪس وصول ڪندڙن مان رات وچ ۾ ڦري، زمينن ۽ جاگيرن جا مالڪ ٿي ويا ۽ اهي هندستان جي ڪيترن ئي علائقن ۾ وڏيون جاگيرون هٿ ڪري ان تي قابض ٿي ويٺا.

مغل شهنشاهيت کان ڌار ٿيندڙ اهڙن علائقن ۾ جاگيردارن جو نه رڳو تعداد ۽ اثر وڌيو پر انهن اوپر ۽ يورپ جي ملڪن سان آزاد واپار ڪري ساموندي رستن تي قابض ٿي، ننڍيون ننڍيون رياستون ۽ جاگيرون قائم ڪري ورتيون. انهن ۾ احمد شاهه دراني، اولهه بينگال، سک ۽ مرهٽن جون

جاگيرون هيون. مغلن جيڪا مرڪزي طور مضبوط شهنشاهيت قائم ڪئي اها ان نجي جاگيرون ٺهڻ ۽ ننڍين ننڍين رياستن جي وجود ۾ اچڻ سان ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندي وئي. جتان بينڪي ۽ واپاري انگريزن موقعي جو فائدو وٺندي، مقامي جاگيردارن سان سازباز ڪري مغل شهنشاهيت جو خاتمو آندو.

ان زماني جو معاشي ۽ سماجي ڍانچو زمين جي چوڌاري ٻڌل هو. اوائلي پنچائتي نظام ان وقت جي قبائلي ۽ پدرشاهي جي ٽٽندڙ نظام جو مختلف شڪلين ۾ متبادل هو. ڳوٺ، زمين جي مرڪزي حيثيت ۾ چوڌاري جڙيل هئا اهي قبائلي پدرشاهي ڍانچا صدين کان ڪمزور اڏاوتن تي بيٺل هئا. مغلن جي زمين جي نظام جي خاتمي تائين ڪمزور ٿي رهيا هئا بلڪ جهڙوڪ ختم ٿيڻ وارا هئا. پيداوار، کپت ۽ ورهاست پنچائتن جي ذات پات آڌار جڙيل هئي.

ان وقت جا معاشي رشتا ابتدائي نوعيت جا هئا. اوائلي معاشي ۽ زرعي جنسن جي ابتدائي پيداواري طريقن تي ٻڌل هئا بعد ۾ اهڙي پيداوار ۽ پدرشاهي تعلق بہ آهستي آهستي ٽٽڻ لڳا. چاڪاڻ جو زمين سان جڙيل ذات پات، متڀيد ۽ اوچ نيچ جا نظام زمين جي درجہ بندي، جاگيردار هاري ۽ ٻين تعلقن مان ٿيندي خانداني زرعي پيداواري طريقن ۽ رشتن ۾ بدلجڻ لڳا هئا.

سماجي نظام بہ زرعي آبادين ۽ زمين جي خانداني ملڪيت سان جڙيل رت جي رشتن ڪڙم قبيلن جي اوائلي ورهاستن جي نظام هيٺ منظم ٿيل هو. جڏهن آمدنين ۽ معاشي طريقن ۾ تبديليون وڌيون زمين غير مساوي ورهاست هيٺ هئي. واڌو اضافي ۽ پيداواري طريقن ۽ پورهيتن جي طاقت ۾ اضافي هندستان جي ذات پات ۽ مت ڀيد ۽ غير انساني استحصال کي هٿي ڏني تہ زمين جي ورهاست استحصال ۽ نجي ملڪيت هارين ۾ سماجي ۽

معاشي تفريق ۾ وڏو فرق آندو.

انگريزن هندستان ۾ اچڻ شرط زراعت لاءِ ڪميونٽيءَ واري زمين جي نظام جي جاءِ تي نجي زمين جي نظام کي نجي ملڪيت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو.

انگريزن جي اچڻ کان اڳ هندستان ۾ زمين جي ڪابہ ذاتي ملڪيت نہ هئي، زمين ڳوٺاڻي برادريءَ جي ملڪيت هئي. انگريزن پنهنجي ملڪ ۾ رائج قانون وانگر زمين کي نجي ملڪيت ۾ ڏيڻ شروع ڪري، زرعي جنسن جي پيداوار ۾ اضافو ڪرڻ چاهيو. پوکيءَ کي هنر کان الگ ڪري هڪ ئي ڌڪ ۾ زمين جي چوڌاري جڙيل سماجي نظام ۽ تنظيم تي ڪاپاري ڌڪ هنيو نتيجي طور ڪيترائي طبقا زمين بوس ٿي ويا. هندستان جو زرعي معاشرو ان وقت ۾ زراعت کي گذر سفر مان ڪڍي واپاري جنسن ۽ پيداواري رشتن ۾ تبديل ٿيڻو هو. جنهن جي نتيجي ۾ ڪيئي سماجي ۽ معاشي رشتا ٽٽڻ جو سبب بڻجڻا هئا .

برطانيا جي نجي ملڪيت ۽ سماجي تبديلين هندستان ۾ داخلي مندبين کي هٿي ونرائي. جنهن جو وڏو اثر ظاهر آهي تہ ڳوٺن ۽ زرعي پيداواري رشتن تي پوڻو هو ڳوٺ رڳو هڪ علامت نہ پر پيداواري يونٽ هئا. پورهئي جي رسد اتان ئي ٿيندي هئي سماجي ۽ معاشي تنظيم جو نالو ڳوٺ هو. ڳوٺ هٿ جي اٽڻ، ڦيٽي، آڏاڻي، ڪيڙڻ ۽ پنهنجي همٿ ۽ طاقت جو سڀ کان وڏو ذريعو بہ هو. ڳوٺ کان ٻاهر جڻ تہ ڪا دنيا وسندي ئي نہ هئي. سڄي معاشي ۽ سماجي زندگيءَ جو چرخو صدين کان اهڙين مٿين شڪلين ۾ جهڙوڪ ڦٽ ٿيل هو. هڪ خاص حرڪت ۽ رخ ۾ نسلن کان جاري ۽ ساري هو. هڪ هاري ڪٽنب معاشي يونٽ ۾ پنهنجي خاندان ۽ ڳوٺ ڪڙم قبيلي سان جڙيل پنهنجون ضرورتون پوريون ڪندڙ هئا.

برطانيا جي بينڪيت وقت بہ اهڙو غلاميءَ جو سماج هو پر پاٽيرو

سفر گذر ڪندڙ سماج هو. توڙي جو اهڙي سماج گپت ۽ موريا ۽ مغلن جي زماني ۾ ترقيءَ ۽ واڌاري جا وڏا عروج ۽ زوال بہ ڏٺا هئا. عام ماڻهو سرڪار کي ٽيڪس بہ مڪاني عاملن جي ذريعي ڏيندو هو. اڪبر جي زماني ۾ جيڪي شهر هئا انهن ۾ ٽيڪس جي استعمال جو خاتمو اچي چڪو هو. شين تي ٽيڪس ڏيڻ جو رواج شروع ٿيو هو. پر هندستان جي معاشي صورتحال پيٽ گذران ڪندڙ ۽ هارين جي استعمال هيٺ زرعي معيشت هئي. اهي جنس جي پيداوار ۽ جاگرافي معاملن ۾ هارين جي هٿ هيٺ هئي، اهي ئي زرعي جنسون خريد ڪندا هئا ۽ ٽيڪس جي اوڳاڙي بہ ڪندا هئا. اڪبر جي زماني ۾ اضافي پيداوار ڪنهن حد تائين هارين جي ملڪيت هوندي هئي ۽ هاري منڊيءَ ۾ ان کي وڪرو ڪري ٽيڪس ادائگي روڪ پئسن جي شڪل ۾ ادا ڪندا هئا.

زمين جاگيردارن جي ملڪيت ۾ اچڻ پيداواري استحصال جي نتيجي ۾ هارين جي زندگيءَ جي معيارن ۽ رشتن ۾ تبديليون اچڻ لڳيون ۽ وڏي اڪثريت وري پيٽ گذر تي مجبور ٿيڻ لڳي. ان ۾ ڪو شق ناهي تہ روڪ پيسن ۾ ٽيڪس ادائگي معاشي واڌ، واپار ۽ ناڻي جي گردش ۾ اضافو ٿيو. پر سماجي نظام بہ زمين جي چوڌاري ٻڌل هو ۽ معاشي نظام پيٽ گذر ۽ ذات پات جي اوچ نيچ ۾ هڪ سماجي توازن قائم هو هڪ قسم جي غلامي هئي. پر معاشي توازن ۾ پاٽيرو سماجي نظام هو زميندار جاگيردار توڙي جو رياست جي ٽيڪس اوڳاڙي ڪرڻ لاءِ رياست جا نمائندا هئا، پر پنهنجي اختيارن کان تجاوز ڪري استحصالي يا ظالم نہ هئا. اهو رڳو ٽيڪس اوڳاڙي اگهہ يا نوان ٽيڪس (روڊن، پاڻي شادي ججھ) وغيره تي هٽي پئي سگهيا. پر زمين جي مالڪي ۽ هارين جي ڪڙم قبيلي جي ملڪيت ۽ آبادگارن جي زميني مالڪي حقن ۾ دخل اندازي نہ ڪندا هئا. زمين هڙپ ڪرڻ نوان ٽيڪس هڻڻ زمين کي پوکي لائق بڻائڻ ۽ زمين کي پنهنجي

ملڪيت وڏائڻ ۽ استحصال ڪرڻ لاءِ ضرور استعمال ڪندا هئا.

مغلن جي مرڪزي رياست جي خاتمي جي اڳڪٿي اڳ ۾ ئي ٿيل هئي. جڏهن مغلن پنهنجي زمينن متعلق پاليسون تبديل ڪري ضلعن ۽ صوبن جون زمينون هندو سيٺن راجائن ۽ بادشاهن کي ڏيڻ شروع ڪيون ۽ پنهنجا اختيار پنهنجي نائبن کي ڏيئي جاگيرون عطا ڪيون. ائين وقت سان اهي جاگيرون ۽ زمينداريون خانداني ملڪيت مان ٿيندي سرڪاري طرح ان جي وارثن ۾ منتقل ٿينديون ويون. توڙي جو زميندار گهربل ٽيڪس ڏيڻ ۾ موچاري ظاهر ڪري تہ ان جي ڪنهن بہ ماڻهو کي متائي ان جي زمين جي مالڪي پوکي ۽ غير پوکي لائق زمين بہ ڏني ويندي هئي.

اهڙي آزاد زمينداري عملَن سماجي ۽ معاشي نظام کي تهس نهس ڪري ڇڏيو. اهڙي نظام زميندارن ۽ جاگيردارن کي هڪ منافي جو الائونس مهيا ڪري ڏنو جو ڪنهن ٽئين ماڻهو عيوض ٽيڪس گڏ ڪرڻ لڳا، زمينون بہ خريد ڪرڻ لڳا. پنهنجو پنهنجو اثر رسوخ علائقي کان ٻاهر بہ وڌائڻ لڳا. حڪمران جيڪي "تعلق" مان فري "مالڪ" ٿيڻ لڳا ۽ ائين ئي هڪ قسم جون ڇورون ٿي هارين جي زمين ۽ پيداواري وسيلن تي حملا آور ٿيا.

ان مان هڪ استحصالي سماج جنم ورتو. جنهن اوائلي، پاڻ تي ڀاڙڻ واري سماج جون پاڙون اکيڙي ڇڏيون. ضلع ۽ تعلقا ٽيڪس گڏ ڪندڙ يونين مان ڦري خانداني اثر رسوخ وارين جاگيرن ۾ بدلجي ويا. جيڪي ٽيڪس گڏ ڪندڙ زميندار هئا. اهي هاڻي هڪ وقت خطرناڪ ڇورون بڻجي هارين جي وسيلن ۽ رت ست کي چوسيندا رهيا. ائين ساڳيو رت چوسڻ جو عمل اڃا تائين جاري آهي.

برطانوي بينڪي سماج ان کي قانوني ۽ جديد شڪل ڏئي وڌيڪ مضبوط ۽ طاقتور بڻايو. نتيجتن، جيڪو زمين جو دقيانوسي ۽ غلامي تي

ٻڌل نظام هو ان جي جڳهه تي موروثي هارين تي ٻڌل ڪيڙيندڙن جي ملڪيت تي ٻيڻل نظام جاءِ والاري ڇڏي جنهن زمين جي رياستي مالڪيت ڪي هينئر جاگيردار ۽ زميندار جي ملڪيت بڻائي ڇڏيو.

ٻئي سماجي ۽ معاشي ڏار ڏار عمل جيڪي هڪڙا هيٺيان ڪان مٿي ڳوناٽي ۽ غلامي جا هئا، ٻيا وري مٿان ڪان هيٺ جاگيرداري طبقي جي استحصال وٺان هئا. زمين هاٽي جيڪا لوڪل زميندار ۽ جاگيردار جي قبضي ۾ آئي تہ ان ۾ بنيادي پيداواري طريقن ۾ ڪا تبديلي نہ آئي ۽ نہ ان جي استحصالي شڪل ۾ ڪا ڦيرڦار آئي. رڳو مالڪي ڦري هارين مان جاگيردار ۽ سرمائيدار جي هٿ ۾ اچي وئي. هن عمل ۾ ڪو هارين کي زمين کان بي دخل نہ ڪيو ويو ۽ نہ ئي ان جي ڇيڙ ۽ غير اجرتي حيثيت ۾ يا غلاميءَ ۾ ڪا تبديلي آندي ويئي. اهوئي زميندار جيڪو اڳ ٽيڪس وصول ڪندڙ هو اهو ڦري جاگيردار بڻجي ويو. هاري زمين يا ساڳي ڪرت سان لڳل هئا. رڳو زمين جي مالڪي جيڪا اڳ مغل رياست جي ڪنٽرول ۾ هئي جيڪا ڦري هاٽي جاگيردار جي ٿي ويئي، پيداواري طريقا، رشتا ۽ استحصال جون نوعيتون ساڳيون رهيون. اهڙي طريقي سان زمين جي ذاتي ملڪيت قومي سطح تي مقامي زميندارن ۽ جاگيردارن جي هٿن ۾ محفوظ ٿي ويئي معاشي نظام مغلن جي زماني وارو ساڳيو رهيو.

ارڙهين صديءَ ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي اچڻ وقت ان طاقتور عمل مان هڪ زبردست ڦرلٽ جي شروعات ٿي چڪي هئي. جنهن پوءِ هڪ واپار جي شڪل ورتي، ان استحصال کي لڪائي ڇڏيو. خشڪ بندرگاهن کان ٿيندي هڪ وڏي ڌاڙي ۽ چوري جي شڪل وٺي برطانيا جي سرمائيداري ۽ صنعت ڪاري جي ترقي ۾ ظاهر ٿي. برطانيہ جي سرمائيداراڻي ترقي، ڦرلٽ ان عمل ڪانسواءِ ممڪن ئي نہ هئي اهڙي ڳجهي ڦرلٽ جو نتيجو اهو نڪتو تہ بنگال جو پورو جو پورو زرعي شعبو هڪ صديءَ ۾ ويهجي ويو. اهو برطانيہ

جو واپاري سرمايو ئي هو جيڪو هندستان مان لڏي برطانيا جي صنعتي ترقيءَ جو بنياد وجهڻ ۾ ڪامياب ويو. درآمدات اجان ان وقت به صنعتي سرمائي جي شڪل مشڪل سان ورتي هئي جو اهو سرمايو منڊي نما خام مال جي مسئلن کي منهن ڏيئي سگهي.

پراڻن جاگيردارن ۽ زميندارن جي تعاون کان سواءِ مٿين عملن مان ڦرلٽ ممڪن نه هئي، ائين جيڪي اڳ مغلن جا ٽيڪس ڪليڪٽر هئا. اهي حڪمت عملي تحت رات وچ ۾ ڦري انگريزن جا نواب ۽ ٻاهرين استحصالي قوتن جا پگهار دار بڻجي پيا.

برطانيا جو مقصد مغلن جي پراڻي جاگيردار انتظاميه جي جڳهه تي هڪ نئين استحصالي پر واپاري طبقي ٽيڪس پريندڙ آبادگار هاري طبقي کي ناهڻ هو. پراڻي مغلن جي جاگيردارن کي برطانيا شهنشاهت جو سرمايي جو زرخريد غلام يا ماتحت بنائڻ هو. زميندار ۽ جاگيردار يا ڪڙم قبيلي جاتي_ورنا زمين جي مالڪي جي نظام کي ڊاهي رياست ۽ آبادگار جي تعلق کي مظبوط بڻائڻ هو. بمبئي مدراس ۾ جاتي_ورنا نظام جي جڳهه تي زمين تي ٽيڪس گڏ ڪرڻ جو مالياتي يونٽ منظم ڪرڻ ۽ هڪٻئي جي سهڪار سان رياست ۽ هارين جي وچ ۾ هڪ بنياد مهيا ڪري ڏيڻ هو.

انگريزن 1794ع ۾ زميندارن کي هارين کان ٽيڪس جو نوي سيڪڙو مقرر ڪري زميندارن کي هارين کان بي دخل ڪرڻ جو حق ڏنو. ٽيڪس اگهه پنهنجي مرضيءَ سان وڌائي ڇڏيا، زميندار هارين جي مسئلي ۾ پاڻ ئي جج ٿي فيصلو به ڪرڻ لڳا. ان نتيجي ۾ جيڪي هاري ڪڙمي بڻجي ويا، انهن کي به ڪي حق نه هئا. زميندار رات وچ ۾ زمينن جا مالڪ بنجي ويا جيڪي هاري اوئلي نظام ۾ مالڪ هئا اهي هن ائڪٽ ۾ رات وچ ۾ ڪمزور ۽ بي دخل ٿي ڪڙمي بڻجي ويا. هارين جن کي صدين کان موروثي طور تي مالڪي هئي. هينئر سواءِ ڪنهن حق جي زميندار جي

خواهش ۽ حڪم تي بي دخل ٿيڻ لڳا، هاري مالڪن مان ڦري زميندار جا زرخيز غلام بڻجي ويا ۽ نہ ڪيڙڻ جي صورت ۾ زميندار پنهنجا هاري بيهاري پوکي ڪرائڻ لڳا. بنگالي زميندار مغلن جي آخري دور ۾ زميندار وارو ڪردار ادا ڪرڻ لڳا. زميندار نہ رڳو زمين کان ٽيڪس وصول ڪرڻ لڳا پر تاريخي طور تي هڪ چور بڻجي هارين جي رت چوسڻ لڳا. ائين زميندارن مان ننڍا زميندار ٽيڪس گڏ ڪندڙ هزارين تعلق ۾ چيف زميندار هارين مٿان عذاب تي ڪڙڪي پيا. ائين 1828ع جي ايڪٽ تحت جيڪي بہ غير آباد زمينون زميندارن جي علائقن ۾ چراگاهون، ٻيلا ۽ وسنديون رياست جي ملڪيت ۾ هيون انهن جون من پسند ذاتي ملڪيتون بڻجي ويون.

هندستان ۾ واپارين، سرمائيدارن، انگريزن سان ملي سرمائي جي سيڙپ سان زمينداريءَ جا لقب ۽ ڪاتا وٺي مقاطعي تي زمينون خريد ڪري هارين کي بي دخل ڪري غلام بڻائي قرضي ۽ محتاج بڻائي ڇڏيو. هندستان جي مٿئين طبقن جو سرمايو جيڪو صنعت ڪاريءَ ۾ لڳڻ گهربو هو اهو سرمايو زمينن ۾ لڳائي فطري طور هڪ طبقي جو بنياد وڌو ويو. جيڪو ويهين صديءَ تائين انگريزن سان وفادار رهيو ۽ ان کان پوءِ بہ برطانيا سرڪار جو مضبوط اتحادي ٿي اڀريو.

بہ سئو سالن جي هندستان تي انگريزن جي حڪمرانيءَ ۽ پنجهتر سالن کان پاڪستان جي ديسي حڪمرانن منظم طريقي سان جاگيرداري ۽ بينڪي راڄ قائم ڪري ساڳيو نظام جاري رکيو آهي ڪجهہ بہ تبديل نہ ٿيو آهي، ساڳي غلامي جاري آهي. البتا غلامي نون حڪمرانن هيٺ آهي. زمين جو نظام ساڳيو آهي ۽ هاري ساڳيا آهن. جيڪڏهن ڪجهہ تبديل ٿيو بہ آهي تہ صرف آقا تبديل ٿيا آهن ۽ غلامي ساڳي آهي. هاري ساڳي طبقي جا غلام آهن.

زمين جي مالڪي اقتصادي ۽ سماجي عمل کي بي نقاب ڪري رهي آهي!

قديم هندستان ۾ زمين جي مالڪيءَ جي هڪ ڊگهي تاريخ آهي. ڪوتيليا چاڻڪيا جي ڪتاب "ارٿ شاستر" ۾ بادشاهه زمين جو واحد مالڪ آهي. ٻين ڪيترين ئي لکڻين ۾ زمين تي پوکي ڪندڙ عملي طور زمين جا اصل مالڪ سمجهيا ويندا رهيا آهن. اوائلي نظامن ۾ زمين تي ٽيڪس هڻڻ، وڌائڻ يا گهٽائڻ جو اختيار فقط بادشاهه وٽ هوندو هو هندستان ۾ زمين تي ٽيڪس جو قديم نظام نافذ هو پر اڪبر جي زماني ۾ ٽيڪس نظام ۾ ڪجهه بهتري آئي. ٻين مسلمان حڪمرانن جي دورن ۾ ٽيڪسون مختلف شڪلين ۾ پڻ جمع ڪيون وينديون هيون. شير شاهه سوري سورهين صديءَ ۾ زمين تي روينيو جي تشخيص ۽ زمين جي آبادڪاريءَ جا عمل شروع ڪيا. ائين مغلن جي سياسي انتظام هيٺ زمين ان جي ئي ملڪيت هئي جنهن جي قبضي هيٺ هوندي هئي. مغل حڪمرانن جي مداخلت رڳو ايتري هئي تہ زمين مان حاصل ٿيندڙ ٽيڪس ۽ آمدني (روينيو) جي اوڳاڙيءَ جي هڪ حد مقرر ڪيل هئي. قابض جاگيردار ۽ زميندار ڪيڙيندڙن کان رڳو ٽيڪس اوڳاڙي ڪندا هئا، زمين جي قبضي ۽ ملڪيت ۾ ڪين مداخلت ڪرڻ جي اجازت نہ هئي. زمين تي رهتون بہ هڪ مقرر حد تائين واجب الادا هونديون هيون.

اهڙو سرشتو هندستان ۾ صدين کان قائم هو. مغلن زمين جي نجي ملڪيت کي غير اهم سمجهي ڪڏهن بہ ان حق کي سنجيده نہ ورتو ۽ نہ ئي ڪڏهن ان کي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ نہ ئي حڪمران يا سياسي انتظاميہ مداخلت ڪئي.

انگريزن هندستان ۾ اچڻ شرط پنهنجي ملڪ ۾ رائج زمين جي

ملڪيت ۽ ذاتي ملڪيت جي قانون کي هندستان ۾ رائج ۽ لاڳو ڪرايو. برطانيہ ۾ زمين جي مالڪي، وقت جي بادشاهہ جي ملڪيت هئي ۽ زمين تي قابض جاگيردارملڪيت جي مالڪ ۽ محافظ -بادشاهہ جي وچ ۾ رابطي لاءِ ٽيڪس جمع ڪندڙ ۽ ملڪيت جي حفاظت جو ذريعو هئا. انگريزن هندستان ۾ اچڻ شرط زمين جي ملڪيت جا ٽن قسمن جا نظام متعارف ڪرايا:

1. **زمينداري نظام:** هن نظام هيٺ زميندار هڪ مقرر ۽ ممڪن حد تائين ٽيڪس اوڳاڙي ڪري سگھي ٿو. ساڳي وقت حڪومت ٿوري گھڻي فرق سان زمين جي مالڪ کان سڌو سنئون ٽيڪس بہ وٺي سگھي ٿي.
2. **روتواڙي نظام:** هن نظام ۾ هارين يا زميندار کي زمين جو مالڪ سمجھيو ويندو هو.
3. **محل واڙي نظام:** اهو نظام زميندارن يا پنچائتن تي مشتمل هو جيڪي پوري ڳوٺن يا ڳوٺن جي گروهن جي نمائندگي جي دعوي ڪندا هئا. ڳوٺ جي برادرين سان گڏ، جي زميندار گڏيل طور تي روينيو جي ادائيگي لاءِ ذميوار هوندا هئا، پر ذميواري انفرادي هئي. هن نظام هيٺ ڳوٺن جي سيني زمينن ايستائين جو جھنگ جون زمينون _ چراگاهہ وغيره شامل هيون.

مٿيان ٽيئي نظام هارين ۽ آبادگارن لاءِ استحصالي، جابراڻا ۽ ڦرلٽ تي ٻڌل هئا. ٻنهي صورتن ۾ مالڪن يا هارين لاءِ بوجھہ ۽ بار هئا. مقصد هيو تہ زمينن مان وڌيڪ آمدني ڪمائڻ ۽ زميندارن کان وڌ کان وڌ آمدني حاصل ڪرڻ.

انگريزن نتيجن جي پرواهہ ڪرڻ کانسواءِ تہ نون نظامن ۽ ڳرين ٽيڪسن جي ڪري پوکيندڙ ۽ هارين جي تباهي ٿيندي، زمين جي ٽڪرن کي ان حالت ۾ بيهاريو تہ زمين جو گھٽ ۾ گھٽ ڪونہ ڪو ضروري مالڪ هجي يا

ان جو ڪو وڏيرو يا جاگيردار مالڪ هجي. قانون ۾ زمين کي وڪرو ڪري سگهجي پيو. معاوضو ادا ڪري زمين جو مالڪ تبديل ڪري سگهجي پيو. جيڪڏهن زميندار ادا نہ ڪري سگهي تہ حڪومت ان کان بہ زمين واپس وٺي سگهي پئي. ليند روينيو انگريزن جي آمدني جو اهم ذريعو هئي. مٿين سرشتن يا قانونن ۾ زمين جو مالڪ هجڻ ئي بنيادي قانوني گهرج هئي ۽ ظاهر آهي تہ اهڙا قانون ٻاهر جي حڪمرانن - انگريزن لاڳو ئي خاص مقصدن لاءِ ڪيا هئا. يقينن، اهي قانون عوام لاءِ سخت ثابت ٿيا. اهڙي طريقي سان جلد ئي زمين جي مالڪي، قبضو هاٿي ملڪيت يافتہ واپاري ۽ وياج خورن جي ڪنٽرول ۾ اچي ويو. زمينون پڳڙن مٿ عيوض وڪٽي يا گروي رکي سگهجن پيون. اهڙيءَ طرح وڏي اڪثريت پنهنجون ملڪيتون وڃائي، غريب ٿي، بي دخل ٿي بربادي ۽ بدحاليءَ جو شڪار ٿي ويا. هزارين مزدور ۽ هاري بي زمين بيروزگار غربت، مشڪلاتن ۽ استحصالن جي ور چڙهي ويا.

سال 1900ع سنڌ ۾ ستاسي سيڪڙو هاري آبادي بي زمين يا قرضدار هئي. هارين کي جذ ب ڪرڻ لاءِ ڪا خاص صنعتي ترقي بہ نہ ٿي جيڪا ٿوري گهٽي ٿي ان سندس معاشي - سماجي حالتن ۾ ڪا خاص تبديلي نہ آندي، الٽو سندن مشڪلاتن ۾ اضافو ڪيو.

صنعتي ترقيءَ بہ هندستان ۾ هڪ انساني الميو ۽ اڻ ڳڻيو نقصان پهچايو ۽ هڪ وڏي ۽ ڊگهي عرصي تائين انساني سماج جي مشڪلاتن ۾ اضافو ڪيو. اهي ئي اڻ ڳڻيا سبب آهن جو نتيجي ۾ مزدور ۽ هاري مزاحمت ڪرڻ تي مجبور آهن.

انگريزن کان اڳ هندستان جي ٻهراڙين جي زندگين جا روح روان ۽ سماجي سرشتا هاري ۽ جاگيردارن جي حقن تي ٻڌل هئا. هاري ۽ جاگيردار ئي زمينن جا حڪمران هئا، جن کي پنهنجا حق ۽ واسطا هئا. هندستان جا

سماجي ڍانچا انتهائي ڪمزور ۽ پوئتي پيل هئا. انهن سماجن ۽ ڍانچن ۾ ايتري طاقت ئي نہ هئي جو ان وقت جي يورپي معاشي ۽ فوجي طاقت سان مقابلو ڪري سگهن ۽ نہ ئي ڪين ايترا وسيلا هئا. انگريز پنهنجي طاقت جي ڪري روينيو ۽ آمدنين جي وسيلن، انتظامي سرشتن ۾ تبديلي آڻي، مغلن جي مسلمان عاملن کان اختيار کسي هندو سيٺين جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيا.

سنڌ ۾ 1947ع کان اڳ اٽڪل پنجويهہ لک ايڪڙ زمين هندو سيٺن وٽ گروي هئي. تبديلي رڳو ايتري آئي تہ هڪ هٿ مان اختيار کسي ٻئي هٿ ۾ ڏنا ويا. حڪومت جي مشينري پوئتي پيل ۽ ڪمزور مسلمانن کان کسي شهري ۽ گهٽي پاڳي هندن جي هٿ هيٺ ڏيئي ڇڏي. ايئن انتظامي ملڪيت ۽ عدالتي نظام متعارف ڪرائي ڇڏيا. روينيو کاتي جو روايتي انتظامي ڍانچو تبديل ڪيو ويو.

هندستان مٿان اهڙين موتمار ۽ يڪسر تبديلين هندستان جي سمورن طبقن کي هڪ ئي ڌڪ سان زمين بوس ڪري ڇڏيو. عوام جو ساهہ ڪڍڻ بہ مشڪل ٿي پيو نتيجي طور هندستان جي حڪمران طبقن لاءِ بہ زندگي جيئڻ مشڪل بڻجي وئي هئي، پر عوام لاءِ تہ هوند زهر بڻجي ويئي هئي. هنرمندن ڪمي ڪاسبي ۽ وسيع هاري آباديءَ لاءِ غربت ۽ ڳوناٽي زندگي پوئتي پئجي ويئي.

سنڌ ۾ مغلن کان اڳ زمين جو منصبداري (منصب_رتبو يا مقام) نظام لاڳو هو. اڪبر طرفان متعارف ڪرايل مغل سلطنت جي انتظامي نظام هيٺ هر سول ۽ فوجي آفيسر کي هڪ منصب ڏنو ويو جيڪو انهن جي رتبي يا مقام مطابق معاشي الاؤنس جو تعين ڪندو هو. اڪبر ۽ ٻين مغل بادشاهن فوجي آفيسرن کي خدمت عيوض ۽ انعام ۾ زمين منصبداريءَ ۾ ڏني ويندي هئي مغل بادشاهہ زمينن جا مالڪ هئا. زمين جي مالڪيءَ جو نظام مختيارڪار سزاوالڪر_روينيو آفيسر، ٽپي_دار يا ٻٽئي نظام_

حصيداري وارا نظام لاڳو هئا.

جاگيرداري رياست سان وفاداريءَ جو رڳو هڪ انعام هو. ٽالپرن جي زمين تي رسائي بہ “سري گرانٽن” جي نالي ۾ جاگيرن ۾ تبديل ڪري ڏني ويئي هئي. جاگيرن جا مالڪ اصل ۾ زمين تي روينيو يا اوڳاڙي ڪرڻ گڏيل اسم هئا. جاگيردار معنيٰ ان زماني ۾ سرڪاري جاگير جو رکوالو يا ملازم هوندو هو. جڏهن تہ زميندار هڪ طبقو هو جيڪو نہ صرف زمين خريد ڪري يا کيڙي يا مالڪيءَ جو حق رکي سگهندو هو ۽ لپو (ٽيڪس) ادا ڪري سگهندو هو.

نيپئر جي اچڻ شرط سنڌ کي ڪراچي، حيدرآباد، شڪارپور روينيو ڪليڪٽرس ۾ تبديل ڪري جاگيرون ڏيئي سنڌ ۾ سياسي وفاداريون حاصل ڪيون. ان زماني جا انگ اکر ٻڌائين ٿا تہ انگريزن لڳ ڀڳ يارهن لک ايڪٽيہ هزار ايڪڙ زمينون گرانٽ، پٽيداري، خيرات يا گارڊن گرانٽ جي نالي ۾ عطا ڪيون. انگريزن کان اڳ اهڙيون ڪل گرانٽون ٽي سو ٻاهتر هيون ۽ انگريزن جي دؤر ۾ وڏي ٽوٽل چارسو ست اضافي زمين جون گرانٽون ڏنيون ويون. انگريزن انهن زمينن تي “تقوي” قرض ۽ 7ست چوڏهن ۽ ايڪويهہ سالن تائين ليزون ڏنيون، ابواب ٽيڪس ختم ڪيا ۽ “خرار” ۽ “ڪاسا” جا ٽيڪس اوڳاڙي نظام لاڳو ڪيا، 1947ع ۾ اٽڪل پنجويهہ لک ايڪڙ زمين هندو سيٺن وٽ گروي هئي. هندن جي سنڌ کان لڏپلاڻ ڪري ڇڏي ويل تيرهن لک زمين تي مالڪيءَ جو نظام 1959ع جي انگن اکرن موجب ويهہ سيڪڙو آباديءَ وٽ پنجويهہ ايڪڙن کان گهٽ زمين هئي. اسي سيڪڙو زرعي زمين جا فارم پنجويهہ کان پنج سو ايڪڙ تائين هئا جن جا مالڪ امير جاگيردار هئا. 1956ع جي ٽيننسي ايڪٽ بہ انگريزن جي زمين جي مالڪيءَ جي نظام جو بچاءُ ڪيو.

ان زماني ۾ هاري، ڪچا هاري، موسمي هاري ۽ مزدورن جي طبقن ۾

ورهايل هئا. سنڌ ايگريڪلچرل ڪميشن 1953ع مطابق اسي سيڪڙو آباديءَ وٽ رڳو ڇويهه لک ايڪڙ زمين مالڪيءَ هيٺ هئي ۽ 1951ع جي انگن اکرن مطابق چوهتر سيڪڙو زرعي مزدور، هاري يا ته بي زمين هئا يا ته کين زمين نه هئڻ برابر هئي. 2000ع جي انگن اکرن مطابق سنڌ ۾ اوڻانوي سيڪڙو آباديءَ وٽ رڳو ٽيتاليهه سيڪڙو زمين مالڪيءَ ۾ هئي، جڏهن ته نو سيڪڙو آباديءَ وٽ ڪل زمين جي سورنهن سيڪڙو مالڪيءَ ۾ هئي، جڏهن ته ڪل 37.5 سيڪڙو زرعي ۽ غير زرعي زمين جي مالڪي هڪ ئي طبقي جي قبضي ۾ هئي.

سنڌي ماڻهن جي رضامندي کان سواءِ هجرت ڪري آيل مهاجرن کي زمين جي الاٽ ڪئي وئي. بار بار مارشل لائن، ون يونٽ ۽ آبپاشي جي ترقي جي نتيجي ۾ سترهن لک ايڪڙ زمينون ڌارين کي الاٽ ٿيون. گڊو ۽ ڪوٽڙي بئراجن جي زمين به نيلام ڪئي وئي، هر بئي ڊيم متاثر ماڻهن، جنگين جي متاثرين کي لاڳاپيل ماڻهن سان صلاح مشوري کانسواءِ زمين غير قانوني طور ڏنل آهي، اهڙي زمين لکن ايڪڙن ۾ آهي.

تنهنڪري زمين جي ورهاست اڻ برابريءَ تي ٻڌل آهي ۽ غير قانوني ورهاست آهي. سنڌ جي اٽڪل ڇاهتر لک ايڪڙ زمين سنڌ جي ڪل ايراضيءَ جي ڇاليهه سيڪڙو برابر پوکيءَ لائق آهي. سنڌ جو زرعي شعبو 21.4 کان 27.7 سيڪڙو تائين ملڪي پيداوار ۾ حصو ڏئي ٿو 35 کان 40 سيڪڙو آبادي غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاري ٿي. 2016ع جي رپورٽ مطابق گهڻ رخي غربت 75.5 سيڪڙو ۽ 55 سيڪڙو شديد غربت آهي. 60 سيڪڙو هاري بٽئي نظام - حصيداري تي ڪم ڪن ٿا، 59 سيڪڙو ڳوناٺي آبادي بي زمين آهي يا زمينن تائين پهچ به نه اٿن. 42 سيڪڙو آبادي وٽ هڪ ايڪڙ يا ان کان گهٽ زمين آهي.

ان جو مطلب اهو آهي ته مستقبل ۾ وسيلن جي ڪنٽرول ۽ قبضي

تي تضاد پيدا ٿيندا. واضح آهي تہ زمين تي مالڪيءَ جو نظام انتهائي پوئتي پيل اڻ برابريءَ وارو غير منصفاڻو اسلامي اصولن جي خلاف ۽ ناقص آهي. انتظام وڏي تعداد ۾ اقتصادي ۽ سماجي مسئلا پيدا ڪيا آهن. هڪ طبقو پيدا ڪيو آهي جيڪو زمين تان غير حاضر ۽ غائب آهي. هن جو زمين سان سواءِ پيداوار ۾ حصيداريءَ جي عملي طرح ڪو واسطو ئي نہ آهي ۽ نہ ئي هن کي ان جي ترقيءَ ۾ ڪا دلچسپي آهي. هاري پلا زمين وڏائڻ ۽ وڏيڪ پيداوار ڏيڻ ۾ دلچسپي ڇو وٺي. جڏهن هن کي عملي طور احساس آهي تہ سندس ۽ هن جي گهر ڀاتين جي ڪيل پورهي جو حصو مالڪ ضبط ڪري وٺندو. زمين تان غير حاضر عملي طور ڪم ڪرڻ کانسواءِ هن جي ملڪيت جو مالڪ آهي. آزاديءَ سان هارين جي محنت جو استحصال ڪري رهيو آهي ۽ هر عملي مقصد جي لاءِ پنهنجي علائقي ۾ پوليس ۽ سياسي قوت کي استعمال ڪري ۽ اسيمبلين ۾ نمائندگي بہ ڪري ٿو. پوليس ۽ بيوروڪريسي هن جي کيسي ۾ آهي، رياست عملي طور تي اهڙن طبقن جي مفادن جي حفاظت ڪري ٿي. مارڪيٽ تائين رسائي جنسن جا اگهہ قرض جي ادارن تائين پهچ قانون انتظاميہ ادارن تائين پهچ ملڪيت يافتہ طبقن لاءِ آسان آهي. غريب هاري هميشہ هڪ خوف هيٺ ملڪيت يافتہ طبقن جي قانونن ادارن پوليس انتظاميہ جي خوف هيٺ ڦر، اغوا، مارڪٽ، ڌاڙاين، زنا ۽ قتل جي خوف هيٺ آهي. مٿين طبقن سان جيڪو بہ مهاڏو اٽڪائيندو، انهن کي مٿين ڌاڙاين سان منهن ڏيڻو پوندو. هارين جي ڪمزوري ۽ وڏيرن جي طاقت نوڪريون قرض ۽ هر سماجي ۽ معاشي زندگيءَ جي ڪم جو دارومدار وڏيري جي رحم ڪرم تي پهچائي ڇڏيو آهي.

ايڪويهين صديءَ ۾ وسيع عوامي اڪثريت کي ۽ انهن جي ٻارن ٻچن کي جاهل وڏيرن ۽ سياستدانن جي پيرن ۾ نِوڙي سندن هٿ چمڻ ان

ڪي ڄڻ تہ پالڻهار جو درجو ڏيڻ سو بہ ايڪويهين صديءَ ۾ ڏسي سچ پڇو تہ هنيانءُ ڏري ٿو پوي.

هينئر ٻوناٽن علائقن ۾ وسيع اڪثريت جي معاشي صورتحال هڪ قسم جي صدين کان جاري جهالتون مسلسل دائمي غربتون ۽ برابريون، بدحاليون، مايوسيون عدم اطمينان گهر ڪري ويٺل آهن. انهن معاملن جو زمين جي ملڪيت، مالڪيءَ جي حق ۾ غير مساوي رسائيءَ سان گهرو تعلق آهي.

زمين جي مالڪي حقيقت ۾ اقتصادي ۽ سماجي عمل کي بي نقاب ڪري ٿي. ڳالهہ اها آهي تہ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ بہ زمين ۽ ملڪيت جو ساڳيو پراڻو دقيانوسي انسان دشمن استحصالي نظام قائم آهي جنهن هڪ طبقو پيدا ڪيو آهي، جيڪو هارين ۽ مزدورن جي پورهئي جي قيمت تي پلجي پيو ۽ مسلسل دولت کي گڏ ڪري رهيو آهي ۽ وسيع اڪثريت غربت ۽ محرومي جي هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور آهي. سندس سياسي طاقت جو اظهار زمين جي مالڪيءَ مان ٿئي ٿو.

زمين جي مالڪي رياست جو وهنوار ۽ ملڪيت يافتہ جاگيردارن جو پاڻ ۾ اڻ ٽُٽ لاڳاپو آهي. ملڪ جي حڪمرانن پاڻ ۾ اهڙي ڳٽ جوڙ ڪري، هڪٻئي جي مدد ڪري آقا ۽ دوستيءَ وارو نظام ناهي هڪٻئي جي سياسي طاقت کي مضبوط ڪيو آهي. نتيجي طور ملڪ جي معاشي وسيلن اختيارن ۽ ادارن جو ڪنٽرول انهن وٽ آهي يا انهن جي رعايت يافتہ طبقن وٽ آهي. ملڪ ۾ زرعي پيداواري صلاحيت ۾ تفريق وڏن ۽ ننڍن زرعي فارمن ۾ آهي ئي ان ڪري جو طاقت وسيلا، اختيار ۽ وسيلن تي پهچ محدود طبقن وٽ آهي. زمين جي ملڪيت غير منصفاڻي آهي اهي ئي سبب آهن جو پورهيت طبقا مزاحمتي تحريڪن کي جنم ڏين ٿا.

ضروري آهي تہ زمين تي ڪيڙيندڙ جو حق تسليم ڪيو وڃي. زمين

تي نجي ملڪيت جو خاتمو آڻي زمين کي هارين ۾ ورهايو وڃي. جيڪا به زمين وڏيرن وٽ آهي اها انگريزن ۽ سندن غداريءَ عيوض نوازيل آهي ۽ غير قانوني آهي، غير اسلامي آهي. اسلام ۾ زمين جي ليز مقاطعو مساواڙ ۽ پنهنجي ذاتي ڪيڙي کان اضافي زمين اسلام جي اصولن خلاف آهي. اسلام زمين ان کي برابريءَ جي ورڇ جي تلقين ڪئي آهي ۽ رزق برابر ورهائڻ جا اصول مقرر ڪيا آهن.

بٽئي نظام غير منصفاڻو ۽ اسلامي اصولن جي خلاف ۽ استحصالي آهي. جيڪي وڏيرا زمين تان غائب آهن ۽ سنڀال نٿا ڪن، انهن کان زبردستي ذاتي ڪيڙي کان اضافي زمين واپس وٺي، رياستي تحويل ۾ بي زمين هارين ۾ ورهائي وڃي ته جيئن ان جي پيداوار ۽ سار سنڀال ۾ اضافو ٿي سگهي ۽ ان کي پيداواري بڻائي سگهجي. ذاتي ڪيڙي ياد رهي ته سنڌ جي زمين اڻ برابريءَ وڏيرڪي لاپرواهيءَ ۽ ملڪيت جي نظام جي ڪري پنهنجي گهربل صلاحيت کان اڌ تي پيداوار ۾ گهٽ آهي. ان کي هارين ۽ هارياڻين جي ملڪيت بنائڻ سان خوف ۽ عدم تحفظ جو احساس ختم ٿيڻ سان هاري، ان جي ڪٽنب ۽ ڳوٺاڻي زندگيءَ ۾ وڏو فرق ايندو. ان ۾ دلچسپي وڌندي، سندس آمدني ۽ معيارِ زندگيءَ ۾ اضافو ٿيندو.

اصل ۾ پنهنجي وسيلن جي مالڪي قوم دوستي آهي. هينئر به زمين جي مالڪي هڪ سيڪڙو وڏيرڪي طبقي وٽ آهي جيڪا لڳ ڀڳ ڏهه سيڪڙو کان مٿي زمين تي مشتمل آهي ۽ بي آبادي زمين تان غائب آهي ۽ ڪيترن ڪچي جي علائقن تي غير قانوني قبضا آهن.

سنڌ ۾ وسيع غربت، اڻ برابري ۽ عورتن جي زراعت ۾ معاشي شموليت ان جي آفاقي فطرتي مذهبي حق "جيڪو ڪيڙي ـ سو کائي" ۽ ذاتي ملڪيت جي نظام جي خاتمي سان مشروط آهي.

اهڙو مطالبو ظاهر آهي ته ملڪ جون وڏيرڪيون جاگيردار پارٽيون

اين.جي.اوز جون نمائنده پارٽيون يا مٿئين طبقي جون فيمينسٽ تحريڪون ڪونه ڪنديون، پر اهڙو مطالبو سنڌ جون پورهيت ۽ هاري تنظيمون جيستائين پاڻ نه ڪنديون تيستائين سندن نجات ممڪن نه آهي.

چي گويرا چيو هو ته، "دنيا ۾ ڪوبه نجات ڏيندڙ ڪونهي عوام کي پنهنجي نجات پاڻ حاصل ڪرڻي آهي."

زراعت ۾ سرمائيداراڻي ترقي ۽ طبقاتي جوڙ جڪ جو سوال!

ورهاڱي کان اڳ هندستان ۾ زرعي جدوجهد قومي آزاديءَ جي جدوجهد جو حصو هئي. پنهنجي جوهر ۽ خاصيت ۾ جاگيردار ۽ سامراج مخالف جدوجهد هئي. جدوجهد جو مقصد زمين تي مالڪيءَ جي حقن جو تحفظ برطانوي مالڪيءَ جي مخالف ٽيڪس اڳاڙي شرح ۾ اضافي زميندراي نظام مخالف اجرتن ۽ سهولتن کي بهتر بڻائڻ هو. قومي تحريڪ جو مرڪزي سوال زرعي سوال هو ۽ زرعي جدوجهد جو مرڪزي سوال هارين جا حق هئا. ورهاڱي کانپوءِ سياسي ڍانچي ۾ جيڪي سنجيده مسئلا هئا انهن مان زرعي سوال - زمين جي ملڪيت به هڪ اهم سوال هو.

ليگ جي حڪومت محمد علي جناح جي حڪم تحت، سنڌ هاري ڪميٽي ان آسري تي جوڙي ته هاري ووٽ ڏيئي مسلم ليگ کي ڪامياب ڪندا. پر ليگ جي حڪومت تي اولهه پاڪستان جا زميندار ۽ جاگيردار قابض هئا ۽ سياسي طاقت جي ڪري اوڀر پاڪستان کي حصيدار بنائڻ لاءِ تيار نه هئا ۽ الٽو اوڀر بنگال جي آباديءَ کان نفرت ڪندا هئا. 1971ع جي اليڪشن ۾ اوڀر بنگال جي قيادت وڏي واڪي اعلان ڪري چڪي هئي ته هو جڏهن اقتدار ۾ آيا ته جاگيرداري وڏيرا شاهي ۽ فيوڊل نظام جو خاتمو آڻيندا. ايئن جيئن زمين جي سڌارن ذريعي 1951ع ۾ اوڀر بنگال ۾ فيوڊل نظام جو خاتمو ڪري چڪا هئا.

ائين 1971ع کانپوءِ هڪ يا ٻئي سبب ڪري زرعي سوال نئين ملڪ ۾ حل نه ٿي سگهيو. جيتوڻيڪ ايوب خان جي دور ۾ بينڪن جي مالي مدد سان آبپاشي نوان بج، ياڻ زرعي مشينن زرعي واڌ کي وڌائڻ لاءِ سيڙپڪاري ڪئي ويئي، نالي ماتر لينڊ سڌارا آندا ويا. نتيجي ۾ زرعي پيداوار معاشي واڌ ۾ غير معمولي واڌ آئي پر اهڙي ترقيءَ جا فائدا گهڻو ڪري انهن کي پيا جيڪي وڏين

زمينن جا مالڪ هئا ائين ملڪ ۾ دولت ڪجهه هٿن ۾ رهندي آئي.

نئين ملڪ ۾ زرعي پسماندگيءَ کي صنعتي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ سمجهي پسماندگيءَ مان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ صنعتڪاريءَ ڏانهن توجهه ڏنو ويو ان عمل ۾ معاشي ترقيءَ جي رفتار ۾ تيزي آئي. خيال هو ته زراعت ۾ سيڙپڪاري ڪري، پيداوار وڌائي ۽ ملڪيت جي پراڻين شڪلين کي ختم ڪيو ويندو. زراعت کي نين ضرورتن ۽ گهرجن آهر منظم ڪيو ويندو. زراعت کي تجارتي شڪل ۾ وڌندڙ سرمائيدار دنيا جي معيشت ۾ مڪمل طور تي زرعي سرمائيداريءَ جي حيثيت ۾ وڌڻ ڏسبو. هارين کي اجرتي ۽ صنعتي پورهيت ۾ تبديل ڪيو ويندو ان ڏس ۾ بين الاقوامي مالياتي ادارن ڪارپوريشنن، ائين سرمائي جي متحرڪ ڪردار هن عمل ۾ سهولتون به ميسر ڪري ڏنيون. انهن قرضن ذريعي اربين ڊالرن جي سيڙپڪاري به ڪئي ويئي ۽ ڪارپوريٽ مقصدن لاءِ زمين به ليز تي پڻ ڏنيون ويون. ڏسندي ڏسندي سرمائي جي مدد سان غير رسمي معيشتون ناهي ڏنيون ويون.

زرعي شعبو سرمائيداراڻي ترقيءَ جي واڌ ۾ رڪاوٽ رهيو ئي ناهي. اهو ڪردار هاڻي ٻين شعبن مثال طور، خدمتن جي شعبن ادا ڪرڻ شروع ڪيو آهي. اهڙن عملن جي نتيجي ۾ هارين ۽ زرعي معيشت تي اثرائتا اثر ڇڏيا آهن هينئر زراعت ترقيءَ جي نسبت سان گهٽي ياڳي لاڳاپيل نه رهي آهي.

گهڻن اهو سمجهيو هو ته زرعي شعبو اڳ ۾ ئي سرمائيداريءَ جي ڏاڪي تي پهچي چڪو آهي. جنسن جي پيداوار ۽ سرمائيداريءَ جي واڌ جي نتيجي ۾ دنيا جي معيشتن کي پاڻ ۾ ڳنڍي ڇڏيو آهي. تنهنڪري زرعي تبديلين جي اميد ڪرڻ ئي اجائي ٿيندي موجوده صورتحال ۾ زراعت ۾ معاشي واڌ جي شرح گهٽ آهي، صنعتي ترقي به يا ته رڪيل آهي يا بيهجي وئي آهي. زراعت روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ جي صلاحيت واپار يا برآمداد مهيا ڪرڻ جي لائق به نه رهي آهي. زرعي شعبي جي مجموعي

پيداوار ۾ حصو گهٽجندو وڃي ٿو ٻيا شعبا تيزيءَ سان ترقي ڪري رهيا آهن. معاشي ڍانچن ۾ تيزيءَ سان ايندڙ تبديليون ٻڌائن ٿيون ته ڪو زرعي شعبو ايندڙ وقتن ۾ ڪا خاص معاشي ترقي آڻي سگهندو.

زراعت روايتي ۽ ترقي يافته ملڪن جي ڀيٽ ۾ ڪافي پوئتي پيل آهي. سائنسي نتيجا ٻڌائين ٿا ته وڌندڙ غير رسمي معيشتن جي نتيجي ۾ ڪيترن ملڪن ۾ زرعي پيداوار نسبتن گهٽي آهي، صنعتڪاري جمود جو شڪار ٿي آهي پر زراعت پنهنجي خطي ۾ وسيع آباديءَ جو گذر سفر روزگار ۽ رهڻ سهڻ کاڌ خوراڪ، اجان به زراعت سان جڙيل آهي.

زرعي سرمائيداريءَ کي پرکڻ لاءِ ٻن قسمن جون خاصيتون هجڻ شرط آهي، هڪ ته پيداواري عمل ۾ اجرتي پورهيتن جو هئڻ ۽ ٻيو زرعي منڊين جو قومي ۽ بين الاقوامي منڊين سان ڳانڍاپو هئڻ. اجرتي مزدور ۽ منڊين جو پاڻ ۾ لاڳاپو ڪيترن پوئتي پيل ملڪن ۾ عام آهي پر ان خصوصيتن هوندي به ڪيترن ملڪن ۾ زراعت اجان مڪمل سرمائيداريءَ جي ليول تي پهچي نه سگهي آهي. تاريخ ۾ ڪيترائي مثال آهن، جڏهن زراعت ۾ اجرتي مزدور ۽ منڊين جو غلبو به ساڳي وقت موجود هيو ۽ زراعت غير سرمائيداراڻي به هئي، ڇاڪاڻ جو وسيع زمين تي قبضو چند جاگيردارن ۽ شهنشاهن ۽ بادشاهن جي ملڪيتن هيٺ هو. زمين، زميندارن قبائلي سردارن جي ڪنٽرول ۾ آهي وسيع اڪثريت يا ته بي زمين هئي يا ته اجرتي مزدوري تي هئي يا پورهئي کي منڊين ۾ پنهنجي جياپي عيوض وڪرو ڪرڻ لاءِ لاچار هئي. اهڙي قسم جا اجرتي بي زمين هاري ۽ اجرتي غير رسمي پورهيتن جي وسيع اڪثريت پاڻ جهڙن ملڪن ۾ عام جام آهي.

پاڪستان نهڻ وقت سنڌ جا ستاسي سيڪڙو هاري بي زمين هئا ۽ 2020ع ۾ مجموئي طور ٽيهٺ سيڪڙو هاري بي زمين آهن ۽ اڪثريت جو گذر سفر ننڍين زمين جي ٽڪرن يا ٺوڪيءَ جي موسم کان ٻاهر يا ته چوپائي مال

پالڻ مان آمدني حاصل ڪرڻ يا زمين کان ٻاهر ڏهاڙي اجرت تي ڪم ڪرڻ آهي. هينئر بہ مٿئين ويهہ سيڪڙو آباديءَ وٽ ٽيتاليهہ سيڪڙو زمين جي مالڪي آهي ۽ باقي اسي سيڪڙو اڪثريت آباديءَ جو گذران زمين جي ننڍن ٽڪرن تي آهي.

زمين تي پيداواري رشتا اڄ بہ نيم جاگيرداراڻا نيم سرمائيداراڻا اوائلي پيداواري رشتن جي شڪلين ۾ موجود آهن. ڳوٺن ۾ وڏي اڪثريت هارين يا بي زمين هارين ۽ ننڍن آبادگارن جي آهي. جنهن مان گهڻي اڪثريت ڪي پنهنجي گذر سفر لاءِ زمين جو ٽڪر بہ نہ آهي نہ ئي ڪين ڪن وسيلن تي رسائي آهي. اهي پنهنجي محدود زرعي پيداوار ۽ پورهئي مان پنهنجي ۽ ٻچن جو پيٽ پالڻ لاءِ محتاج آهن يا ڪين گهربل وسيلا, تعليم يا روزگار بہ نہ آهي. گهڻي پاڳي سندن گذر سفر جا وسيلا جياپي لاءِ اڻ ڪافي آهن. انهيءَ ڪري هاري پنهنجي پيٽ گذر ۽ اضافي آمدنين لاءِ زراعت کان ٻاهر مزدوري واڍڪو سِرَ-تگاري ۽ ننڍا وڏا غير رسمي پورهيا ڪري ٿو. هڪ اندازي مطابق پاڪستان ۾ زراعت کان ٻاهر اجرت زرعي پورهئي ۽ آمدنيءَ جي مقابلي ۾ تقريبا اڌواڌ آهي.

پنهنجي جياپي جي جنگ ۾ هاري هڪ حڪمتِ عملي تحت پنهنجي گذر سفر لاءِ گهربل کاڌ خوراڪ پيدا ڪرڻ کان قاصر آهي.

سرمائيداراڻي زراعت جو چرخو ڪو اجرتي پورهئي, منڍين جي اصول, سرمائي جي ميڙ, منافعي يا ٽڪڙي معاشي واڌ يا پيداواري عمل جو نتيجو آهي, يا اهو وسيلن ۽ خاص ڪري زمين جي ذاتي ملڪيت جي نظام تي ٻيٺل آهي. زمين جي مالڪيءَ جو نظام ئي هارين کي مزدور ۽ هارپي طور مجبور ڪري ٿو. سرمائيداراڻو نظام پيداواري عمل ۽ منڍين جي طاقت آهر سرمائي جي ميڙي ڪري هڪ خاص نظام هيٺ پيداوار ۾ اضافو ڪري ان ۾ واڌ ڪري پنهنجي بچاءَ ۾ منافعي لاءِ ڪم ڪري ٿو. پر جتي سرمائيداراڻا پيداواري رشتا زراعت ۾ ناهن, اتي سرمائي جا اصول بہ زرعي مارڪيٽ ۾

منڊين تي اثر انداز ٿيندا آهن. اهم ڳالهه اها نه آهي ته ڪيترو اجرتي مزدور پيداواري عمل ۾ شامل آهي ۽ منڊيون ڪيتريون قومي ۽ عالمي منڊين سان جڙيل آهن پر ان جي مقابلي ڏسڻو اهو پوندو ته سرمائيداراڻا رشتا زراعت ۾ ڪيترا مضبوط آهن ڪيتري زمين مارڪيٽ ۽ منڊين جي رحم ڪرم ۽ مقابلي بازيءَ جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏيل آهن. اها ئي هڪ اهم خاصيت آهي جنهن جي بنياد تي زراعت ۾ سرمائيداراڻي نظام جي پرک ڪري سگهجي ٿي.

سنڌ ۾ صرف سماجي، معاشي ۽ زمين سان جڙيل رشتا / لاڳاپا ۽ مالڪيءَ تي وسيع معنائن ۽ شڪلين ۾ هڪ تمام ننڍي اقليت تي حاوي آهي. زراعت رڳو گذر سفر جو ذريعو ۽ کاڌ خوراڪ لاءِ به ناڪافي يا مورڳو ڪجهه جنسن جي پيداوار آهي. زراعت تجارتي ٿيڻ جي سگهه تي به نه پهچي سگهي آهي. اها صرف آباديءَ جي خوراڪ جي ضرورتن جو خيال رکڻ لاءِ به مناسب نه آهي. وسيع اڪثريت اجرتي مزدور آهي ۽ وڏيري جي رحم ڪرم تي آهي ۽ بي زمين به آهي ۽ مارڪيٽ جي بي رحميءَ جو شڪار به آهي. انهن کي پائيواري يا زمين جي رسائي ۽ استعمال به نه هجي، ابن ڏاڏن کان قرضي به هجي اهو به منڊين ۾ مقابلي بازيءَ جو شڪار به هجي ۽ زمين کان ٻاهر غير رسمي اجرتي پورهيو ڪري پيٽ پالي. ان کان هٽي ڪري به ته ان زمين جو صحيح استعمال آهي يا نه! ان تي سيڙپڪاري هنرمندي ميڙي ۽ تخليق جو دباءُ به هجي ۽ مقابلي بازيءَ کان پرهيز ڪري پنهنجو گذر سفر به ڪري، اهڙن پيداواري عملن کي غلامي ئي چئي سگهجي ٿو.

تاريخي طرح زرعي سوال پاڻ جهڙن ملڪن ۾، وڏيڪ اهميت وارو سوال آهي. توڙي جو اوائلي صنعتڪاري يا سرمائيداراڻي مداخلت ۽ زرعي ڍانچن ۾ بي پناهه تبديليون آڻي ڪجهه نالي ماتر ترقي پڻ ڪئي آهي. پر اها ترقي سرمائيداراڻي نظام جي اصولن هيٺ ٿي آهي جنهن جو گهڻي ڀاڱي فائدو وڏن زميندارن کي پهتو آهي جڏهن ته غريب ۽ امير طبقي ۾ معاشي وٿي وڌي

آهي. پنهنجو زرعي عمل طبقاتي نوعيت جو آهي، سالن ۾ صدين کان جمود جو شڪار آهي. جتي حقيقي معنيٰ ۾ زرعي شعبن ۾ تبديليون اڃان اچڻيون آهن.

ايڪويهين صديءَ جو اهم سوال هي آهي تہ سرمائيداري پيداواري طريقي ۾ عمل هوندي زرعي شعبن ۾ سماجي تبديليون ڇو نہ ٿيون آهن؟ جڏهن تہ ڪجھ ماهر اها دعويٰ ڪري رهيا آهن تہ سرمائيداري زراعت ۾ داخل ٿي چڪي آهي ۽ پراڻو زرعي سوال وڏيڪ ڪو لاڳاپيل نہ رهيو آهي. پوءِ يقينن سرمائيداري جي ڦهلاءَ جي نتيجي ۾ سماجي تبديليون اچڻ گهرجن هان. ان جي ابتڙ گذريل چاليھ سالن کان لبرل معاشي ماڊل تمام تيزيءَ سان سرمائيداراڻي مداخلت ڪئي آهي ۽ پنهنجي خطي ۾ چالو نيولبرل عالمگيريت جي عمل جو اثر پيو آهي. پيداواري صلاحيت ۾ پيداواري اپت ۾ واڌارو، ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال ڳوٺاڻي زندگيءَ تي اثر لڏپلاڻ ۾ پوکيءَ جي طريقن تي پيو آهي. ان عمل کي عالمي سرمائيداراڻي ترقيءَ سان ڳنڍي ڇيد ڪجي تہ اسان جي خطي تي ان جا وڏا اثر پيا آهن.

ڏاهن ٻڌايو هو تہ سرمائيداريءَ جو عمل پورهيت کي پنهنجي پورهئي، ملڪيت ۽ وسيلن کان الڳ ڪري خالي پورهيت بڻائيندو. پورهيت کي اجرتي مزدور ۾ تبديل ڪري، سرمائيدار جو محتاج ڪري پورهئي جي غلامي پيدا ڪري زرعي استحصال جو شڪار بڻائيندو. اهڙو عمل ڪو رات وچ ۾ نہ پر پيداواري عمل ۾ آهستي آهستي هر خطي ۾ صاف نظر ايندو. سرمائي جي ميڙي زراعت جي عمل ۾ بنياد مان جڙي ٿي ۽ اهڙي ناگزير پيداواري عمل ۾ سياست مختلف طاقتن سان سڌو سنئون ٽڪراءَ ۾ اچي ٿي. زرعي تبديلين کي "منافعي - ميڙي، پيداوار ۽ سياست" جي دائري ۾ ڏسڻ گهرجي معاشي لبرل ازم، منڊين جو ڪلڻ ۽ سرمائي جي گردش، آباديءَ جي دٻاءَ، ماحولياتي تبديلين، طبقاتي رشتن ۾ سرمائي جي عمل هارين کي غير رسمي پورهيت بڻائي اجرتي مزدور ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي.

پنهنجو زرعي سوال سرمائيداراڻي ترقي ۽ طبقاتي جوڙجڪ جو سوال آهي. سياسي جماعتن کي انهي مسئلي تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي.

زرعي بدحاليءَ کي صنعتڪاريءَ ذريعي حل ڪرڻ جون فڪري ڏند ڪٿائون

زرعي سوال هاڻوڪين حالتن ۾ وري ڀيهر اهميت اختيار ڪري چڪو آهي. ڇاڪاڻ جو دنيا کي هڪ خوف وڪوڙي ڇڏيو آهي ته ايندڙ وقت ۾ وڌندڙ آبادين لاءِ گهربل کاڌ خوراڪ جي ضرورتن جو پورائو ڪيئن ٿيندو. وڌندڙ عالمي آبادي کي کارائڻ سان گڏ، ٿوري ايڪڙن تي وڌيڪ کاڌ خوراڪ پيدا ڪرڻ ۽ ماحولياتي تبديلين کي منهن ڏيڻو پوندو. گڏيل قومن جي تازي تخميني مطابق دنيا جي آبادي اٺ ارب ماڻهن کي ڇهي رهي آهي ۽ 2050 تائين 9.3 ارب آباديءَ تائين پهچي سگهي ٿي. ترقي ڪندڙ ملڪن ۾ وڌندڙ آمدني سان گڏ دنيا ۾ خوراڪ، پروٽين ۽ گوشت جي گهرج وڌي رهي آهي. 2050 تائين کاڌي جي طلب جي شرح 59 سيڪڙو کان وڌي 98 سيڪڙو تائين پهچڻ جي اڳڪٿي ٿيل آهي. موسمي تبديلين کان شهري آباديءَ جي وڌڻ، سيڙپڪاريءَ ۽ پاڻيءَ جي گهٽتائي اهڙا ٻيا ڪيئي سبب خوراڪ جي طلب جو پورائو ڪرڻ ۾ به مشڪلات جا سبب بڻبا.

گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس مارچ 2021 ۾ چيو ته موسمياتي تبديلين ۽ ڪووڊ ١٩ جي خطري ڪري دنيا جا لکين ماڻهو بک مرڻ جي خطري هيٺ آهن جيڪي فوري ڪارروائي نه ڪرڻ جي صورت ۾ انتهائي بک ۽ موت جي ڪناري تي پهچندا. کاڌ خوراڪ جو مستقبل ۾ اهڙو تحفظ عالمي تنظيمون، ادارا ۽ حڪومتون مهيا ڪري سگهنديون به يا نه؟ ان ڏس ۾ حڪومتون ڪيتري حد تائين سنجيده آهن؟ حڪمران ان ڏس ۾ ڇا سوچين ٿا ۽ جيڪڏهن سوچين ٿا ته پوءِ نه سوچڻ جا امڪاني نتيجا ڪهڙا هوندا؟ حڪمران گهربل تحفظ کان با خبر به آهن سياسي ۽ سماجي تنظيمن جو اهڙن سوالن ڏانهن ڪهڙو رويو آهي. عام راءِ

– سوچ ان ڏس ۾ ڪهڙي آهي. پيلا حڪمرانن ڪڏهن ايئن سوچيو هجي يا سوچڻ شروع ڪيو هجي تہ اسان جهڙن ملڪن ۾ جتي آباديءَ جي وسيع اڪثريت انهن جي رهڻي ڪهڻي روزگار ۽ باقي آباديءَ جي کاڌ خوراڪ جي رسد جو دارومدار جيڪو زراعت تي آهي. جيڪڏهن سياڻي زراعت گهڻ طرفين سماجي، ماحولياتي توانائي جي تبديلين ۽ معاشي بحرانن جي ور چڙهي وڃي تہ اهڙن بحرانن جو حڪمرانن وٽ حل ڪهڙو آهي. تيزيءَ سان ٿيندڙ ماحولياتي تبديليون، توانائيءَ جون وڌندڙ گهرجون، کاڌ خوراڪ جو تحفظ، ۽ معاشي خوشحاليءَ جهڙا اهم سوال آهن، اهڙن سوالن جا مناسب جواب ڪهڙا آهن؟

فطرت جي تباهي، آباديءَ جو دٻاءُ گرمي پد جو وڌڻ زرعي عملن جو پوئتي پيل هجڻ زهريلن مادن جو وڌندڙ استعمال نقصانڪار پاڻ جو وسيع استعمال وغيره، زراعت سان لاڳاپيل اهڙيون پيون ڪيتريون ئي تبديليون اسان سان گڏ سموري انسان ذات جي وسيع اڪثريت کي هڪ ڊگهي عرصي ۾ ڪٿي وڃي بيهارينديون. اهڙيون تبديليون هاڪاري آهن يا ناڪاري، ترقيءَ جا چالو ماڊل ۽ فڪر ان ڏس ۾ ڪهڙي رهنمائي ڪن ٿا. ان سوال کان قطع نظر تہ ڪنهن متبادل لاءِ سوچجي. ترقين جي چالو ماڊلن مان جيڪڏهن ڪجهہ هاڪاري نتيجن جي اميد نہ آهي يا ان جي مقابلي ۾ متبادلن تي ڇو نہ سوچجي، بيو آسان حل آهي تہ ان سوال کان ئي ڪن لاٽار ڪجي. چالو معاشي ماڊلن، فڪرن ۽ سوچن، قانونن ۽ قاعدن جي روايتي پوئيواري پابندي ۽ تقليد ڪندي ڏند ڪٿائون گهڙجن روايتي ۽ صدين کان جامد سوچ ۽ فڪر جي مڪمل پوئيواري ڪجي بي فڪر ٿي آرام سان ويهي رهجي ۽ مستقبل جي باري ۾ مفروضا مغالطا ۽ خوشفهميون جوڙجن. پنهنجي ملڪ ۾ زرعي سوال اهڙو ئي هڪ مغالطو آهي جنهن سان ڪيتريون ئي ڏند ڪٿائون جڙيل آهن.

مثلن هڪ ڏندڪٿا هي آهي تہ زرعي بدحاليءَ کي صنعت ڪاريءَ ذريعي حل ڪجي. ان ڏس ۾ سٺ جي ڏهاڪي ۾ زراعت ـ صنعت جو ٻٽو ماڊل پاڪستان ۾ لاڳو ڪيو ويو. ان ماڊل جي فڪر ۾ معيشت ٻن شعبن (زراعت ۽ صنعت) تي ٻڌل هئي، زراعت غير رسمي شعبو هو جنهن ۾ اضافي پورهيت ۽ پوئتي پيل شعبو ۽ اجرتن ۽ زندگيءَ جو معيار گهٽ ۽ پيداواري صلاحيت بہ گهٽ هئي. صنعت ڪاريءَ جي ذريعي سيڙپ ڪاري ڪري زراعت مان اضافي پورهيتن کي صنعت ڪاريءَ ۾ لڳائي، رسمي پورهئي، زرعي اجرت کان ٿوري وڌيڪ اجرت ڏيئي صنعت ڪاريءَ ۾ لڳائي ۽ صنعت ڪاريءَ مان اضافي پيداوار حاصل ڪري منافعو ڪمائي، وري ٻيهر سيڙپڪاري ڪري پيداوار ۽ روزگار ۾ واڌارو ڪبو ۽ ائين زراعت ۽ صنعت جي گڏيل تعلق سان ترقي حاصل ڪرڻي هئي، تيستائين، جيسين وچي زراعت مان اضافي پورهيتن جو خاتمو ٿئي. اهڙو ماڊل 1960ع ۾ زرعي انقلاب جي نالي ۾ نئين صنعتڪاري، نيون زرعي جنسون ٻج پاڻ ۽ قرض متعارف ڪرائي منصوبابنديءَ سان شروع ڪئي ويئي. جنهن سان زرعي ۽ صنعتي پيداوار ۾ زبردست اضافو ٿيو، صنعتڪاريءَ بہ زبردست منافعو ڪمايو پر اهڙو منافعو ٻيهر سيڙپڪاريءَ ۾ استعمال نہ ٿيو. امير ماڻهن دولت گڏ ڪئي ۽ ٻيو تہ صنعتي ۽ زرعي ترقي ٻاهرين قرضن جي ذريعي ٿي. سرمايو اندريون نہ هو ان جا نتيجا گهٽي پاڳي اڻ برابرين جي شڪلين ۾ واضح نظر اچڻ لڳا، نہ مڪمل صنعتڪاري ٿي نہ روزگار وڌيو نہ زراعت مان بدحالي ۽ بک ختم ٿي ۽ نہ وسيع خوشحالي آئي. امير ماڻهن ٻيهر سيڙپڪاري نہ ڪئي ٻئي طرف ملڪ قرضي ٿي ويو.

مٿين ۽ اهڙن فڪرن ۽ خيالن جو واسطو ۽ پس منظر يورپ ۽ اتان جي زرعي سماجن ۽ اپرجنڊ جديديت ۽ صنعتي ترقيءَ سان هو. اتان جي سرمائيداراڻي ترقيءَ کي پنهنجي مخالف طاقتن جي پيٺ ۾ بينڪيت جي

ملڪن ۾ واپار ۽ تجارت لاءِ صنعتڪاري ڪرڻي هئي. يورپ جي اهڙي صنعتڪاريءَ جا بنياد بينڪيتن جي خام مال غلامن جي واپار ۽ وسيلن جي ڦرلٽ جي بنيادن تي بيٺل هئا، صنعتڪاريءَ لاءِ خام مال غلامن جي واپار ۽ وسيلن جي ڦرلٽ ان وقت جي يورپ لاءِ وقت جا رائج سڪا هئا. اهڙي صنعتڪاريءَ جا بنياد نسل پرستيءَ تي بڌل هئا.

ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ يورپ جي صنعتڪاريءَ کهڙي بہ غير انساني هئي، پر پنهنجي جوهر ۾ انساني ترقيءَ لاءِ تمام اهم هئي، ڇاڪاڻ تہ ترقيءَ جي عمل ۾ عوام دشمنيءَ فوجي طاقت جي استعمال ۽ سمورن انساني اصولن جي ابتڙ سماج جو جاگيرداريءَ کان صنعتڪاريءَ ڏانهن سفر شروع ٿيو. سماج جي مجموعي سرمائيداراڻي اوسر ۽ ترقيءَ لاءِ زراعت جي اهڙي ترقيءَ ذريعي جاگيرداريءَ جي هڪ هٿين ڪي هٿائڻ کان سواءِ ٻيو ڪو رستو نہ هو اهڙي عمل ۾ ظاهر آهي تہ زراعت ۽ لاڳاپيل هاري متاثر پئي ٿيا. ان مان ٻين نون تضادن جنم ورتو تہ صنعتڪاريءَ جي عمل ۾ متاثر ٿيندڙ هارين ۽ انهن جي وڃايل زمين حقِ خودارادیت جمهوريت برابريءَ جا حق ۽ ٻيا ڪيترائي پائيدار ترقيءَ سان لاڳاپيل مسئلا ۽ تضاد هئا. ايئن اوائلي سوچ تہ ڪو زراعت صنعتڪاريءَ لاءِ بنيادي، ڪارگر ۽ اهم ڪردار ادا ڪندي آهي، ان جي برعڪس ٻيا مسئلا پڻ پيدا ڪري ٿي، اهڙي روايتي سوچ جو خاتمو ٿيو.

پاڪستان ۾ پنهنجي نالي ماتر صنعتي ترقيءَ جي باوجود اڃا تائين ان جي زرعي شعبي ۾ سڀ کان وڏو غير رسمي زرعي نظام موجود آهي. جنهن ۾ کاڌ خوراڪ روزگار ۽ ٻيا پائيداريءَ جا مسئلا حاوي آهن. رڳو صنعتڪاري ڪرڻ سان بي زميني بي حسي پسماندگي زمين تي رسائيءَ جو حق، برابري ۽ سماجي انصاف ڏيڻ جا بنيادي مسئلا ختم نہ ٿي سگهندا ۽ نہ ئي زراعت موسمي تبديليءَ جي مسئلن کي حل ڪرڻ جي قابل ٿي ويندي ۽

نہ ئي روايتي زرعي عمل وڌندڙ آباديءَ لاءِ خوراڪ مهيا ڪري سگهندا. چاڪاڻ تہ زرعي سوال جو سڌو سنئون واسطو وسيلن تي اختيارن جو آهي. جمهوري حق، برابريءَ ۽ ترقيءَ جي عمل ۾ شموليت سان ڳنڍيل آهن. زرعي سوال هارين ۽ انهن جي طبقاتي ۽ سماجي حيثيت يا انهن جي پيداواري عمل ۾ شروعاتي ميڙي ـ ڦرلٽ جي مسئلن سان جڙيل هو هارين ۾ شروعاتي ميڙي ڦرلٽ معاشي حالتن ۽ زرعي عملن ۽ سماجي بدحاليءَ سان جڙيل هو.

زرعي سوال ۾ زرعي بدحالي هڪ سماجي بيماري هئي، جنهن جو علاج صرف "صنعتڪاريءَ" سان ممڪن هو. ايئن زراعت ـ صنعتڪاري اهڙي بڻي بيماري جو علاج طور ڏٺدڪٿائن جو حصو بڻي.

روايتي انقلابي فڪري ڌارائن اهڙين زرعي بدحالين کي سياسي، سماجي ۽ معاشي رخن کان جڏهن جاچڻ شروع ڪيو تہ سمورن فڪرن ۾ هڪ فڪري يڪسانيت هئي تہ زرعي بدحاليءَ کي سرمائيداريءَ يا سوشلسٽ فڪر ۾ صنعتڪاريءَ ذريعي منهن ڏيئي ختم ڪري سگهجي ٿو. ايئن فڪري طور سڄي دنيا جي معاشي ماهرن زرعي سوال کي هڪ روايتي نظريو سمجهي، ڪيس "صنعتڪاري" جو سوال قرار ڏنو. اهڙي ئي سوال دراصل وقت جي چالو سياست ۽ معيشت جي ڌارائن مختلف قسم جي صنعتڪاريءَ سان ڳنڍيو. سوشلسٽن پڻ اهو سوچيو تہ زرعي بدحالي ۽ پسماندگيءَ کي صرف صنعتڪاري ذريعي حل ڪيو وڃي.

اوڻويهين صديءَ جي آخر ۾ سياسي ۽ نظرياتي لاهن چاڙهن جي ڪري زرعي سوال _ صنعتڪاري کان اڳتي وڌي ويجهي نہ سگهيو. ٻي جنگِ عظيم کان پوءِ زرعي بدحالي ـ صنعتڪاريءَ واري سوال وري ٻيهر ڪَرُ کنيو هو. ان ۾ موڙگو يڪسر نوان انقلابي لاڙا پيدا ٿيا. جنهن ۾ عالمي مالياتي ادارن اهڙي (بدحالي ـ صنعتڪاري) کي فني صلاحيت عام ۽ سادو معاشي عمل قرار ڏيئي معيشتدانن ۽ عالمي ادارن پاليسي سازن سياستدانن

۽ معاشي ماهرن جي حوالي ڪري ان کي هڪ ڏند ڪٿا بڻائي ڇڏيو. جنهن جو علاج صرف ٺئي صرف صنعتڪاري آهي. بدحاليءَ کي مورڳو تربيت يافته زرعي معاشي ماهرن ۽ رٿابنديءَ جي ماهرن حوالي ڪري ڇڏجي.

سرد جنگ جي زماني ۾ اهڙي سوچ جي نتيجي ۾ هڪ نئين علم جنم ورتو. جنهن کي اڄڪلهه "ترقيءَ جي معاشيات" سڏجي ٿو. ڊبليو.ڊبليو روستوِ جي نظريي مطابق زرعي ترقيءَ کي ڏاڪي به ڏاڪي وڌائي ترقي ڪري سگهجي ٿي ۽ آرٿر ليوز جي نظريي مطابق معيشت ۾ ٻٽن (زرعي-صنعتي) شعبن ۾ رسمي ۽ غير رسمي اضافو پورهيت کي زراعت جي نسبت وڌيڪ اجرتون ڏيئي صنعت ۾ ضم ڪري اضافي پورهيتن جو زمين ۾ خاتمو ڪجي. هي اهو زمانو هو جڏهن دقيانوسي جاگيرداري سماج ۽ ان جون سامراجي حڪومتون غير يورپي ملڪن تي بينڪيتن جي شڪل ۾ تسلط قائم ڪيو ويٺيون هيون.

زرعي سوال انقلابي فڪر هيٺ زميني سڌارن ۾ اڳيرائي نه هئڻ جي ڪري غالب جاگيردار ۽ بينڪي حڪمرانن جي ظلم ۽ ڦرلٽ کان بچڻ لاءِ سندن وٽ واحد رستو، متبادل طور هاري انقلاب جو رستو وڃي بچيو هو. هي اهو وقت هو جڏهن چيني انقلاب اچان نه آيو هو ۽ يورپي فڪر اتان جي سياسي معاشي، فلسفي ۽ جمهوريت جي سوالن ۾ گم هو.

ٽئين دنيا ۾ هارين جي جدوجهدن، بدحاليءَ واري سوال ۽ عمل کي سامراجي ڦرلٽ، جبر، استحصال ۽ بدحاليءَ جي عمل کي صنعتڪاريءَ سان ملائي حڪمت عمليءَ تحت مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اتساهيو. ايئن ان حاصلات جو مقصد هو ته سامراجي بالادستيءَ کان آزادي ماڻڻ ۽ قومي آزادي حاصل ڪري زمين ۽ بدحاليءَ سان جڙيل سڀ رڪاوٽون، جهڙوڪ: زمين تي جاگيردارن جي هڪ هٽي ختم ڪري، سياسي، معاشي ۽ فڪري طاقت سان هارين ۾ تحرڪ آڻي، انهن ۾ قومي آزاديءَ جي تڙپ پيدا ڪري،

انهن جي انقلابي صلاحيتن جو ڀرپور فائدو وٺي انهن کي قومي ويڙهه جي ڌارا ۾ شامل ڪجي. ايئن بدحاليءَ جي ڀنهي ساڄي ۽ کاٻي ڌر جي فڪرن ۽ ان تي انقلابي فڪر، سوچ ۽ مزاحمتي تحريڪن، بيئنڪي حڪمرانن خلاف ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا ۾ زبردست عوام دوست قومي تحريڪن جنم ورتو. روس جنگِ عظيم ۾ فاتح ٿي ابريو ۽ چيني زرعي قومي انقلاب پنهنجا پير پختا ڪرڻ لڳو ۽ فڪري طور اولهه ۾ ڏکڻ ۾ زرعي سوال تي فڪري خال واضح ٿيندو ويو.

هاڻوڪي وقت ۾ زرعي سوال ۾ ته اڃان ساڳي يورپي سوچ حاوي آهي. ان سوچ ۾ زرعي ۽ روايتي بدحاليءَ جو حل صنعتڪاري آهي ان ۾ اڃان تائين بدلجندڙ حالتن ۾ نئون فڪر داخل ئي نه ٿيو آهي. زرعي سوال کي اڃان لبرل معيشتن جي ماڊلن، سرمائي، منڊين جي بيهڪ ۾ تجزيو ڪيو وڃي ٿو. جڏهن ته زرعي سوال ڏکڻ، اسان جهڙن پوئتي پيل ملڪن ۾ بنهه مختلف نوعيت جو آهي.

لبرل معيشت ۾ زمين کسجڻ غير رسمي معيشتن جو وڌڻ معاشي اڻ برابري غربتن، زرعي سوال ۾ نئون روح ڦوڪيو آهي. ايئن هاري تحريڪون زميني ۽ زرعي سڌارن کان اڳتي لبرل معيشت جي ڦرلٽ ۽ استحصال خلاف جدوجهد ڪن ٿيون.

زرعي سوالن تي هينئر تحقيقون به يونيورسٽين ۾ ناپيد آهن. تحقيقون به عالمي اين.جي.اوز سرڪاري ۽ ڊونر ايجنسين جي پاڻ ۾ ملي ڀڳت، رضامندين، حڪمت عملين ۽ اولهه ۽ لبرل معيشت جي فڪر هيٺ سکڻ ۽ تربيت جي شڪلين ۾ واضح نموني جڙيل آهن.

ان سڄي فڪري عمل ۾ هارين ۽ ڳوناڻن ماڻهن ۽ انهن جي مزاحمت ۽ مشڪل وقت ۾ ڪو اوهي واهي ڪونهي ۽ ايئن ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ "هاري دانشور" ملندو نه ته وڃي ٿيا ست خير! زرعي سوال حل نه ڪرڻ جي صورت

۾ معاشي ۽ زرعي بدحالي پاڻ هڪ وڏو مرڪزي معاشي سوال بڻيل آهي ۽ پاڻ جهڙن پوئتي پيل علائقن ۽ ملڪن ۾ موجود وسيع هاري ۽ ٻهراڙيءَ جي آباديءَ لاءِ زندگي ۽ موت جو سوال آهي. ايڏي وڏي آباديءَ کي ۽ ان جي صلاحيتن کي ٻنجو ڏيئي، ڪيس پورهئي جو استحصال جاري رکڻ آهي ۽ صدين جي غلاميءَ کي جاري رکڻ برابر آهي.

ڇا زرعي سوال موڙگو "سرمائي" جو سوال آهي ؟

زرعي سوال ۾ بہ اهم فڪري ڌارائون رهيون آهن. هڪڙي فڪري ڌارا زرعي سوال کي سرمائيداريءَ جي واڌ ويجهہ جي تناظر ۾ ڏسي ٿي ۽ ٻي فڪري ڌارا غريب ملڪن ۾ هاري ـ سوشلسٽ ۽ قومي انقلابن جي واڌ ۽ نسبت سان ڳنڍي ٿي. ٻنهي فڪري ڌارائن ۾ زرعي بدحاليءَ ۽ پسماندگيءَ جو حل صنعتڪاريءَ ۾ سمجهيو ويو آهي. پهرين عمل ۾ سماجي تبديليءَ لاءِ شهري سرمائيدار طبقو پيدا ڪري صنعتڪاريءَ ڪري زرعي سوال جو حل سمجهيو ويو. اهڙي حل کي تاريخي طرح "سرمائيداري مٿان کان هيٺ" عمل وارو آمريڪي طرز عمل ليکجڻ لڳو. ان جو مطلب هو تہ رياستي پاليسين ذريعي زراعت ۾ سرمائيداري وارو عمل شروع ڪري، زرعي پسماندگيءَ کي ختم ڪري سگهجي ٿو يا منهن ڏيئي سگهجي ٿو. تاريخي طرح سرمائيداريءَ جو هڪ قسم "سرمائيداري هيٺان کان مٿي" جرمنيءَ جي طرزِ عمل وارو بہ هو. جنهن ۾ ننڍين هارين ۽ ننڍين آبادگارن زراعت کي تجارتي بڻائي ۽ زرعي پيداوار کي مارڪيٽن ۾ برآمد ڪري ۽ ننڍين هارين پنهنجو پاڻ کي امير بڻائي ڇڏيو هو. ان سڄي تاريخي عمل ۾ سرمائي جي ميڙي ۽ استحصال سرمائيداراڻي صنعتڪاري جي واڌ ويجهہ جو سڀ کان وڏو عنصر هئي ۽ خاص ڪري يورپ ۾ اهو عمل داخلي نوعيت جو هو. ڇاڪاڻ تہ يورپي بينڪي حڪومتن کي ڪيترن ملڪن مان غلام خام مال ۽ برآمد لاءِ بينڪي منڊيون اڳ ۾ ئي قبضي هيٺ هيون ۽ غريب ملڪن مان خام مال ۽ جنسون درآمد ڪري، پاڻ کي صنعتي ترقي ۽ زرائي ترقي يافتا ملڪ اڳ ۾ ئي ٿي ويا هئا. ظاهر آهي تہ يورپي صنعتڪاريءَ جي بنيادي عمل ۾ اضافي پورهيو پيداواري قدر، خام مال ۽ غلامن جو استحصال، فوجي طاقتن ۽ پوئتي پيل ملڪن تي ڪنٽرول ۽ قبضي لاءِ سرمائيداري

عمل جي بالادستي جو نتيجو هو جنهن عمل جي نتيجي ۾ ئي سرمائيڪاري، صنعتڪاريءَ ۽ سيڙپڪاريءَ ۾ اضافو ٿيو.

ان جي ڀيٽ ۾ پوئتي پيل ۽ ڏکڻ جي ملڪن کي کاڌ خوراڪ ۽ بنيادي جنسن جي پيداوار تائين محدود رکي غلام پورهيت کي گهٽ اجرتن تي وهائي ۽ سندن ملڪن کي ظالماڻي بينڪي نظامن ۾ قبضن هيٺ رکي، صنعتي ترقي حاصل ڪئي ويئي هئي. اهو سڄو معاشي عمل استحصالي عمل هو. جنهن جون مختلف شڪليون بينڪيتن جي خاتمي سان بہ ختم نہ ٿيون آهن. هاڻوڪي لبرل معيشت جي استحصالي شڪل ان عمل کي اڃان وڌيڪ تيز ڪيو آهي. لبرل معيشتن عالمي واپار، سرمائي، ماحولياتي تباهيءَ، عالمي مالياتي نظام ۽ غير رسمي پورهئي ۽ رياست جي مدد سان چڙهي تہ ان استحصالي عمل کي آزاد ڇڏي ڏنو آهي. ايئن زرعي سوال سرمائيدار ملڪن ۾ ئي اڃان حل نہ ٿيو آهي.

سرمائيدار ملڪن جي صنعتي ۽ معاشي ترقي اسان جهڙن پوئتي پيل ملڪن جي مسلسل بدحاليءَ جي نتيجي ۾ ٿي آهي. غريب ملڪن ۾ زرعي سوال صحيح معنيٰ ۾ عالمي ۽ داخلي يا سياسي بحث ۾ اڃان تائين علمي ۽ فڪري طرح بيان ئي نہ ڪيو ويو آهي.

هينئر موجوده وقت ۾ هن مسئلي تي چالو سوچ ڇا آهي. عالمي مالياتي ادارا ۽ اولهہ جا ملڪ پنهنجي هڪ طرفي فڪري سوچ هيٺ ڏکڻ جي ملڪن کي غريب ملڪ سمجهي "امداد"، "قرض" ۽ "رعايتون" ڏيڻ "غربتون گهٽائڻ" ۽ مدد جي نالي ۾ عالمي منڊين سان "مقابلي" لاءِ تيار ڪن ٿا. ان جي برعڪس تہ غريب ملڪ پنهنجي پيرن تي بيهڻ ۽ مقابلو ڪرڻ جي قابل آهن يا نہ. اها فڪري سوچ پنهنجي جوهر ۾ متضاد آهي ان ۾ ڪيئي مغالطا ۽ تضاد آهن، تہ ڪي غريب ملڪ ان فڪري رستي تي هلي زرعي ۽ قومي نجات حاصل ڪري سگهندا. معاشي ترقيءَ جي

جيتوڻيڪ هڪ رخي سوچ ۾ اهو بہ واضح ناهي تہ سرمائيداراڻي ۽ صنعتڪاريءَ جي رفتار کي سست يا تيز رکجي، رفتار هلڪي رکجي يا ڳري رکجي، تيز يا تمام تر تيز رکجي يا پرامن رفتار رکجي. ظاهر آهي سيني حالتن ۾ نتيجا مختلف ٿي سگهن ٿا. ان متعلق ڪا واضح وضاحت پيش ڪيل نہ آهي. ايئن ڪيترائي مفڪر روايتي زرعي سوال کي عالمي سطح تي حل ٿيل سمجهي، ان کي دراصل صنعتي ترقيءَ جي خاصيتي تبديلين سان ڳنڍيين ٿا. خاص ڪري اسان جهڙن ملڪن ۾ اهڙي خاصيتي تبديليءَ کي سرمائيداريءَ جي عمل ۾ تيز ڪري حل ڪرڻ گهرن ٿا. ان ۾ سڀ کان وڏو معاشي فڪري لاڙو ڪزنيٽ جي "جديد معاشي ترقي يا واڌارو" جو اصطلاح استعمال ٿئي ٿو. هن نظريي موجب زرعي ترقيءَ جي واڌ ۽ شرح کي آهستي آهستي، ڏاڪي بہ ڏاڪي واڌارا آڻي ان ڏاڪي تي پهچائجي، جتي مجموعي ڪل پيداوار ۾ زراعت ۽ ان ۾ پورهيتن جي شموليت جو حصو ۽ سيڪڙو صنعتڪاري ۽ ٻين شعبن جي مقابلي ۾ گهٽائي ٿورو ڪجي ۽ ايئن جلدي ڪاميابيون حاصل ڪجن ۽ زرعي تبديلين جو عمل تيز ترتڪڙو ڪجي تہ جيئن جلدي معيشتون ترقي ڪري سگهن. اهڙيون سٽيون ۽ ڦڪيون ڏيئي زرعي سوال کي جديد معاشي ۽ پيداواري عمل ۾ اهم شعبو سمجهي ۽ ان جي ڪل ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ جو دارومدار ملڪ جي معاشي تبديليءَ جي نوعيتن سان جوڙي يا ڳنڍي ڇڏيل آهي. ان ۾ جيڪي بہ تبديليون چاهي معاشي سماجي رشتن جون اچٽيون آهن، اهي پيداواري عمل، صلاحيت جي واڌاري، اضافي قدر ۽ سرمائي جي ڦهلاءَ ۽ واڌ جي عمل سان جڙيل آهن. ڇا ان عمل ذريعي زرعي ۽ معاشي پسماندگين مان نجات ممڪن آهي؟ جڏهن سرمائيداريءَ جا عمل ۽ پيداواري رشتا زرعي عملن ۾ پيهجي ويندا فني ترقيون ٿينديون، پيداواري قدرن ۾ اضافو ٿيندو ۽ پورهئي ۽ پيداواري صلاحيت ۾ اضافو ٿيندو تہ "زرعي سوال" پنهنجو پاڻ حل ٿي

ويندو. الله الله خير صلاح! جڏهن تہ ان ۾ گهٽ ۾ گهٽ اهم نوعيت جون خاص خاصيتن وارين پر اهم هڪ خاص قسم جي خاص رخن وارين تبديليون ايندين. اهي تبديليون زراعت جي اڪثريت ۽ ماڻهن جي زندگين کي تبديل نٿيون ڪري سگهجن. ايئن تاريخي طرح روايتي زرعي سوال کي سرمائي جو سوال سمجهيو ويو آهي.

جيڪڏهن مٿين منطقي دليلن کي سمجهي آمنا صدقنا ڪري قبول ڪري وڃجي تہ زرعي تبديلين جو عمل ان رخ ۾ ترقي ڪري ڪامياب ٿي ويو هجڻ گهرجي ها. جي ائين هجي ها تہ سماجي تبديليون اوس اچڻ گهرجن ها. زراعت جي ترقيءَ سان گڏ صنعتڪاريءَ جي ترقيءَ ۾ بہ صاف صاف اضافو نظر اچڻ شروع ٿي وڃي ها پر ائين نہ ٿيو. جيڪڏهن زرعي سوال واقعي ئي سرمائي جو سوال آهي تہ پوءِ ان مطابق طبقاتي اڀرابري سرمائي جي مدد سان زراعت ۾ پيداواري طريقن ۾ تاريخي واڌ ڪري ڪو مؤثر ڪردار ادا ڪن ها ۽ ايئن معاشي ڦيٿي جي ڦرڻ سان سرمائيداراڻي ترقيءَ وسيلي زرعي سوال سان گڏ ۽ ان سان لاڳاپيل وسيع پورهيت، آبادگار ۽ محروم طبقن ۾ آباديءَ ۾ خوشحالي، انهن جي پيداواري صلاحيت، صنعت ۽ غير زرعي شعبن ۾ صلاحيت وڌيل نظر اچڻ لڳي ها. پر ايئن نہ ٿيو ۽ ايئن ان مغالطي ئي اوائلي "زرعي سوال" کي فڪري معنا ۾ موت جي ننڊ سمهاري ڇڏيو ۽ ٻي جديد زرعي سوال جنم ورتو.

هينئر عالمي سرمائيداريءَ جي لبرل معيشت جي نظام ۾ عالمي سرمائي جي گردش چالو عالمگيريت خاص طور اسان جهڙن پوئتي پيل ملڪن ۽ خطن ۾ ان روايتي زرعي سوال تي بہ موت جو پروانو نصب ڪري ڇڏيو آهي اهو پروانو تاريخي طور وڏو اسپيڊ بريڪر يا فل اسٽاپ هوندو تہ پنهنجي ملڪ ۾ زرعي سوال کي مورڳو "سرمائي" جو سوال سمجهي، بہ ـ ٿي قل پڙهي بوچڻ ڇنڊي ڪن لاٿار ڪري روايتي سوچ جو غلام ٿي ان جي

تاريخي ۽ بدلجندڙ سماجي ۽ معاشي عمل ۾ موروگو واضع ڪردار کي خارج ڪري ڇڏجي. ان جي جدليات، سماجيات ۽ قومي ڍانچن ۽ فڪري جوڙجڪن ۽ ڳانداپن کان ئي موروگو انڪار ڪجي. پاڻ جهڙن معاشرن ۾ ڪيئن ممڪن آهي ته ڪامياب سرمائيداري عمل ذريعي زراعت جي واڌ ويجھ ڪري ۽ سرمائيداري عمل جي مدد سان مڪمل ڪجي. جي ايئن آهي ته نين صنعتن ۾ اضافو ٿيڻ گهرجي ها هتي ته موروگو صنعتڪاري عمل جي ابتڙ نيو لبرل معيشت عام ماڻهن کي زمينن تان بيدخل ڪري انهن جي وسيلن کي رياستي مشينري جي زور تي بي گهر ڪري، معيشتن کي عالمي معيشتن جي لبرل نظام ۽ فلسفي سان جوڙي رکيل آهن.

اسان جون معيشتون اولهه جي معيشتن تي دارومدار رکن ٿيون. لبرل معيشتن پنهنجي عالمي سرمائي جي طاقت، جنگين عالمي مالياتي ادارن جي پنجوڙن سان سياسي ۽ فطرتي ماحولياتي تباهين سان ڦرلٽ ۽ استحصالي عمل ۾ روان دوان آهي. ٻاهرين ۽ سرمائيدار رياست جي جوڙ توڙ سان سرمائي جي ميڙيءَ جو عمل تيز ٿي رهيو آهي، ايئن معاشي عمل اسان جهڙن ملڪن ۾ ان ئي يورپي فڪر جي تناظر ۾، ايشيا ۽ اسان جهڙن ملڪن لاءِ هڪ ڏندڪٿا ثابت ٿيو آهي.

گذريل ٽيهه چاليهه سالن جي طاقتن جي اڻ برابرين لبرل معيشت ۽ سرد جنگين جي ڇڪتاڻ ۽ عالمي ادارن دراصل هڪ وڏي ڪمال چالاڪيءَ سان زرعي مهارتون ايجاد ڪرائي، مٿين سوچن کي اڳتي وڌايو آهي. عالمي ادارا پاڪ صاف ٿي اين.جي.اوز جي مائڪرو ڪريڊٽ، ڪميونٽي ڊيولپمينٽ، پائيدار ترقيون ۽ رياست جي سرمائي ۽ جاگيردار نظام جي ڳٺ جوڙ جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. زرعي سوال اسان جهڙن خطن ۾ هڪ خيالن جو ڪاڪ محل ۽ ماهرن جو ڪاڪ ٿيل ٿيل آهي. مٿين فڪرن ۽ تجربن جو پنهنجي ملڪ جي ساخت، ڍانچي، تبديلين ۽

اسان جي بدحالين سان ڇڙ تہ ڪو واسطو ئي نہ هو۽ نہ آهي، تنهن ڪري ان سوال کي جاچڻ ضروري آهي.

زرعي سوال هڪ مسلسل بدلجندڙ ۽ هڪبئي تي اثرانداز ٿيندڙ اهم سوال آهي

زرعي سوال سرمائي جي اوسر جي نتيجي ۾ هڪ مسلسل، بدلجندڙ ۽ هڪ ٻئي تي اثر انداز ٿيندڙ اهم نوعيت جو سوال رهيو آهي. تاريخ جي مختلف ڏاڪن تي سرمائي جي اوسر بينڪيتن ڪي وجود ۾ آندو. غلامن جي ڪاروبار ۾ واڌ آندي. فوجي چڙهايون ٿيون، عالمگير جنگيون لڳيون. ماحوليات جون تباهيون آنديون، سرمائي جي اوسر ان جي هڪ هٿي واري يا مالياتي شڪل، وسيع اڻ برابريون پڻ پيدا ڪيون. ان تاريخي عمل هڪڙن ملڪن ڪي معاشي طور مرڪزي ملڪن ۾ ۽ ٻين ڪي پسگردائي وارن ملڪن ۾ تبديل ڪري هڪ قسم جا ٻيا معاشي مسئلا ۽ مونجهارا پيدا ڪيا آهن.

روايتي زرعي سوال پنهنجي نوعيت ۾ فڪري طرح صنعتي ترقيءَ ۽ قومي آزاديءَ سان سلهاڙيل سوال رهيو آهي. صنعتي ترقي يورپ جي ملڪن ۾ پنهنجي غير هموار سماجن ڪي توازن ۾ آڻڻ واري جدوجهد هئي. بينڪي ملڪن ۾ قومي آزاديون اوليت تي هيون. ڪيترن مفڪرن ان ڳالهہ جي حمايت ڪئي تہ پسگردائي يا بينڪي ملڪن ڪي پنهنجي قومي آزاديءَ لاءِ سامراج مخالف قوتن ڪي مضبوط ڪرڻو هو. اهڙين قومي تحريڪن ڪي پنهنجن پيرن تي بيهاري ۽ ان جا پير وسيع عوامي حمايت سان سلهاڙي قومي آزاديءَ جي ويڙهہ وڙهي وڃي تہ زرعي سوال ڪي قومي سوال سان ملائي حل ڪري سگهجي ٿو. ٻيو متبادل هي آهي تہ پنهنجي مٿين ڦرلٽ ڪندڙ طبقن ۽ سامراجي قوتن مان جان ڇڏائجي ۽ اهڙن زبردست خيالن جو اظهار پهريان ايشيا _ چين ۾ مائوزي تنگ ڪيو ۽ بعد ۾ آفريڪا ۽ لاطيني

آمريڪا جي ملڪن ۾ زور ورتو ۽ عوامي تحريڪون مضبوط ٿيڻ شروع ٿيون. اهڙا زبردست خيال، ويهين صديءَ ۾ وڏي عرصي تائين اهم سوال ٿي اڀريا.

پاڻ جهڙن ملڪن ۾ به زرعي سوال قومي جدوجهد واري سوال کان ڪٽيل، ڌار ۽ الڳ ٿي بيٺل سوال رهيو آهي. قومي وسيلن جي ڦرلٽ زمينن جي کسجڻ حقِ حاڪميت يا قومي خودمختياري يا ثقافتي ۽ لساني تشخص کان محرومي جيڪڏهن پنهنجي زرعي بدحاليءَ ۾ ڏسجي يا قومي غلاميءَ کي زرعي بدحاليءَ سان ملائي تجزيو ڪجي ۽ ان جو تاريخي طرح ڇيد ڪجي ان کي سمجهجي ته ٻنهي سوالن ۾ هڪ قسم جي يڪسانيت نظر ايندي. ٻنهي سوالن جي وچ ۾ ٻه طرفي تعلق ۽ ڳانڍاپي کي ڏسي ۽ سمجهي سگهجي ٿو. ان ٻه طرفي ڳانڍاپي کان ڪن لاتار نه ٿي ڪري سگهجي يا ان کي اڻ لاڳاپيل سوال سمجهي، عوامي ۽ مقبول سياست جي ڏندڪتا جو شڪار بڻائي ڇڏجي. تنهن ڪري، قومي آزاديءَ ۾ زرعي سوال کي يا زرعي سوال ۾ قومي آزاديءَ کي ملائي ڏسڻ گهرجي. ان ڳانڍاپي ذريعي بدحاليءَ کي قومي آزاديءَ سان جوڙي، صاف ۽ شفاف بيان ڪرڻ گهرجي. ايئن زرعي پسماندگيءَ ۽ قومي آزاديءَ جي حقن واري هلچل کي داخلي توازن ڏيئي پاڻ ۾ ان جي اهم يڪسانيت، نوعيت، ڦرلٽ جبر ۽ استحصال جي شڪلين کي سمجهجي ۽ سياسي جدوجهد کي وڌيڪ مضبوط ڪجي.

زرعي پسماندگي عالمي طور هڪ مجيل سوال ٿي اڀريل آهي ۽ سنڌ جي خاص حالتن ۾ نه رڳو ان جي طبقاتي ۽ سماجي اڻ برابري، صنفي اڻ برابري، وسيلن تي ڌاڙن جي شڪلين ۾، ماحولياتي تبديلين جي شڪل ۾ واضع ٿي اڀريو آهي پر زرعي ۽ قومي سوال پاڻ ۾ جڙيل آهن. ايئن زرعي سوال ۽ هاڻوڪي قومي آزاديءَ جي سوال ۾ اهو مرڪزي حيثيت رکي ٿو. وسيع آباديءَ جي غلاميءَ جي شڪلين کان نتائي، ڪنهن به قسم جي

آزاديءَ جي تحريڪ هلائي نٿي سگهجي، هڪ اهڙي سماج ۾ جنهن ۾ اڪثريت، انهن غلامن جي زندگي گذاري رهي آهي قومي آزادي ڪنهن به صورت ۾ اتي ڪا معنيٰ نہ ٿي رکي.

هر قومي سوال ۾ زرعي سوال مرڪزي حيثيت رکي ٿو ۽ هاڻوڪن جديد سماجن جي اڏاوتن ۾ صنفي اڻ برابرين، پسماندگين، طبقاتي اڻ برابرين ۽ قومي وسيلن جي ڦرلٽ ۾ علائقائي مظلوم قومن جي تعاون سان ڳنڍيڻو پوندو. جيڪڏهن انهن ٻنهي سوالن کي رد ڪجي تہ چالو هڪ هٿيءَ واري سرمائيدار لبرل معيشت جي عمل ۾ نہ برابري ٿيندي نہ وسيلن تي مالڪي وٺي سگهبي ۽ نہ ئي طبقاتي استحصال کي شڪست ڏيئي سگهبي، انهيءَ ڪري زرعي سوال زنده آهي. قومي سوال دراصل ان زرعي سوال پسماندگيءَ، بدحاليءَ ۽ وسيلن جي ڦرلٽ جي هڪ اڳتي وڌيل شڪل آهي. ان کي عالمي سرمائي جي نظام، رياست جي شڪل ۾ پنهنجي سماج جي معاشي ۽ سياسي ڍانچي ۾ ٻنهي سوال وسيع عوام جي گذر سفر جي وسيلن سان لاڳاپيل سوال آهن ۽ ساڳئي طرح زرعي پسماندگين کي قومي حقن حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ حل نہ ٿو ڪري سگهجي.

زرعي سوال هرو ڀرو ڪو تاريخ ۾ جامد بيٺل يا ڪو فل اسٽاپ يا ڪو موڙ نہ پر هر هڪ ڏاڪي تي مختلف شڪلين ۾ تبديل ٿيندو رهي ٿو. ارڙهين ۽ اڻويهين صديءَ جا زرعي سوال يورپ اولهہ ڏکڻ ۽ ٻين خطن ۾ نون سوالن جي شڪل ۾ ظاهر ٿيا. ايئن جيئن مغلن جي زماني جا زرعي ڍانچا (ذات ـ ورنا) انگريز جي زماني جي لينڊ ٽينيور سسٽم (جاگيرداري۔ زميندراي۔ روتواڙي) نظام کان مختلف هئا. هينئر ملڪ ۾ زرعي لاڙن جي کهڙي نوعيت طبقاتي ۽ سماجي جوڙجڪ درجا بندين، ڦرلٽ جي شڪلين، قومي وسيلن جي تباهي ۽ ڦرلٽ جي نوعيت ٻي آهي. سياسي سوال واضح آهي تہ پنهنجي سماج جون استحصالي شڪليون معاشي

حوالي کان ڪهڙي اهميت واريون آهن، جنهن ۾ اسان جا وسيلا اسان جي پنهنجي ضابطي هيٺ ناهن. اسان جي قومي حقن کان مسلسل انڪار ڪيو ويندو رهيو آهي. لڳاتار پنتي پيپل جابر حڪومتن يا ان جي پاڻ ۾ استحصال ڪرڻ وارن طبقن جي مدد سان هڪ وڏي آباديءَ کي پوئتي رکيو پيو وڃي.

معاشيات ئي سياست جي زبان آهي ۽ ايئن رياستي جبر ڦرلٽ طبقاتي اڻ برابريون ۽ سرمائيداراڻي ڦرلٽ جو مقابلو ڪري سگهجي ٿو. هي ڏکيو وقت آهي، جنهن ۾ زرعي سوال کي، سياسي ۽ سماجي رخن کان سنجيده وٺي ڪري قومي ۽ زرعي سوال جي حل لاءِ سياسي رخ جو تعين ڪري بين الاقوامي سرمائيداريءَ جي استحصال کان پنهنجي جند آزاد ڪرائجي. اهڙي طريقي سان قومي جبر جي سمورين شڪلين استحصال جي سمورين شڪلين، جنسي اڻ برابرين، ماحولياتي تبديلين ۽ علائقائي بيهڪ کي نظر ۾ رکندي، پنهنجي سماجي رشتن کي سمجهي ۽ سياسي معنيٰ ڏيئي سياسي عمل کي وڌائجي. بين الاقوامي طور هي سمورا لقاءَ مختلف ڏاڪن تي اسان لاءِ نوان چئلينجز کڻي آيا آهن. پنهنجي قومي سوال آزاديءَ جي تحريڪن ۽ عوامي تحريڪن کي سياسي عمل ۾ عالمي سطح تي سمجهي، پنهنجي لوڪل گهرجن آهر گهڻ طرفي سياسي خود مختياري ۽ هڪ هٽيءَ واري عالمي لبرل سرمائيداريءَ کان نجات ڏيارڻ جي اولين منزل جو تعين ڪرڻ گهرجي. عالمي مالياتي سرمائي ماحولياتي ۽ انساني تباهي آندي آهي، قومي وسيلن جي ڦرلٽ ٿي آهي ۽ قومي تحريڪن کي رورس گيئر ان ڪري آهي جو سندن تحريڪون سماجي عمل ڦرلٽ جي نظام ۽ وسيع عوامي گهرجن جي حاصلات کان ٻاهر، ڪٺيل ۽ خلا ۾ بيٺل آهن. قومي تحريڪون ڪوڙين اليڪشنن، آئيني ڍانچن ۽ رياست جي جبر کي صرف سادي ثقافتي ۽ لساني تشخص جي بنيادن سان

ڪٽي نٿو سگهجي.

هينئر چئلينجز خاصيتي نوعيت جا آهن هينئر قومي آزاديءَ جون تحريڪون رياستي جبر مان جان ڇڏائڻ واريون آهن. توڙي جو ڪجهه لاڙا علحدگيءَ وارا به آهن. پر پنهنجي حاصل ڪيل نالي ماتر جمهوري حق ۽ حقِ حاڪميت, يا اڻ هوند واري قومي خود مختياري ثقافتي سڃاڻپ ۽ ان جي بچاءَ ڪي وڏيڪ گهرو ڪرڻ ۽ مضبوط ڪرڻ ئي اهم قومي سوال آهي. اهڙو قومي سوال ان ڪان به اڳتي اڃي عورتن جي اڻ برابريءَ پسماندگيءَ رياست جي جبر وسيلن جي ڦرلٽ ۽ زرعي جديديت سان هم آهنگ هجڻ گهرجي. ايئن زرعي ۽ طبقاتي سوال ۾ جڙيل ڏرين ڪي به هڪ طرفي سوچ مان ٻاهر نڪري فڪري تسلسل ۽ گرامر ڪي سمجهي روايتي زرعي سوال ڪان اڳتي نڪري ڦرلٽ, ۽ استحصال جي عمل ۾ پورهيت جي مزدور ٿهڻ جي آسري ۾ هارين جي تباهي ۽ ان جي ڪيڙڻ جي حق ۽ زمين جي مالڪي مڃي تبديليءَ لاءِ ڪوشش ڪجي.

دنيا جي ڪيترن انقلابين مائو, لينن ڪيبرال ڪاسترو اهڙن سوالن ڪي عالمي تناظر ۾ ڏسي, سمجهي ۽ پوءِ قومي آزاديءَ جو رستو ورتو ۽ ان سڄي عمل ڪي فطري طرح سمجهي ڪنيو. انهن مٿين نقطن ڪي سمجهي سمورن اڳوڻن فڪرن ۾ زرعي سياسي, سماجي ۽ معاشي پهلو اڳ ۾ ئي هئا.

انگريزن ۽ هاڻوڪن حڪمرانن هارين جي معاشي ۽ سماجي غلاميءَ ڪي برقرار رکيو. قومي وسيلن جي ڦرلٽ ڪئي آهي, اسان جا حقِ حاڪميت ۽ قومي خود مختياري ثقافتي ۽ لساني تشخص داءَ تي لڳل آهن.

عالمي سرمايو پسماندگيءَ ۽ غير رسمي معيشت ڪي وڌائي هارين جو فطري خاتمو ڪري ٿو ۽ صدين جي غلاميءَ ڪي وڌائي ٿو. ان سموري وحشانيت ڪي سرمائي جي انبار ۽ استحصال ڪي فڪري طور ۽ عملي طور جاري رکيو ويو آهي سرمايو هڪ عنصر آهي. جيڪو رياست ۽ سرمائي

جي مرڪز جي ڳٽ جوڙ ۾ مقامي سرمائيدار ۽ ڦورو طبقن جي مدد سان هڪ وبا ۽ ڇور بڻجي عوام جي زندگين ۾ پورهئي جو رت چوس نظام بڻجي چڪو آهي. ان جي مقابلي ۾ پورهيت طبقا ۽ خاص ڪري هاري طبقا جن لاءِ مارڪس چيو هو تہ "هاري پٽاٽن جي هڪ ٻوري آهن." اُهي نظام جي استحصال جا ماريل آهن "پاڙيا" آهن. انقلابي حالتن ۾ هاري انقلاب دشمن ۽ تحريڪن ۾ ڪمزوري ۽ نااميدي نظر ايندي آهي، پر هو گهر ڏٽي آهن اڳوٽين ۽ نين بينڪيتن ۽ رياستن جا نوان غلام آهن. سندن پيداواري طريقا پوئتي پيل آهن. سرمائي جي عمل ڪين نپوڙي رکيو آهي. اهڙي سوچ هينئر ان ڪي سياسي متبادل ناهڻ، عالمي سرمائيدار خلاف ويڙهہ ۾ ڪين گهٽ ۾ نيچ ظاهر ڪرڻ، ان وقت جي حالتن جو شعوري عمل هو. پر تاريخ ۾ اسان ڏٺو تہ غريب ۽ امير هارين پنهنجي سماجي استحصال ۽ درجابندين ڪي سمجهي واضح ڪيو. پنهنجي دشمن جي سڃاڻپ ڪئي، سياسي پروگرام ترتيب ڏنا شهرن ڳوٺن ۾ ۽ پيرس جهڙن شهرن ۾ انقلاب آندا. چين، روس، ويٽنام، ڪوريا ۾ آسمانن ڪي للڪاريو ۽ ايئن هارين پنهنجي تنظيم ڪاري ڪري قومي نجات لاءِ بنيادي ۽ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ قومي خود مختياريءَ کي هڪ عظيم جذبو قرار ڏنو پنهنجي سياسي چالن، حڪمت عملين سياسي طريقن ۾ تبديليون آنديون، سماجي درجابندين کي واضح ڪيو ان کي وقت جي بنيادي سوالن سان ڳنڍيو ۽ ايئن قومي عوامي انقلاب آندا.

ايئن پنهنجن طبقن جي گهربل سڃاڻپ ڪري، طبقاتي ڪردار جو تعين ڪري، ڪين متحد ڪري، دشمن جي صحيح سڃاڻپ ڪري، ڦورو طبقن، غاصب طبقن ۽ پاڙيتو طبقن، جن جو تعلق سامراجي طاقتن تي آهي. انهن جي واضح سڃاڻپ ڪجي. ايئن طبقن ۽ حاڪم طبقن جي خيالن کان بالاتر ٿي رواجي ۽ چالو سياست جي ابتڙ سماجي عمل کي سمجهڻو

پوندو. پنهنجي وچين طبقي جي موقعي پرستي ۽ عوام دوست ڪردار کي واضح ڪري، هارين، پورهيتن، مزدورن ۽ استحصال جي سمورين گڏيل شڪلين کي سمجهي، نيم پورهيت، آباد گار، پاڙيتو ڪلاس ۽ ان ۾ گهربل انقلابي طاقت کي واضح ڪري، نظرياتي طرح اڳتي وڌيل طبقن سان ملائي، قومي ۽ عوامي تبديلي انقلاب لاءِ تيار ڪجي. قومي تحريڪن جي ڪاميابي يا ناڪاميءَ جو سڄو دارومدار سرمائي جي گردش ۽ ان جي انبار ۽ استحصال ۽ ان جي متاثرين کي صحيح معنيٰ ۾ منظم ڪرڻ تي منحصر آهي. "سموريون طاقتون پيڙهيل طبقن وٽ هجن" جي اصول کي قائم ڪجي. تبديلي سياسي اڳواٽيءَ سان ايندي، نه ڪي معاشيات جي اصولن سان. سمورا طبقا ۽ خاص ڪري هارين کي گهربل تبديليءَ لاءِ نه رڳو عمل ۾ آڻجي، پر فڪري طور به ڪين پختو ڪرڻو پوندو. ڇاڪاڻ ته سڀ کان وڌيڪ پيڙهيل طبقا اُهي آهن، انهن کي وڃائڻ لاءِ ڪجهه به نه آهي ۽ حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ ڪجهه. هي اهوئي طبقو آهي جيڪو ٻين قسمن جي قبائلي، سرداري، ذات پات، برادرين، وسوسن، تشدد، وهم ۽ سمورين برائين جي هوندي جڏهن پنهنجي طاقت کي تبديليءَ ۽ انقلاب لاءِ وقف ڪندو ته پوءِ نجات ممڪن آهي. ايئن قومي آزاديءَ جو عمل به پاڻ کي مستقبل جو هڪ ٻيو انسان ناهڻ هوندو. جيڪو پنهنجي تاريخي حقن جي ڦرلٽ، لساني امتياز، مذهبي ۽ قومي ڦرلٽ جي سمورين شڪلين کي آئيني نظر ۽ فڪر ۾ ڏسندو. تنهنڪري اهڙي جدوجهد، فڪري جدوجهد هوندي، جيڪا سياسي ۽ معاشي خودمختياريءَ ۾ لڪيل آهي. اها فڪري ويڙهه چالن ۽ حڪمت عملين ۾ سياسي طرح عالمگيريت، ماضي ۽ مستقبل جي وڌندڙ سماجي ڇرپرن، هلچلن ۽ سماجي بيگانگيءَ مان ڦٽي نڪري مزاحمت لاءِ هيٺئين طبقي جي هارين، آبادگارن، وچولي طبقن جي قومي ڪردار کي اجاري، جنسي اڻ برابريءَ جو خاتمو ڪندي، ماحوليات ۽ وسيلن جي تحفظ تي ٻڌل

۽ ان ئي جوڙجڪ ۾ سرمائي جي استحصال، سرمائي جي انبار کي عام مزاحمت ۾ تبديل ڪري تبديليون آڻيندي. تنهن ڪري ڪا به قومي تحريڪ زرعي سوال کان ڪن لاتار نه ٿي ڪري سگهي ۽ ان زرعي سوال کي، جنهن ۾ قوم جي وسيع هاري اڪثريت نندڙڪي ٿيل هجي. هاري وڏي طاقت آهن، عوامي طاقت آهن، ترقيءَ ۽ انقلاب لاءِ انهن کي اسان جهڙن خطن ۾ اڃان صحيح نموني تحرڪ ۾ نه آندو ويو آهي. ان جي گهربل ڪردار ۽ ڪمزورين تي بحث ٿيڻ گهرجي، ان جو زمين سان جڙيل هاري ۽ زرعي سوال، غير رسمي پورهئي، زمين کسجڻ، غربت/ شهري ۽ غير شهري حالت، رسمي ۽ غير رسمي پورهئي، قومي ۽ عوامي هلچلن ۾ شاندار ڪردار رهيو آهي. انهن کي جديد سماجن جو حصو سمجهي، طاقت ۾ بدلائي، ايندڙ بحرانن لاءِ تيار ڪرڻ گهرجي، ته جيئن هو ايندڙ زمانن ۾ آزاد، خودمختيار، جمهوري، برابري، پائيدار ترقين ۽ قومي نجات جي جدوجهد ۾ شامل ڪجي، کين گهربل سياسي جڳهه ڏيئي سجاڳي پيدا ڪرڻي پوندي، کين تاريخي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار ڪرڻ گهرجي. اها ذميواري سمورين سياسي قوتن تي لاڳو ٿئي ٿي.

زمين تي قائم بينڪي نظام ۾ محڪومي

ايڪويهين صديءَ ۾ زرعي سوال ۽ ان جي نوعيت سمجهڻ ضروري آهي. دنيا ۾ آبادين جي شهرن ڏانهن لڏپلاڻ، نون وچولن طبقن جو اڀرڻ سرمائيداريءَ جي فتح، لبرل معيشت ۽ ”عالمگيريت“، ان سوال جي نوعيت کي هينئر وڏيڪ شدت سان اڀاريو آهي. ان جو سبب آهي عالمي پسمنظر ۾ چين ۽ هندستان جيڪي وڏا زرعي ملڪ آهن. اهي تيزيءَ سان معاشي ترقي ڪري رهيا آهن ايشيا سان گڏ آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ملڪن ۽ ڪنڊن ۾ بہ سرمائيداريءَ جي اوسر جي نتيجي ۾ جمهوري ۽ ترقين جي عملن ۾ اهڙين بين مشڪلاتن ۽ مسئلن کي سمجهڻ لاءِ زرعي سوال اهم آهي. سٺ، ستر ۽ اسيءَ جي ڏهاڪن ۾ بينڪيتن مان جان ڇڏائڻ ڪانپوءِ قومي آزادين جي تحريڪن دوران پاڻ جهڙن پوئتي پيل ملڪن ۾ زرعي سوال ۽ ان سان لاڳاپيل مسئلن تي ڪافي بحث مباحثو ٿيندو هو ۽ سياسي پارٽيون اهڙن سوالن تي گهڻي ڀاڱي باخبر هونديون هيون. پر هينئر بہ سياسي پارٽين ۾ ان سوال تي سنجيده بحث نظر ڪونہ ٿا اچن.

زراعت سان لاڳاپيل سوال جهڙوڪ: وسيع آباديءَ جو زمين تي مالڪي، وسيلن تي رسائي ۽ استعمال، گذر سفر رهڻي ڪهڻي ۽ سندن معيارِ زندگيءَ سان گڏ ڳوٺاڻي آباديءَ جي روزگار ۽ ان متعلق مروج قانون ۽ ٻيا سماجي ۽ معاشي معاملا اهم سوال آهن.

زمين تي رسائي يا وسيلن تائين پهچ انتهائي بنيادي ۽ اهم حق آهي. لاڳاپيل قانون ۾ اهڙا قانوني حق حاصل هجن جيڪي هارين ۽ وسيع ڳوٺاڻي آباديءَ کي زمين سان رشتو ڳنڍڻ ۾ مدد ڪن نہ ڪي ڪين گذر سفر جي وسيلن تان بي دخل ڪن. ڳالهہ صرف حقن جي بہ نہ آهي، پاليسيون بہ اهڙيون عوام دوست هجڻ گهرجن، جيڪي وسيع ڳوٺاڻي آباديءَ کي ڪيڙڻ

جي حق کان محروم ڪري نہ سگهن. پنهنجي وسيلن جي مالڪ هئڻ جي ناتي ملڪ جي کاڌ خوراڪ، اُپت ۾ پيداوار ۾ اضافو ڪري ملڪ لاءِ خوراڪ جون ضرورتون بہ پوريون ڪري سگهن ۽ ايئن وسيع آباديءَ جي حقيقي آمدنين ۽ زندگين جي معيارن ۾ بہ اضافو ڪري سگهن. ٿيڻ تہ ايئن کپندو تہ ملڪي پيداوار، معاشي سگهہ، بين الاقوامي واپار ۽ کاڌ خوراڪ ۾ اضافو آڻي، هارين ۽ ٻي وسيع آباديءَ ۾ خوشحالي آڻجي. پر هتي تہ گنگا ئي الٽي وهي ٿي، حڪمرانن جو زراعت زمين جي مالڪي پيداوارخوشحالي ۽ وسيع آباديءَ ڏانهن رويو مايوسيءَ وارو آهي. هر سال زرعي پيداوار جي ملڪي پيداوار ۾ شرح گهٽ ٿيندي وڃي ٿي، کاڌ خوراڪ جي شين، واپار ۽ ٻين زرعي شعبن ۾ غربت بنيادي سهولتن جي کوٽ ۽ هارين جي معيار زندگي ۽ آباديءَ جي دٻاءَ جي نتيجي ۾ غربت ۽ اڻ برابريءَ ۾ اضافو ٿيو آهي. ڪافي انگ اکر اهڙا آهن جيڪي ڏسين ٿا تہ ننڍا آبادگار ۽ هاري ڪچي توڙي پڪي ۾ پنهنجون زمينون استحصالي نظام هيٺ کپائڻ تي مجبور آهن. روزگار جا موقعا گهٽجي غير رسمي معاشي سرگرميون وڌي ويون آهن زمين مورڳو گذر سفر ۽ کاڌ خوراڪ مهيا ڪرڻ جو ذريعو بچي آهي. اها اجان تجارتي ڏاڪي تي پهچي، اها اجان پري جي ڳالهہ آهي. ايسيتائين جو ڳوناٽي ۽ شهري آباديءَ کي کاڌ خوراڪ مهيا ڪري ڏيڻ لائق بہ نہ رهي آهي. ظاهر آهي جاگيردار، سرمائيدار ۽ قبائلي وڏيرڪو سماج ان سوال تي پلا ڏيان ڇو ڏريندو اهڙي سماج جا مٿيان طبقا ان نظام جا ڪاٽائو طبقا آهن. سياسي پارٽين جو زرعي سوال ڏانهن موقف بہ اتهسائيندڙ نہ آهي ان جا ڪيئي سبب آهن، انهن کي ڪير نئين اک سان ڏسندو تہ خبر پوندي پر سڀ کان وڏو سبب خود معاشي نظام آهي.

سرمائيداراڻي جديديت جي نالي ۾ قائم زمين جي ذاتي ملڪيت جو نظام جيڪو غير حاضر جاگيردار ۽ زمينن جي مالڪ جاگيردار ۽ وڏيرن جي

فائدي ۾ آهي، جتان هو ٻنئي ۽ زمينن جي ذاتي مالڪيءَ ڪري سواءِ ڪنهن پورهئي ڪرڻ جي هارين جي پورهئي مان منافعو ڪمائي انهن جي پورهئي جو استحصال ڪن ٿا هارين ڪي زمين تي اوپرو غريب ڪنگال ۽ ڪمزور ڪن ٿا، جنهن جي ڪري هارين جي زمين جي پيداوار ۽ صلاحيت ۾ ڪا دلچسپي نہ آهي. انهن کي خبر آهي تہ انهن جي محنت سندن زميندار کسي وٺندو. آخر اڌ ٻنئي غير هموار زمين جي ملڪيت ۽ ٻي زميني نظام ۾ هاري خوشحال ڪيئن ٿيندو. تاريخي طور زمين تي ذاتي ملڪيت جو سرشتو هڪ تاريخي عمل جو نتيجو آهي جيڪو مختلف وقتن تي رياست جي آڳاتي زمين جي مالڪيءَ جي سرشتي ۾ ٻيج ڊاهہ جي نتيجي ۾ ڦٽي نڪتو آهي.

گڏيل هندستان ۾ مغلن جي زماني ۾ زمين جي مالڪيءَ جو سرشتو انگريزن جي نافذ ڪيل مالڪيءَ جي سرشتي کان مختلف هو. زمين ڳوناٽي ملڪيت ۾ مٿين طبقن يا غالب ذات پات "جاتي- ورنہ" نظام هيٺ هئي، هارين کي زمين تي رسائي آبادي ڪرڻ جا مڪمل حق حاصل هئا. مغل بادشاهہ پنهنجي عاملن ذريعي رڳو ٽيڪس اڳاڙيندا هئا پر زمين جي ملڪيت ۾ عاملن کي مداخلت ڪرڻ جي اجازت نہ هئي. جيتوڻيڪ اهو نظام هارين لاءِ غير منصفاڻو ۽ محڪوميءَ وارو نظام هو پر خوراڪ جي پيداوار ۾ پاڻ ڀرو هو. هارين جي حالت يوناني رياست اسپارٽا کان بہ ويل هئي جڻ تہ غلاميءَ جو دؤر هو پر ڪاڏ خوراڪ ۾ خود ڪفيل ۽ پائيدار پاڻ ڀرو هو ۽ پيٽ گذر لاءِ ڪافي هو. عملي طور زمين جي ڪا بہ ذاتي ملڪيت نہ هئي زمين ڳوٺ جي گڏيل ملڪيت هئي. رياستون فقط بادشاهہ لاءِ نذرانا يا تحفا گڏ ڪري پيش ڪنديون هيون. زمين جو ڪنٽرول رياست ۾ موجود گروهن، قبيلن ۽ ڳوناٽي سماج جي استعمال هيٺ هيو.

برطانيہ جي اچڻ کان پوءِ رياستن ۾ زميندارن کي ٽيڪس اوڳاڙڻ

جي ڊيوٽيءَ تي لڳايو ويو عوامي رابطي جا هڙئي ڪم انگريز انهن حوالي ڪري ڇڏيا انگريزن اهڙن زميندارن، جاگيردارن تي ٻڌل نظام متعارف ڪرائي ڪين خانبهادر، سر، خانصاحب، نواب ڪري نئين طبقي جو بنياد وڌو. جيڪو ان وقت جي مروج روايتن کان هٽيل هو، جيڪو آهستي آهستي زمين جي ملڪيت جو مالڪ ٿي ويو.

انگريزن هندستان جي سماجي ڍانچي کي سمجهڻ کان سواءِ ۽ گهربل امڪانن کي نظر ۾ رکڻ کان سواءِ پنهنجي طرز جو زمين جي نجي مالڪيءَ جو سرشتو نافذ ڪرڻ شروع ڪيو. سندن مقصد آمدني وڌائڻ ۽ مقامي انتظاميا ذريعي بيٺڪي معاملن جي نگراني ڪرڻ هو. ساڳيو نظام جيڪو انگلينڊ ۽ يورپ جي ٻين ملڪن ۾ لاڳو ٿيل هو ان جو به هڪ تاريخي پس منظر آهي.

جاگيرداري يا فيوڊل ازم هڪ پوري تاريخ رکي ٿي، يورپ ۽ انگلينڊ ۾ جيڪو زمين تي پهچ رسائيءَ استعمال يا مالڪيءَ جا اختيار يورپ جي جاگيرداري دؤر ۾ مٿان کان هيٺاهين سطح جا هئا، زمين تي حق يا ته پوري ڳوٺ جا هئا يا وري پهريان حق هارين يا جاگيردارن ـ زميندارن جا حق نافذ هئا. ٻي سطح تي اتان جي مقامي جاگيردارن جا حق هئا ۽ آخر ۾ بادشاهه جا سڄي زمين تي مطلق حق هئا. ارڙهين صديءَ کان اهڙي زميني سرشتي کي "انڪلوزرس" جي نالي سان قانوني طرح ننڍن ٽڪرن کي ملائي، ان تي حدبنديون هڻي ڪري، مالڪيءَ جو تعين ڪيو ويندو هو. اهڙيون زمينون جابلو ۽ ميداني علائقن ۾ چراگاهن ۽ فصلن لاءِ ڪم اينديون هيون. اهڙين زمينن کي قانوني طرح خريدي استعمال ڪرڻ جو حق حاصل هوندو هو بعد ۾ اهڙيون زمينون طاقت مزاحمت، خونريزيءَ جي ذريعي به حاصل ڪيون وينديون هيون. اهڙن نظامن ۾ اوائلي زرعي طريقا استعمال ڪري هارين کي وهائي ان مان خاصو منافعو ڪمائي وڏيون زرعي تبديليون آنديون ويون،

جن کي برطانيہ ۽ يورپ جي زرعي انقلابن جو نالو ڏنو ويو. ان ۾ غريب هارين جون اجرتون گهٽيون ۽ غربت ۾ اضافو ٿيو. اهڙين تبديلين تي مارڪس لکيو تہ اهڙيون زرعي تبديليون وسيلن کي استعمال ڪري زرعي - اجرتي مزدورن ۽ غلامن جي پورهئي تي منافعي خوريءَ جو بنياد وجهي رهيون آهن مارڪس شروع ۾ اهڙين تبديلين جي سخت مخالفت ڪئي ۽ واضح ڪيو تہ هارين جي وسيع اڪثريت جي وسيلن تي رسائي، پهچ ۽ استعمالُ محدود ٿي ويندو. اهڙي زرعي ترقي هارين کي اجرتي مزدورن ۾ تبديل ڪري بي گهر بڻائي، ڪمزور هيٺو ۽ مجبور ڪري کين شهرن ڏانهن اجرتي مزدور بڻائي ڇڏيندي يا کين زمين تي ئي روزاني اجرت وارو زرعي مزدور بڻائي ڇڏيندي يا وقتي پورهيت ڪري ڪٽت وارو ٺيڪيدار يا هارپو ڪندڙ هاري بڻائي ڇڏيندي جنهن جو آخري نتيجو هي نڪرندو تہ وڏيون زمينون هارين جي پورهئي تي منافع بخش ڪاروبار جي شڪل وٺي، دولت کي ڪجھ هٿن ۾ جمع ڪرڻ شروع ڪندي. هارين کي زمين جي مالڪيءَ بدران بي زمين هاري يا مزدور جي شڪل ۾ تبديل ڪندي، هو زمين جي وسيلن ۽ پيداواري وسيلن، ٻنهي کان محروم ٿي ويندو ۽ سندس معاشي حالت ڪمزور ٿي ويندي.

ائين اسان جي ملڪن جي پيٽ ۾ ٻين ڪندن جهڙوڪ آفريڪا ۾ زمين جي ذاتي ملڪيت خاص روايتي ۽ تاريخي اصولن تي ٻڌل آهي، اتي زمين جي ملڪيت جي نوعيت مختلف آهي. زمين تي رسائيءَ جون شڪليون زمين جا انتظام، روايتي قانونن موجب ڪٽنب جي ملڪيت يا اتان جي مقامي گروهن جي ملڪيت آهي. زمين جو انتظام رکوالي، هڪ طئي ٿيل عمل ذريعي فرد، گروهہ ٽولن ۽ ادارن حوالي آهي. هارين کي زمين تي برابر جي رسائي مليل آهي، آفريڪا ۾ زمين کي ڪنهن بہ صورت ۾ ٻاهرين حملہ آورن ۽ غلامن جي ملڪيت کان ٻاهر رکڻ ۽ زمين جي

مالڪيءَ کي، قبيلن جي فردن، شجري، ذات پات حيثيت يا حق آڌار برابر ورهائڻ بہ اهم نڪتا آهن. اهڙي نظام کي ساراهي تہ نہ ٿو سگهجي پر اهڙي روايتي زميني مالڪيءَ ۾ ڳوٺن جي آزاداڻي شموليت، راضپو رياستي انتظام ۽ وسيع عوام جي شموليت اجان بہ گهربل بحث آهن. تنهن هوندي بہ آفريڪا ۾ زمين جي مالڪيءَ جو نظام پنهنجن نظامن کان نسبتاً بهتر آهي.

سنڌ ۾ عربن جي بالادستي، افغاني حڪمرانن ۽ مغلن جي دؤر جي صدين جي غلاميءَ ۾ هارين جي حالت پوري هندستان وانگر خراب هئي زرعي غلامي جڻ تہ وقت جو رائج سڪو هو. اورنگزيب ۽ شاهجهان جي زماني ۾ "مغلن جي طاقت جا بنياد کوکلا ٿي چڪا آهن. مغل حڪمرانن جو جاگيردارن ۽ زميندارن تي ڪو ڪنٽرول نہ رهيو هو. سڄي دؤر ۾ تشدد، بغاوت، ڦرمار جاري هئي، ان موقعي جو فائدو مفادپرست ۽ خودغرض زميندارن، نوابن ۽ جاگيردارن وڏيڪ ورتوءِ استحصال ڪيو. سنڌ ۾ صورتحال خطرناڪ ٿي ويئي هئي، اورنگزيب جي فوج مٿئين ڪنٽرول ڍرو هئڻ ڪري سنڌ جو انتظام ميان يار محمد ڪلهوڙي حوالي ڪيو ۽ ايئن جهانگير جي زماني جو سڄو سنڌ خطو هاڻي سڌو سنئون ڪلهوڙن جي حوالي ٿي ويو آهي." سنڌ ان زماني ۾ چئن انتظامي يونٽن ۾ ورهايل هئي: خالصا، جاگيريت، انعامي ۽ زمينداري. خالصا ـ يونٽ خاص ڪري حڪمرانن جي زمين، جاگيريت ـ عربن جو تعارف، جنهن ۾ خليفا پنهنجي مائٽن کي زمين ورهائيندا هئا. اهوئي زمانو هو جڏهن شاهہ عنايت اڪيلي سر جاگيريت سان جنگ جوٽي ۽ "جو کيڙي ـ سو کائي" جي نعري هيٺ مزاحمت ڪئي ان کان اڳ ۾ بہ هاري بغاوتون ٿي چڪيون هيون. ميران سيد محمد جونپوري 1505_1443ع ۾ "دائرو" تنظيم جي اڳواڻيءَ ۾ نٽي ۾ مهدوي مزاحمت ڪري چڪو هو.

انگريزن جي نئين نظام غلام ۽ هيٺئين طبقن دلت کي زمين تي

رسائي ۾ حق کان محروم ڪيو ۽ ايئن زمين جي مالڪيءَ جو يورپي نظام انگريز جي مقرر ڪيل ڪمشنر ۽ روينيو نظام ۾ تبديل ٿي ويو اهڙيءَ ريت نوان سماجي ۽ معاشي ڍانچا نهڻ لڳا. انگريزن کان آزاديءَ کانپوءِ زمين جي بينڪي نظام تي ڪنهن ڪو سوال نہ ڪيو جيڪو بينڪي نظام بعد ۾ پاڪستان جي وسيع اڪثريتي زبردستي ٿاڦيل آهي. هي اهو ئي ساڳيو انگريزن جو نهيل طبقو آهي جيڪو پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ مسلسل زمينن ۽ حڪمرانيءَ جو والي وارث بڻيل آهي. جنهن ڳوناٽي غربت بدحالي، پسماندگي، وسيع اڻ برابري ۽ محڪوميءَ کي جنم ڏنو آهي. جتان ئي رياست ۾ مٿين طبقن جي طاقت جو اظهار ٿئي ٿو جنهن جو عڪس سياسي نظام جي جوڙجڪ مان پَسي سگهجي ٿو.

ملڪ ۾ معاشي ـ سياسي طاقت جو توازن، زمين جي ملڪيت ۽ رياست جي قانونن جو پاڻ ۾ هڪ اٽُٽر رشتو آهي. اها زميني فيوڊل طاقت سياسي اقتدار جو حصو بڻجي ٿي ملڪ جي چاليهہ سيڪڙو زمين ۽ آبپاشيءَ جو سڄو نظام رڳو نو سيڪڙو مٿين طبقي جي ڪنٽرول ۾ آهي يا مارڪيٽ يا فطرت جي رحم ڪرم تي آهي. پاڪستان ۾ آباديءَ جو ٽيهٺ سيڪڙو اٽڪل چوڏهن ڪروڙ ڳوناٽي آباديءَ جي گذر سفر جو وسيلو زرعي معيشت تي آهي. ايتري وڏي اڪثريت لاءِ جديد دنيا ۾ گهربل عزت ڀري زندگي گذارڻ مشڪل ٿي پيو آهي. اهڙي زرعي سوال ۽ سرشتي کي نئين سري سان ڏسڻ جي ضرورت آهي دراصل اڏ بڻئي نظام ۽ غير هموار ملڪيتي نظام ختم ڪري زمينن کي ڪيڙيندڙن حوالي ڪيو وڃي، پسماندگيون هڪ ڌڪ سان ختم ڪري سگهجن. اهو ممڪن آهي ڪن ملڪن اهڙا ڪم ڪيا آهن، پر اهو ڪم حڪمرانن کان نہ پڄندو، جيستائين پيڙهيل طبقا پاڻ پنهنجي قسمت پنهنجي هٿن ۾ نہ کڻندا.

Daily Kawish September 12, 2021

سياسي معيشت، سماجي انقلاب ۽ مزاحمتي تحريڪون

روايتي انقلابي نظرين هيٺ سماجي انقلاب آڻڻ لاءِ هڪ انقلابي طبقو گهربل هجي ٿو. جيڪو زرعي سماج جي ڏاڪي بہ ڏاڪي صنعتي سماج ڏانهن سفر منجهان، ان جي نتيجي ۾ پنهنجو پاڻ کي وڏائي ويجهائي انقلابي طبقي ۾ تبديل ڪري، سماجي انقلاب آڻڻ جو سبب ڪان وڏو اهم ۽ بنيادي سبب بڻجي. ائين سياسي حڪمت عملين ذريعي ان طبقي کي سرمائيداراڻي نظام جي ڦرلٽ ۽ استحصال مان پيسجندڙن طبقن جي جان ڇڏرائڻي هئي پر اهڙا سماجي انقلاب اسان وارن خطن ۾ ڪن سببن ڪري نہ آيا نہ ئي اهڙا انقلابي طبقا پيدا ٿيا. نہ ئي ملڪ صنعتي ترقي حاصل ڪئي ۽ نہ ئي مزدور سياسي طور تي متحد ٿي ڪري وقت جي نظام کي چئلينج ڪرڻ جهڙا ٿيا. هاڻ سرمائيداريءَ عالمي مالياتي نظام، غير رسمي معيشتن ۽ سستي خريد ڪيل ويڪائو حڪمرانن جي مدد سان لبرل معاشي نظام قائم ڪري ڇڏيو آهي. اسان وارن خطن ديسن يا علائقن ۾ انقلابي پورهيت طبقن جو سماجي عمل يا معاشي عمل ۾ هينئر ايرڻ تقريباً ناممڪن بڻجي پيو آهي، يقينن اهو چئي سگهجي ٿو تہ اهڙا انقلابي طبقا گهٽ ۾ گهٽ پاڻ جهڙن سماجن ۾ اجان ايرڻا آهن. ظاهر آهي، نہ ايرڻ جا بہ ڪي واضع سبب آهن تاريخي طرح پنهنجن سماجن ۾ سماجي ۽ پيداواري رشتن جي نوعيت، ڦرلٽ ۽ استحصال جون شڪليون، مادي حالتون بہ ان روايتي انقلابي نظرين جي روشنيءَ ۾ بنهہ مختلف آهن. ائين جيئن جديد سرمائيداري نظام جي بيهڪ، شڪل ۽ استحصال جي نوعيت بہ اوائلي ارڙهين، اوڻويهين ۽ ويهين صديءَ سرمائيداري نظام جي ڦهلاءُ واڌ ويجهہ جو

عمل ڦرلٽ کان مختلف آهي.

ايڪويهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي تي پنهنجي سماجي عمل جي نوعيت بہ ساڳي يورپ جهڙي نہ آهي نہ روايتي فڪر وارو صنعتي ۽ انقلابي طبقو موجود آهي ۽ نہ ئي پورهيت يا روايتي پيداواري عمل موجود آهي، تہ پوءِ نيم زرعي نيم سرمائيداري سماجن ۾ سماجي تبديلين جي جيڪا اميد ڪري سگهجي ٿي يا انتظار ڪجي تہ پنهنجو نيم زرعي سماج ترقي ڪري صنعتي دور ۾ داخل ٿئي ۽ پوءِ ان مان روايتي انقلابي پورهيت ڦٽي نڪري ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ اسان وٽ ڪي طبقاتي تبديليون ٿين ئي نٿيون تہ پوءِ ڇا ڪجي؟

دراصل سرمائيداريءَ خلاف جدوجهد يا سياسي عمل جوڙڻ لاءِ طبقاتي جوڙجڪ جي نوعيت سمجهڻ اهم آهي. سڄي دنيا ۾ ۽ خاص ڪري اسان جهڙن پوئتي پيل ملڪن، سماجن ۽ خطن ۾ سياسي عمل جوڙڻ لاءِ طبقاتي جوڙجڪ جي نوعيت سمجهڻ اهم آهي. مثلاً يورپ، آمريڪا، جاپان ۽ جرمنيءَ ۾ پيداواري طريقا، ڍانچا ۽ ترقيءَ جا ماڊل روايتي زرعي ۽ صنعتي ماڊل هئا. ان کي رول ماڊل بڻائي، پنهنجي خطي ۾ جيئن جو تيئن ظاهر آ لاڳو ڪري نٿو سگهجي. اهڙن سماجن، وقت سان گڏ، زراعت، بنيادي جنسن، شين ۽ واپار ۾ اضافي پيداوار مان ترقي ڪري، صنعتي انقلابن ڏانهن رخ ڪيو. زرعي پورهيو آهستي آهستي، ڏاڪي بہ ڏاڪي صنعتي پورهئي ۾ تبديل ٿيڻ لڳو ۽ ان جي ڪُک مان جنم وٺندڙ هڪ پيڙجندڙ طبقو ڦٽڻ نڪتو جنهن بعد ۾ پاڻ کي انقلابي پورهيت ۾ تبديل ڪري پنهنجي نئين سياسي ۽ انقلابي فڪر سان هٿياربند ٿيڻ لڳو. پر اهڙو تاريخي ڪلاسيڪل عمل ڪيترن ملڪن بشمول پنهنجن ملڪن ۾ ذري گهٽ ناممڪن يا ناپيد آهي.

اهڙن عملن ۽ روايتي پورهيت انقلابين جي عدم موجودگيءَ ۾ گهٽڻ

سياسي دانشورن ۽ ڪارڪنن پنهنجي حصي جي حڪمت عملي ناهي، پنهنجو پاڻ کي پورهيت انقلابي ڄاڻائي، هڪ مڊل ڪلاس روايتي ۽ ڪجهه ڪارڪنن جي تربيت سان پاڻ کي سماجي ۽ سياسي طبقو ڄاڻائي پورهيت پارٽي ناهي، سياسي حڪمت عمليون جوڙيون جڏهن ته نظريي موجب طبقاتي ڍانچي ۾ اهي انقلابي طبقن مان نه هئا.

استادن ٻڌايو ته سرمائيداري تاريخي حقيقت آهي ۽ ان جي اوسر اٽل آهي ۽ ان مان ئي پورهيت انقلابين کي ڦٽي نڪرڻو آهي. اهي ئي اڪيلا طبقا هوندا، جيڪي انقلابي جدوجهدن جي اڳواڻي ڪندا ان ڪري جو سندن پيداواري ڪردار اهم آهي. پيداواري عمل ۾ سندن معاشي ڪردار اڳوات طئه ٿيل "مطلق رستو" ئي ڪين سرمائيداراڻي ترقيءَ ڏانهن وٺي ويندو ۽ بلآخر انقلابي تبديليون، هڪ طئه ٿيل اصول ۽ هڪ خاص رخ ۾ هڪ پٽڙيءَ تي گامزن هونديون. لينن به اهڙي عمل جي تائيد ڪئي، پر اهڙيون هڪ رخ ۾، هڪ ڪريون "مطلق انقلابي طبقي" واري نظريي هيٺ اچڻ واريون سماجي تبديليون پنهنجي خطي ۾ اجان اڻٽيون آهن. جڏهن پروفيسر ڪيون اينڊرسن جو چوڻ آهي ته اوائلي روسي انقلاب ۾ به "طئه ٿيل پورهيت پيدا ئي ڪونه ٿيو هو" هن ان ڳالهه جي به جانچ ڪئي ته روسي انقلاب به واقعي ان وقت جي زرعي ترقين مان ڦٽي نڪتو هو يا ان کي زرعي ترقين جي واڌ ويجهه جو انتظار ڪرڻو پيو هو. صنعتي سماج نهي راس ٿئي ۽ پوءِ صنعتي پورهيت پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪرڻ شروع ڪري.

پاڻ جهڙن پوئتي پيل ملڪن جي سياسي پارٽين جي نظرين ۽ سياسي عمل جي برعڪس، چين جي ڪميونسٽن هڪ صدي اڳ ۾ ان روايتي مزدورن جي انقلابي سگهه نهڻ جي ابتڙ، حقيقي معنيٰ ۾ غريب هارين کي انقلابي سمجهه شعور ۽ تربيت ڏيئي، ڪين انقلاب ۾ پختو يقين ڪرائي، انقلابي طبقو ناهي، صنعتي انقلاب جي ترقيءَ جو انتظار ڪرڻ بجاءِ ان

وقت جي بحرانن مان ڦٽي نڪرندڙ مزدورن جي طاقت بدران وسيع هارين ۽ عوام کي منظم ڪري هڪ هاري انقلاب جي شروعات ڪري ڇڏي ۽ چين هاڻي عالمي معاشي پاور هائوس ۽ وڏي سياسي طاقت بڻجي ايريو آهي.

ڏکڻ ۽ پوئتي پيل ملڪن ۾ سرمائيداريءَ جي اوسر کي روايتي زرعي معيشت يا ان جي اضافي پيداوار يا ان جي واڌاري جي ڪا خاص ضرورت نہ آهي. سرمائيداريءَ جي اوسر, واڌاري ۽ منافعي لاءِ هڪ غير رسمي لبرل ۽ عالمي مالياتي سرمائيداريءَ جڳهہ والاري آهي. جيڪا پنهنجي جوهر ۾ غير زرعي شين ۽ جنسن سان پيداوار ۽ نفعي جون عالمي منڊيون قائم ڪري حڪمرانن ۽ واپاري طبقن جو عالمي اتحاد ۽ تنظيمون جوڙي ڇڏيون آهن. جن جي پوئتي پيل ملڪن ۾ صنعتي ترقيءَ ڏانهن بہ ڪا دلچسپي نہ آهي سڄي دنيا جا مٿيان حاڪم طبقا ۽ سرمائيدار طبقا ۽ قوتون قومي سرمائيدار بہ, سرمائيداريءَ جي ترقيءَ ۾ زرعي سرمائيداريءَ کي ان سان ڳنڍڻ يا ملائڻ کان پاسيرا آهن. ان جي مقابلي ۾ پنهنجي بي پناهہ پيداواري صلاحيت ۾ پورهئي جي استعمال کي ممڪن حد تائين گهٽ ۾ گهٽ استعمال ڪرڻ پلائي ۽ بهبود جي سماجي ماڊلن کان ڪن لاٿار ڪرڻ سان گڏ, سرمائي جي پيداوار ۽ کپت لاءِ هڪ قسم جون عالمي ۽ داخلي منڊيون قائم ڪري پورهئي ۽ پيداوار کي کپت جو وکر بڻائي ڇڏيو آهي. اهڙن لقائن جي ڪري اسان جهڙن پوئتي پيل ملڪن ۾ زرعي ترقين وسيلي زرعي طبقن جي واڌ ويجهہ صنعتي پورهيت جو ڦٽڻ نہ صرف ناممڪن ٿي پيو آهي پر قانونن ناپيد بہ ٿي چڪو آهي. اسان جهڙن پوئتي پيل ملڪن ۾ سرمائيداري مان ڦٽي نڪتل روايتي انقلابي طبقو ويجهي مستقبل ۾ شايد پيدا ٿي ۽ اڳواڻي ڪري ان جي ڪا اميد نہ آهي. "نہ ڪي نون مڻ ٿيل گڏ ٿيندو ۽ نہ ئي راڌا نچندي"

اسان وٽ گهٽي پاڳي پورهيت ڪلاس اهڙي ڏسيل سماجي

درجابنديءَ کان آزاد آهي هن جو هڪ پير زراعت ۾ ته ٻيو پير غير رسمي معيشت ۾ آهي. غير محفوظ پورهيو عام رواجي، بنيادي ۽ عام جنسن جي پيداوار، رڪشو گاڏو دڪان هلائيندڙ ڏهاڙي مزدور زرعي ۽ غير رسمي شهري ۽ غير روايتي پورهيت ڪلاس آهي، جيڪو طبقاتي، قومي، اوچ نيچ واري ۽ صنفي ڦرلٽ استحصال ۽ ظلم جو شڪار آهي. ٻئي طرف طبقاتي درجي بندين ۾ به اڌ آبادي صنفي تفريق جي ماريل ته اڪيائي ڪاروڪاري جهالت نفسياتي ڇڪتاڻ سان گڏ وسيع پس منظر ۾ رياست ۽ ان جي عالمي سرمائيداري مالياتي نظام جي تاجي پيٽي ۽ جوڙجڪ ۾ جڪڙيل آهي.

اهڙي مجموعي ڦرلٽ ۽ استحصال ۽ قومي جبر جو جيڪڏهن سنڌ ۾ تفصيلي ڇيد ڪجي ته ان جو تعلق قومي، طبقاتي شعور ۽ سياسي جدوجهدن ۽ مزاحمتن سان گهرو لاڳاپو آهي. سماجي ۽ پيداواري رشتن جي نوعيت ۽ ان مان ڦٽي نڪتل سماجي ناانصافين ظلمن، رياستي جبر ۽ استحصال جون شڪليون يا ته طبقاتي نوعيت جون آهن، يا وري ساڳي وقت قومي، قبائلي، نسلي صنفي علائقائي ۽ ڪنهن حد تائين نفسياتي نوعيت جون به آهن.

سماجي درجي بنديءَ ۾ ڏسجي ته طبقاتي جوڙجڪ اوچ نيچ ذات پات اقليت ۽ اڪثريت، صنفي ۽ غير صنفي زرعي ۽ غير زرعي شهري ۽ ٻهراڙي رسمي ۽ غير رسمي پورهئي جي آهي ڪين مجموعي جبر ڏاڍ ڦرلٽ ۽ استحصال نيپوڙي ڇڏيو آهي اهڙي نوعيت جي سماجي درجہ بندين جو سڌو سنئون تعلق سياسي جدوجهد ۽ مزاحمت سان سڌو واسطيداري ۾ آهي. استحصال جي سمورين شڪلين کي عام رواجي سماجي ڍانچن، طبقاتي ۽ قومي غلامين يا سماجي جبر ۾ ڇيد نہ ٿو ڪري سگهجي. سرمايو وڏي اڪثريت کي ڪمال جي صلاحيت سان نہ صرف پورهئي کي سستو ڪري ٿو پر سياسي طور ورهائي به ٿو. تنهن ڪري ان کي منهن ڏيڻ جون

جدوجهدون ۽ حڪمت عمليون اهڙيون هجڻ گهرجن جيڪي طبقاتي ۽ قومي شعور رکندڙ هجن، جنهن ۾ مختلف طبقا پنهنجي پيداواري رشتن ۾ پنهنجي ثقافت، ٻولي، سڃاڻپ، سياسي آزادين، قدرن، خيالن ۽ انهن جي جوڙجڪ، منظرن ۽ لقائن مان تجرباتي طور گڏري سمورين استحصال جي شڪلين کي سمجهن.

طبقاتي جدوجهد، پيسجندڙ عوام لاءِ هڪ روزاني عوامي جدوجهد آهي. اهي پيسجندڙ طبقا پنهنجي طبقاتي مفادن کي روزاني جي جدوجهد ۾ پاڻ کي هڪ جوڙجڪ، بيهڪ ۽ تجربي ۾ مختلف سمجهن ٿا. چاڪاڻ جو وسيع پسمنظر ۾ سندن خلاف استحصال ۽ جبر جون شڪليون ۽ تجربا مختلف آهن. طبقاتي جدوجهد هڪ رخ ۾ نهارڻ جون اڻ ڳڻيون شڪليون آهن. تنهن ڪري سمورين جديد استحصالي شڪلين جو ڇيد ۽ تجزيو ٿيڻ گهرجي، ان کي ئي مرڪزي حيثيت ڏيئي ان ۾ سگهه پيدا ڪري، ڪمزورين جي نشاندهي ڪري حڪمت عمليون جوڙيون وڃن.

سنڌ جي سڄي سياست جي پٽڙيءَ کي طبقن جي استحصال قومي آزادين جي تحريڪن سان ڳنڍي گڏيل جدوجهد ۽ مزاحمت کي مضبوط ڪري سگهجي. اهڙي طريقي سان ڦرلٽ جبر ۽ استحصال کي پورهئي جي سڃاڻپ ۽ جوڙجڪ کي سنڌ دوست سڄاڳي سان ملائي مزاحمت کي سائنسي بنيادن تي متحد ڪيو وڃي. سياسي طور مختلف پورهيت هارين غير هارين جي تنظيمن جي ٻڌي ۽ عورت تنظيمن کي ظلم جي ماريل طبقن کي طبقاتي جدوجهد جو وسيع پليٽ فارم ٺاهي انهن کي سرگرم ڪري، تربيت ڏيئي متحرڪ ڪري انهن جي سماجي رشتن استحصال جي شڪلين کي سمجهي مان ڏيئي گڏائجي ۽ هڪ وڏي قابل عمل ٻڌي قائم ڪري سگهجي ٿي. طبقاتي حيثيت کان خائف ٿيڻ نه گهرجي تحريڪن کي مان ڏيئي قومي ڏارائن، ذات پات، اقليت، ٿورائي، ڪمزور، عورت

تنظيمن کي هڪ لهر ۾ پوئجي ۽ شاندار ڀڏيءَ جو مظاهرو ڪجي ۽ اها هڪ وڏي سماجي، ترقي پسند ۽ نئين جهان ۽ دنيا اڏڻ ۾ ڪارائتيون ڪوششون ڪجن. رڳو قومي تحريڪون يا عوامي مزاحمت جون تحريڪون اهڙي وسيع طبقاتي سوال کان ڪن لاتار ڪري ڪامياب ٿي نه ٿيون سگهن. قومي تحريڪ پاڻ اهڙي ئي ڦرلٽ ۽ استحصال جي ڪري طبقاتي رشتن ۽ ناتن ۾ جڙيل آهي. استحصال جي نوعيت کي قومي تحريڪ رد نٿي ڪري سگهي ٻي پاسي عوامي ۽ طبقاتي جدوجهد ڪندڙ ڌرين کي قومي شناخت سان لاڳاپيل استحصال جي شڪلين کي به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي.

پاڪستان ۽ سنڌ ۾ طبقاتي جدوجهد ۾ ڪلاسيڪي ڪردار وارو پورهيت هيئنان کان مٿي ترقي ڪري مضبوط پرولتاري ٻڻجي ۽ سرمائي جي تضادن مان اڀري انقلاب آڻيندو اهو نه ٿيو نه ٿيندو. سنڌ ۾ اهڙو پرولتاري نه هئڻ برابر آهي پر اسان وٽ وسيع معنائن ۾ آهي به ڪونه جيڪو آهي به، اهو نسبتن خوشحال، شهري ۽ ٻين طبقن جي مقابلي ۾ پاڻ پڙو آهي. تنهن ڪري معروضي حالتن ۾ سنڌ ۾ طبقاتي جدوجهد پرولتاري طبقن جي مفادن بجاءِ غير رسمي هارين، غير پرولتاري مزدور، ڳوناٺن ۽ شهري پورهيتن، زرعي ۽ غير زرعي ورچ ۽ سيني طبقن جي وڏيل استحصال جي شڪلين کي سمجهي، جنس، اقليت، ذات پات، قومي تشخص کي نظر ۾ رکي گڏ ملائي سمجهڻ گهرجي.

Daily kawish, September 19, 2021

چين جي معاشي ۽ ايرندڙ طاقت جو راز ۽ زرعي سوال

چين هڪ ايرندڙ معاشي ۽ سياسي طاقت آهي جنهن کي سمجهڻ اهم آهي. گهڻن جو خيال آهي تہ چين هاڻي ڪميونسٽ نہ پر هڪ مڪمل سرمائيداراڻي عالمگيريت ٻڌجي چڪو آهي. ڪجهہ دانشور تہ مورڳو اها اميد رکيو ويٺا آهن تہ چين ڪڏهن ٿو پنهنجي هڪ پارٽي نظام واري “عوامي جمهوريت” کي ختم ڪري اجهو ٿو اولهہ جي “گهڻ سياسي پارٽين واري اليڪشني ۽ انساني حقن” واري ڪوڙي - ڀهروپي جمهوريت جي پٺڙيءَ تي لهي. اهڙن دانشورن وٽ سياسي ۽ جمهوري لقائن جي معنا رڳو اليڪشنون ترقين جي واڌ في ڪس آمدنين ۾ اضافا وغيره هجن ٿا. خود گهڻن چينين جو بہ ساڳيو خيال آهي تہ شايد چين پنهنجن نظرين سان غداري ڪري, سوشلزم جي واٽ تان ٿڙي ملڪ سرمائيداريءَ جي جهوليءَ ۾ وجهي رهيو آهي, سنڌ ۾ بہ گهڻن ڪابي ڏر جي همراهن جو ساڳيو حال آهي. موجوده حالتن جي پس منظر ۾ هڙئي حق بجانب آهن. خود چيني اڳواڻ پاڻ بہ اهڙن لقائن کي چيني اسٽائيل جو سوشلزم سڏين ٿا. چين جي ايرندڙ عالمي طاقت ۽ معيشت جي باري ۾ اها محدود سوچ ۽ سمجهہ جزوي طور آهي ئي انڪري جو چين متعلق علمي فڪري ۽ تنقيدي خال موجود نہ آهن. ان ڏس ۾ هي مضمون هڪ حد تائين اهو خال پرڻ جي ننڍي ڪاوش هوندي.

پهرين ڳالهہ, چيني معيشت هينئر بہ زرعي صنعتي ۽ مالياتي شعبن جي حڪمت عملين ۽ پاليسين ۾ پنجن سالن جي مرڪزي منصوبابنديءَ هيٺ سرڪاري ۽ نجي سرپرستيءَ ۾ ڪم ڪري ٿي. پر ساڳي وقت ٻاهرين

دنيا سان واپار ڪاروبار ۽ منڊين لاءِ واضع طور کليل معيشت آهي. معيشت تي سرڪاري ادارن جو ريگيوليٽري ڪنٽرول آهي. ڪاروبارن ۾ سرڪاري سيڙپڪاري، شموليت ۽ حصيداري ڪل معيشت جي ٽيهتر سيڪڙي برابر آهي چيني معيشت پيداوار ۾ پندرهن ٽرلين ڊالرن جي ۽ قوتِ خريداريءَ ۾ دنيا جي وڏي ۾ وڏي ستاويهہ ٽرلين ڊالرن جي معيشت آهي، جنهن ۾ صنعتي شعبي جو حصو چاليهہ، زراعت اٺ سيڪڙو ۽ خدمتن جي شعبي جوحصو ايڪونجاهہ سيڪڙو آهي.

چين ويجهي ماضيءَ ۾ منگ ۽ ڪنگ خاندانن جي موروثي حڪمرانيءَ (1368_1911ع) ۾ نيري سيرامڪ ڪشيدا ڪاري، ڳجها شهر اڏڻ عظيم ديوار چين شهنشاهہ يونگل جي زماني ۾ هندستان، آفريڪا ۽ وچ اوير ڏانهن سفر ڪري چين جي پکيڙ کي ڦهلائي چڏيو هو. 1841ع ۾ پهرين آفيم جنگ ۾ انگريزن چين تي تسلط قائم ڪيو جنهن کي چيني پنهنجي "ذلت جي صدي" سڏيندا آهن. نيٺ 1911ع ۾ باڪسر بغاوت جي نتيجي ۾ ڪنگ سلطنت زوال پذير ٿي ۽ چين هڪ جمهوري رياست بڻجي ويو. بعد ۾ 1949ع ۾ عوامي جمهوري انقلاب ذريعي ڪميونسٽن اقتدار سنڀاليو. ان کان اڳ 1850ع ۾ منچو خاندان ۽ هانهاڪا جي آسماني بادشاهت جي وچ ۾ تائپنگ نالي وڏي گهرو ويڙهہ لڳي هئي. اوڻويهين صديءَ ۾ ايڪويهہ سال هلندڙ تاريخي خوني ويڙهہ ۾ ٽي کان پنج ڪروڙ ماڻهو مارجي ويا هئا ڪنڪ بادشاهہ جي حڪومت فتح حاصل ڪئي. آفيم وار تائپنگ انقلابي جنگِ عظيم ۽ چيني انقلاب کي سمجهڻ کان سواءِ چين کي صحيح معنيٰ ۾ سمجهي نٿو سگهجي.

چيني انقلاب جي سرواڻ مائوزي تنگ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اڳواٽيءَ ۾ جيڪو سرمائيدار _ جاگيردار مخالف سوشلزم آندو. جنهن کي هن ڪڏهن بہ سوشلزم نہ ڪوٺيو بلڪ "ڏکهي عرصي وارو سوشلزم" سڏيو.

مائوزي تنگ جي اهم ڳالهه هيءَ هئي تہ مائوزي تنگ زمين کي ذاتي ملڪيت يا نجي ملڪيت ۾ ڏيڻ بدران زمينون هارين ۾ ورهائي ڇڏيون. مائوزي تنگ کي زمين جي اهميت جي خبر هئي تہ زمين قومي دولت آهي نہ کي بازار جو وکر. ان کي قومي ملڪيت قرار ڏيئي ڳوٺن ۾ رهندڙ ڪميونٽين کي ڪيڙڻ جو حق ڏيئي، ڳوناٽن خاندانن جي استعمال ۾ ڏيئي ڇڏي، چين جي مقابلي ۾ روسي انقلابين ايئن نہ ڪيو. روسي انقلابين زمين جهڙي قيمتي وسيلن کي ذاتي ملڪيت ۾ ورهائي ڇڏيو هو. مائوزي تنگ جو اصول هو تہ زمين، بازار جو وکر يا جنس نہ آهي، جنهن کي بازار جي طلب ۽ رسد حوالي ڪري ڇڏجي. مائوءَ اها ڳالهہ ورجائي ورجائي چئي تہ هارين جي تاريخي طرح وڏي ۾ وڏي ملڪيت رڳو زمين ئي آهي. زمين کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ ۽ وکر بنائڻ يا ذاتي ملڪيت ۾ ڏيڻ جي نتيجي ۾ گهرو ويڙهہ ٿيڻ جو خطرو آهي روس ۽ يورپ ۾ بہ 1600_1500ع جي زماني ۾ ايئن ٿيو. زمين هارين کان وٺي، جاگيردارن جي هٿ ۾ ڏيئي ان جي حيثيت کي تبديل ڪري جديد ملڪيتي نظام تاهي نجي ملڪيت ۾ ڏيئي وکري جو وکر بڻايو ويو هو.

چين ۾ انقلاب کان اڳ ٽيڪنالاجيءَ جي اچڻ ڪري سرمائيداراڻي فيملي فارمنگ ڪري، ٻج، پاڻ، قرض ۽ مهارتون مهيا ڪري، رسد جي عنصرن تي ڪنٽرول ڪري، کپت جي مارڪيٽن ۾ جنسن ۽ پيداوار تي سرمائيداراڻو ڪنٽرول ڪري، هاري مالڪن مان ڦري سب ڪنٽريڪٽر بڻجي ويا هئا. وڏن فارمن مان معاشي مهارت حاصل ٿي سگهي پيئي ان جي مقابلي ۾ مائوزي تنگ غريب ۽ بي زمين هارين سان اتحاد ڪري، وچين هارين سان دوستاڻي پاليسي رکندي ۽ وڏن هارين کي دشمن بنائڻ بغير پاسيرو ڪري ڇڏيو. مائوزي تنگ جي ان ڳالهہ ۾ وزن هو تہ زمين کي ذاتي ملڪيت ۾ ڏيڻ بدران بي زمين هارين کي زمين ورهائي ڏجي ۽ هن ان ڳالهہ

کي ترجيح ڏني. هن کي خبر هئي تہ تائپنگ انقلاب ۾ گهرو ويڙهہ ۾ ڇا ٿيو هو. بالشويڪ زمين جي معاملي ۾ ناڪام ٿيا هئا بالشويڪن انقلاب کانپوءِ هارين سان اتحاد ختم ڪري زمين کي ذاتي ملڪيت ۾ ڏيڻ کي ترجيح ڏني ان جا نتيجا چڱا نہ نڪتا هئا.

چين زرعي زمين کي جنس ۾ تبديل نہ ڪري جهڙوڪ سرمائيداراڻي نظام جي نفي ڪري ٿو. زمين گڏيل ملڪيت ۾ آهي ۽ پيداوار بہ ننڍن ٽڪرن ۾ ننڍي پئماني جي آهي. ننڍي پيماني تي پيداوار ڳوٺاڻي هنرمنديءَ جي پيداوار کي سرمائيداراڻي ترقيءَ سان ملائي، چين نجي ملڪيت جي ابتڙ ڪم ڪيو. 1950ع ۾ خاندان تي ٻڌل پيداوار کو آپريٽوِ نظام ۾ ڳوٺاڻي انتظام ۾ تعاون هيٺ آبپاشيءَ جي ڪمن، اوزارن جي گڏيل استعمال کي ملڪي معيشت سان ڳنڍي، بازارن ۾ پيداوار آڻي، ملڪي سطح تي قرض، ٻج، ڀاڻ، مشينريءَ کي هڪ خاص رٿابنديءَ سان حڪومت طئي ڪري مهيا ڪري ڏنا. بعد ۾ 1970ع جي پيداواري ڪوآپريٽوِ تحت صحت، تعليم ۽ هارين کي روزگار مهيا ڪرڻ سرڪاري ذميواريءَ ۾ هئي. سماجي خدمتن جهڙوڪ: تعليم، صحت، گهر ٺاهڻ، ڪميونٽيءَ جي مدد ۽ ڳوٺاڻي سياسي ۽ سماجي انتظام کي هيٺين سطح تائين ڳوٺاڻن حوالي ڪيو. ڪميون نظام سياسي ۽ جدلياتي طور اڳتي وڌيل زبردست سياسي نظام هو. ڳوٺاڻي تعمير ۽ "ڳوٺاڻي ترقي پنهنجو پاڻ" جي نعري هيٺ زبردست ڪم ڪيو.

چين خوراڪ ۾ پاڻ خود مختيار ملڪ آهي. چين وٽ دنيا جي ڇهہ سيڪڙو آباديءَ لائق زمين هوندي، وٽن دنيا جي ٻاويهہ سيڪڙو آباديءَ جي خوراڪ جون ضرورتون پوريون ڪري ٿي نہ رڳو ايترو پر چين ۾ معيارِ زندگي ڪيترن سرمائيدار ملڪن کان بهتر آهي. چيني ڳوٺ سکيا ستابا ۽ مڪمل ڳوٺاڻا ڍانچا آهن. هينئر چين مفلسي، بک، بدحالي ۽ ڪرپشن وارو

چين نہ آهي، جيڪا بک ۽ بدحالي آفريڪا، ايشيا، انڊيا ۽ پاڪستان جي ڳوٺن ۾ لڳي پيئي آهي. چين جي معاشي مهارت، زرعي پيداوار ۾ بيپناهہ اضافو سرمائيدار ملڪن ۾ بہ اڻ لڀ آهي. شهري آباديءَ جي شرح هينئر پنجاهہ سيڪڙو آهي. شهري آباديءَ وٽ روزگار، گهر، صحت ۽ تعليم آهي. ان جي ڀيٽ ۾ سرمائيدار ملڪن ۾ بہ گهرن جي اڻاٺ آهي. اهو سڀ هڪ پلان تحت ٿيو آهي چاليهہ ڪروڙ نوان گهر ناهڻ، هاءِ ويز، ريلوي، بجلي، ڪوسٽل چين ڪان اولهہ چين تائين هڪ منصوبي تحت ٿيو آهي. اٽڪل سٺ ڪروڙ ماڻهن جي بہ ڀاڱي ٽي آباديءَ کي شهري بنائڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. اها سٺ ڪروڙ آبادي تقريباً سڄي يورپ جي برابر آهي، اهو سڀ ڪجهہ هڪ پلان هيٺ ٿيو آهي نہ ڪي بازار جي اصولن تي. اهو صرف ڪوريا ڪان علاوه ٻيو ڪٿي بہ نہ ٿيو آهي ان جي مقابلي ۾ برازيل جي شهرن جي حالت خراب آهي جتي يارهن سيڪڙو آبادي ڳوٺن ۾ ۽ پنجاهہ سيڪڙو شهرن ۾ رهي ٿي. جتي گهٽي آبادي، فيولا ڪچيون آباديون آهن ممبئي ۽ ڪراچيءَ ۾ غير رسمي معيشتون ۽ منظم ڏوهن ۽ دهشتگردين جي ور چڙهيل آهن.

چين جي صنعتي ترقيءَ جو راز ڳوناٺي زرعي پيداوار ۾ سمايل آهي قومي صنعتي پيداوار جو نظام بين الاقوامي پيداواري نظام سان جڙيل آهي. نجي ڪمپنيون آهن، نجي ڪاروبار ۽ واپار ۾ خدمتون جاري آهن پر بنيادي صحت ۽ قرضن جي نظام کي نجڪاريءَ حوالي ڪرڻ نہ ڏنو. رڳو ان جي شڪلين کي مندبين جو مهاندبو ڏيئي سماجي مطابقت ۾ رکيو. ٻاهرين سرمائيدارن کي ان تي گرفت ڪرڻ نہ ڏني. پهرين سٺ سالن ۾ صنعتي نظام کي ملڪي سطح تي هڪ تمام زبردست اجگر ۽ اٿاهہ نظام ۾ رکيو. جنهن جو مثال ڪنهن ٻئي ملڪ سان ڀيٽي نٿو سگهجي. چين ٽيڪنالاجي پيدا ڪندي صنعتي تنظيم ۽ انتظام کي هڪ پلان تحت پنهنجي سرڪاري

ڪنٽرول ۾ رکيو آهي. پنج سالا رٿا ۽ پلان ان جي نوعيت، جڳهه، ڪهڙي صنعت ڪٿي قائم ڪرڻ پيداوار جا مقصد ۽ قيمتن جو تعين جهڙا فيصلا مرڪزي منصوبابندي ڪندي آهي. سرڪاري ڪمپنين ۽ ميونسپالٽين جي ذريعي صنعتي ۽ شهري پيداوار ۽ ان جا مقصد سنجيده ۽ ان مان سياسي ۽ معاشي مقصد حاصل ڪرڻ جا اهم ذريعا هئا، انهن جي ئي ذريعي ناخواندگي ختم ڪرڻ ۽ بنيادي صحت جا مقصد حاصل ڪيا.

پاڻ کي مالي عالمگيريت کان پري رکي سمورين بئنڪن کي مڪمل قومي ملڪيت ۾ رکيو آهي. قرضن جو نظام داخلي نوعيت جو آهي، ڪرنسيءَ تي خودمختيار ڪنٽرول سرڪاري آهي چيني ڪرنسي مارڪيٽ جي رحم ڪرم تي يا عالمي مالياتي عالمگيريت جي آسري تي نه آهي ڪريڊٽ جو نظام سرڪاري آهي. سرڪاري قرض آهن، پر اهڙا قرض آمريڪا، يورپ ۽ جاپان جي مقابلي ۾ ڪجهه به نه آهن، چين پنهنجا خرچ قيمتن ۾ چاڙهه کان سواءِ وڌائي سگهي ٿو. ٻين ملڪن جي برعڪس عالمي مالياتي نظام لاءِ پنهنجا دروازا کولي نه ڇڏيا، نه ئي پنهنجا وسيلا ٽيڪنالاجيءَ جي مدد لاءِ آئوٽ سورس ڪري ڏنا، نه ئي سستي مزدور يا اجرتن مان غير ضروري فائدو وٺڻ ڏنو ۽ نه ئي بئنڪن کي ڏاڙو هٽي ناٽي ۽ ماليت کي ٻين ملڪن تيونس ۽ موراڪو لبنان، ارجنٽينا ۽ ڏکڻ ايشيا جي ملڪن وانگر ڦرلٽ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته چين هڪ اڀرندڙ طاقت آهي، ٻينڪيت جي ڪري اوڻويهين صديءَ ۾ پنهنجي طاقت وڃائي ويٺو هو. بورجوازي کان "عوامي جمهوري چين" تائين پهچڻ ۾ چين ڪو مڪمل سرمائيداراڻو رستو نه ورتو آهي، پر چيني ان کي مارڪيٽ سوشلزم سڏين ٿا بلڪ سوشلزم ڏانهن هڪ وک آهي. خود مختيار سوشلسٽ قومي منصوبو آهي گهٽا اڀرندڙ ملڪ، معاشي جمود، سست رفتارين، بک بدحالين، اڻ برابرين ۽ بي

روزگارين جو شڪار آهن. اڻ برابريون چين ۾ تيز تر معاشي واڌ جو نتيجو آهن چين غربت گھٽائڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. ٻه چار سيڪڙو ماڻهو بي تحاشا امير ٿيا آهن پر اسي سيڪڙو ماڻهو غربت مان نڪتا آهن. اهڙي بي مثال ۽ حيرت انگيز ترقيءَ سان چين پراڻن غدار طبقن ۽ بيوروڪريٽ طاقتن مان نجات حاصل ڪئي آهي. آزاديءَ جي جنگ ۾ ڪميونسٽ پارٽي وچين طبقن پروفيشنل سرڪاري ڪارندن، صنعتڪارن، ڪومنتانگ جي پاڙيائپ ۽ جاپاني جارحيت کي منهن ڏيئي نه سگھڻ جي عيوض ڪامياب ٿي هئي. انهن مان گھڻا طاقتور واپاري ٿي ويا ۽ 1990ع کان پوءِ نجي شعبي کي کولڻ سان انهن جون قسمتون جاڳيون. پارٽي ڪارندن پاڻ ۾ سازباز ڪري ڪرپشن ڪئي، چين جا آمريڪا سان معاشي پلان تي آزاد ۽ خودمختياريءَ تي اختلاف آهن. چين کي ٽيڪنالاجي وسيلن ۽ فوجي طاقت وڌائڻ جهڙا ڏکيا مسئلا درپيش آهن. بين الاقوامي سياسي نظام ۾ هر ملڪ ۽ قوم کي اهو حق حاصل آهي ته پنهنجي داخلي سياسي ۽ معاشي نظام ۽ سماجي ترقيءَ جي چونڊ پاڻ ڪن. چين جي معاشي سگهه مان سکڻ لاءِ بي پناهه ڳالهيون آهن. ته ڪيئن بينڪي استحصالي ۽ قومي جبر مان جان ڇڏائي شاندار فتحون حاصل ڪري دنيا جي عالمي طاقت بڻجي ويو آهي. سنڌين کي چين جي معاشي ۽ سياسي نظام مان سکڻ جي سخت ضرورت آهي.

Daily kawish, October 8, 2021

زرعي شعبي جي ترقيءَ ۾ لبرل معاشي پاليسيون

پاڪستان ۾ ترقيءَ جون گھٽيون مشڪلاتون زرعي شعبي سان لاڳاپيل آهن. جيڪو حڪمرانن جي لاپرواهيءَ ۽ غلط معاشي پاليسين جي ور چڙهيل آهي. چئن ڏهاڪن کان جاري لبرل پاليسين جي نتيجي ۾ هڪ اهم تبديلي اِها آئي آهي ته زراعت حڪمرانن جي ايجنڊائن مان غائب ٿي ويئي آهي زراعت سان لاڳاپيل مسئلا، حڪمرانن جي پسند ۽ ذائقي جي لائق نه رهيا آهن. ٺيڪ ته ايئن ڪپندو هو ته پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ زرعي سڌارا حڪومتن جي اوليتن ۾ هجن ها. ڇاڪاڻ جو زمين جي مالڪي، زرعي پيداوار، ڳوٺاڻي ترقي ۽ خوشحاليءَ وارين حڪمت عملين جو سڌو تعلق زرعي شعبي سان آهي زرعي زمين زرعي روزگار مهيا ڪرڻ ۽ وسيع ڳوٺاڻي آباديءَ جي گذر سفر جو سڀ کان وڏو نه رڳو ذريعو آهي، پر ٻي صنعتي پيداوار ۽ روانگي واپار جو اهم پيداواري جز به آهي پر هينئر، زرعي شعبي ۾ هڪ قسم جو جمود ڇانيل آهي. نتيجي ۾ ڳوٺاڻي آباديءَ جي آمدنين يا زندگيءَ جي معيارِن تي وڏو ناڪاري اثر پيو آهي.

زرعي زمين ڳوٺاڻي آباديءَ لاءِ هڪ اهم پيداواري اثاثو هجي ٿو. توڙي جو ان جي نسبتي اهميت، پيداواري صلاحيت، آباديءَ جي دٻاءَ جي ڪري ڏينهون ڏينهن گهٽجندي وڃي ٿي پر پاڪستان ۾، خاص ڪري سنڌ ۾ مٿين طبقن لاءِ اڄ به طاقت ۽ سماجي حيثيت جو سڀ کان وڏو اهڃاڻ اجان به زمين ئي آهي. ڳوٺاڻي آباديءَ ۾ زمين رهڻي ڪهڻيءَ ۽ سماجي ڍانچي جو مرڪز آهي، ڇاڪاڻ ته زمين ئي تاريخي طرح ورهاستي ۽ نوان پيداواري قدر پيدا ڪري ٿي. زمين جو ٽڪر عام ڳوٺاڻي آباديءَ لاءِ نه رڳو جسماني، مالياتي ۽ غذائي خوراڪ جو تحفظ، پر اجرت جو سڀ کان وڏو ذريعو آهي. زمين جي

مالڪي ئي ڳوٺاڻي آباديءَ جي گهر اندر ۽ سماج ۾ حيثيت جو تعين ۽ سياسي طاقت جو اظهار ڪري ٿي. انساني قدر، صحت، فن ۽ هنرن ۾ واڌ، غذائي تحفظ، مالي قدر، آمدنين، قرضن، ڊور ڊگهن جو سڌو اڻسڌو واسطو ۽ ناتو زمين سان جڙيل آهي. سماجي قدر، پيداواري رشتا، ڊڪڻ لاءِ ڇت، گهر گهاٽ ۽ ٻيا انيڪ سماجي ۽ معاشي ڍانچا، سياسي اظهار، آواز ۽ طاقت جو نالو زمين آهي. زمين رڳو مارڪيٽ ۾ رزق مهيا ڪرڻ جو ذريعو نه پر ساڳئي وقت ان جي قدر يا پيداوار کي طاقتور طبقن وٽ گروي رکي غريب آبادگارن لاءِ قرض وغيره حاصل ڪرڻ جو ذريعو پڻ زمين آهي.

زمين جي غير منصفاڻي ورهاست اڻ برابري پيدا ڪري، پيداواري رشتن ۾ اڪثريت کي هوند ۽ اڻ هوند تبديل ڪري، ڪڙمي ۽ غير رسمي پورهيت بڻائي ٿي. معاشي سطح تي عدم مساوات آڻي، معاشي ترقيءَ کي متاثر ڪري، ملڪي عدم استحڪام جو سبب بڻجي، پيداواري صلاحيت ۾ گهٽتائي آڻي ٿي. اڻ سڌيءَ طرح عدم مساوات، زندگيءَ جي معيارن، تعليم ۽ صحت تي ذاتي خرچن کي گهٽائي ٿي. پيداواري طريقن ۽ اڻ برابر پيداواري رشتن جي ڪري سماجي ۽ اخلاقي حدن کان وانجهيل، ظلم، جبر ۽ ڦرلٽ تي قائم ڪيل هڪ دقيانوسي مدي خارج غير انساني بينڪي معاشي نظام مڙهيل آهي جنهن کي تبديل ٿيڻ گهرجي.

صدين کان پراڻو روايتي ڪيڙيءَ - هاريپي واري نظام، وڏندڙ آباديءَ جي دٻاءَ ۽ فني ترقين کان بي نياز جهڙن ٻين عنصرن جي دٻاءَ جو شڪار آهي. روزگار جي محدود صلاحيت، آمدنين ۽ جنسن جي قيمتن ۾ جمود، ڳوٺاڻي آباديءَ جي عزت ۽ وقار واري زندگي گذارڻ کي مشڪل بڻائي ڇڏيو آهي. هينئر، ان ۾ ايتري طاقت نه رهي آهي جو خوراڪ جون ملڪي ضرورتون پوريون ڪري سگهي. اضافي سرمايو ڪمائي يا اضافي بچتون ڪري، پاڻ کي هڪ وڏي زرعي صنعتڪاريءَ لاءِ تيار ڪري سگهي. پر ان جي ابتڙ زمين جي غير منصفاڻي ورهاست ۽ پورهئي جي استحصال مان زمين تان غائب مالڪن

۔ جاگيردار طبقن کي دولت مند بڻائي ڇڏيو آهي. نتيجي ۾ پيسجندڙ طبقن جي هڪ وڏي اڪثريت عام رواجي، سڪل ۽ ننوٽ ٽيل غربت جي زندگي گذارڻ تي مجبور آهي.

رڳو ٻه ڏهايون اڳ، ساڳيو شعبو ملڪي پيداوار جو چوٿو سيڪڙو ۽ ستر سيڪڙو آباديءَ لاءِ گذر سفر جو وسيلو اڏ پورهيت آباديءَ لاءِ پورهيو، ملڪي برآمدات سٺ سيڪڙو ۽ اهم قيمتي ناڻي ڪمائڻ جو وڏو ذريعو هو. اهو شعبو هينئر ملڪي پيداوار جي صرف ارڙهن سيڪڙو، روزگار ۾ ٽيتاليهه سيڪڙو ۽ گذر سفر ۾ اڌ آباديءَ جو وڏو ذريعو آهي. دنيا جي بهترين آبپاشي نظام سان گڏ کير، مکڻ، گوشت، فروٽ، ڀاڄيون، ڪڪڙ، چانور، ڪمند ۽ ڪپهه پيدا ڪرڻ جو هينئر به سڀ کان وڏو ذريعو آهي. پنهنجي پيداواري صلاحيت ۽ وسيلن جي استعمال ۾ پوئتي پيل، آهي ئي انڪري جو وسيلن، خاص ڪري، زمين ۽ آبپاشي نظام جي استعمال ۽ مالڪيءَ تي قبضو ۽ ڪنٽرول ان طبقي جو آهي، جيڪو انگريزن جي زماني کان وٺي زمين ۽ وسيلن جو مالڪ ۽ زميني سڌارن جو سخت مخالف آهي. اهو طبقو چاڻي ٿو ته زمين کي کيڙيندڙن ۾ ورهائڻ سان سندس طاقت، دولت ۽ استحصالي عمل جو خاتمو ٿيندو. انهيءَ ڪري هن طبقي زميني سڌارن کي چاڻي واڻي ناڪام ڪيو آهي. ان طبقي جو زمين جي پيداواري صلاحيت سان نه ڪو سڌو واسطو آهي، نه ئي هو زمين تي پورهيو ڪري ٿو. جيڪو پورهيو ڪري ٿو ان کي اها خبر آهي ته سندس پيداواري صلاحيت سان هو جيڪو ڪجهه به پيدا ڪندو زميندار يا مالڪ سو سڀ ٻٽئيءَ جي نالي ۾ ڪٽي ويندو ۽ هو پنهنجي جائز پورهئي کان به محروم ٿي ويندو. غير منصفاڻي ورهاست ۽ ٻٽئيءَ جو نظام اڻبرابريون پيدا ڪرڻ جي اهم جڙ آهي.

سنڌ ۾2000ع جي انگن اکرن مطابق اوڻانوي سيڪڙو آباديءَ وٽ صرف ٽيتاليهه سيڪڙو زمين آهي ۽ ستٽيهه ڏهائي پنج سيڪڙو زرعي ۽ غير زرعي زمين هڪ ئي نَو سيڪڙو طبقي وٽ آهي. سنڌ ۾ ٽوٽل ڇاهتر لک

ايڪڙن مان چاليهہ سيڪڙو زرعي پوکيءَ لائق زمين ايکويهہ ڏهائي چار سيڪڙو کان ستاويهہ ڏهائي ست سيڪڙو ملڪي زرعي پيداوار ۾ حصو ڏئي ٿي. ست سيڪڙو هاري بٽئي جي نظام حصيداريءَ تي ڪم ڪن ٿا. اوڻهٺ سيڪڙو ڳوناٺي آبادي بي زمين آهي ڪين زمين يا وسيلن تي ڪا پهچ نہ اٿن ٻائيتاليهہ سيڪڙو آباديءَ وٽ زمين هڪ ايڪڙ يا ان کان بہ گهٽ آهي. زرعي شعبي سان لاڳاپيل آباديءَ جي اڌ آمدني زراعت کان ٻاهر غير رسمي پورهئي مان اچي ٿي. جياپي جي عمل ۾ هاري هڪ حڪمت عمليءَ هيٺ پنهنجي پيٽ گذر لاءِ گهربل کاڌ خوراڪ مهيا ڪري ڏيڻ کان بہ قاصر آهي سندن زندگيون غير انساني ۽ ڏکوئيندڙ آهن. زراعت هيئنئر ملڪي خوراڪ جون ضرورتون بہ پيدا ڪرڻ جي قابل بہ نہ رهي آهي. ملڪ, ڪڻڪ, داليون ۽ گيهہ ٻاهران گهرائڻ تي مجبور ۽ خوراڪ ۾ صافي در آمدي بڻجي چڪو آهي.

اهڙي حالت ۾ زرعي پاليسين جو رخ عوام جي خوشحالي, پيداوار ۾ اضافو زرعي ـ صنعتي ترقيءَ ڏانهن هجڻ گهرجي. پر جڏهن پاليسيون زرعي زمين کي قومي وسيلي بدران مارڪيٽ ۽ منڊين ۾ جنس ۽ وکر بڻائينديون, کاڌي پيتي جي شين ۽ خوراڪ کي واپار لاءِ کليل منڊين حوالي ڪري ڇڏينديون ۽ ان کي نفعي جو ذريعو ٺاهي ڇڏينديون تہ نتيجو مختلف نہ ٿيندو. زرعي واپار لاءِ غير منصفاڻيون رڪاوٽون ريگيوليٽري سسٽم هڪ قسم جي سياسي, معاشي ۽ سماجي ڍانچن کي تبديل ڪري, سماج کي ان نقطي تي بيهاري ڇڏيو آهي, جتي بازار جي تعلق کي رياستي ڪردار کان بالاتر ڪري, شخصي لالچ ۽ فيصلاسازيءَ جي نظر ڪري ڇڏيو آهي. معاشي پاليسين جو انڌو عقيدو منڊين تي آهي تہ منڊيون عام ماڻهن کي سهولتون ۽ مهارتون ڏيئي هر شيءِ پيدا ڪري ڏينديون. ساڳي وقت سياست, سماج ۽ معيشت جا بنياد مضبوط ڪنديون, پر ان لبرل معاشي انتظام عقيدي کي نظرياتي هٿيار بڻائي طبقاتي طاقت کي وري بيهر مضبوط ڪيو آهي. معاشي ترقيءَ جي عمل کي منڊين جي لالچ ۽ منافعي خوريءَ جي آسري ڇڏي ڏنو آهي. مارڪسي دانشور

اهڙي معاشي انتظام ڪي سرمائيدار طبقن جو طبقاتي منصوبو سڏين ٿا.

پاڪستان ۾ ٽن ڏهاڪن کان جاري مارڪيٽ سڌارن، منافعي خوريءَ جي منصوبن ۽ صنعتي نجڪارين هڪ قسم جا پيداواري رشتا جوڙي، ناهمواريون پيدا ڪيون آهن. جن زمان ۽ مڪان کان بالاتر ٿي، زمين ۽ قومي وسيلن سان جڙيل رشتن ۾ بي پناهه تبديليون آنديون آهن. هڪ نئين قسم جا پورهيت ۽ عمل پيدا ڪيا آهن، جنهن ۾ نوَن ڪردارن ۽ اجرتن شڪل ورتي آهي. هاڻي نئين قسم جي بي زمينيءَ جنم ورتو آهي، جن ۾ آبادگارن کي بي دخل ڪرڻ، وسيلن کي سرمائيدار جي هٿن ۾ منافعي لاءِ ڏيڻ ۽ هڪ قسم جو وسيلن کان خالي غير رسمي پورهيت طبقو پيدا ڪري ڇڏيو آهي، جيڪو پنهنجي پورهئي ۽ گذر سفر لاءِ منڊين جي آسري پورهيا ڪري ٿو. هارين کي وسيلن کان محروم ڪري، سرمائي جي ميڙي ۽ استحصال ان عمل جو تسلسل جاري رکيو آهي، جنهن ۾ پسماندگين، ناهموارين ۽ غربتن کي جنم ورتو آهي. توڙي جو سرمائي جي گردش ۽ عمل ۾ اجرتي مزدور جي مقابلي ۾ ٽيڪنالاجيءَ جاءِ والاري، ان نوَن پورهيتن کي "انساني وسيلو" سمجهي استعمال ڪيو آهي. ڪٽڪ، ڪپهه، چانور، ڪمند، ٻج، پاڻ، زرعي مشينرين ۽ قرضن کي منڊين جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي. سرمائي جي قانون ۾ ظاهر آهي، ميڙي ۽ استحصال کي وڌڻو ئي تڏهن آهي، جڏهن پورهئي کي پيداواري وسيلن کان الڳ ڪري نه ٻيهارجي. ان نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ اڻ برابرين ۽ مختلف خطن ۾ سماجي طبقن تي ناڪاري اثر وڌا آهن، بي زمينيءَ غير رسمي پورهيت طبقن ۽ زرعي استحصالن، منافعي خوريءَ ۽ صنفي اڻبرابرين منهن ڪڍيا آهن. سياسي طرح زمين کي سرمائيدار ۽ غير مقامي ادارن حوالي ڪري سياسي طبقن جڻ ته برابري، مساوات ۽ عوام جي مسئلن تان اڻ اعلاٽيل هٿ کڻي ڇڏيو آهي.

ملڪ ۾ هڪ وسيع ۽ عام غربت آهي، هر سَوَ منجهان سٺتيهه ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. زرعي شعبي ۾

غربت جي صورتحال اجان وڌيڪ نازڪ آهي ائين مغلن جي زماني ۾ نہ هو. زمين ڳوٺن جي گڏيل ملڪيت هئي، زمين تي ذاتي ملڪيت جو نظام نہ هو، زمين مان بادشاهہ صرف لينڊ ٽيڪس اوڳاڙيندا هئا پر ڪيڙڻ جا حق ڳوناٺي ملڪيت ۾ هئا. غلامي هئي پر غلام معاشرا خوراڪ ۾ خود ڪفيل هئا. بيبنڪي راڄ لينڊ ٽينيور نظام متعارف ڪرائي ان مان آمدنيءَ جا ذريعا وڌائڻ ۾ انتظامي ماحول ٺاهي لينڊ روينيو - بيوروڪريسي جو بنياد وڌو جيڪو انگريز جو وفادار هو ۽ هينئر اهو حڪمران طبقن جو ساٿاري ۽ سهولتڪار طبقو آهي. ان وقت بہ هارين ۽ بي زمين عوام جي اهنجن ۽ معاشي مسئلن جو اظهار قومي جدوجهدن ۾ ٿيندو هو. زرعي تبديلين لاءِ ان وقت جيڪا لياقت گهربل هئي، مٿين طبقي جي سياسي ڪردار ۽ جوهر ۾ نہ هئي. بعد ۾ نالي ماتر زميني سڌارا آڻي، ڪجهہ زمينون تہ واپس ورتيون ويون، پر زراعت جي ڍانچي ۾ ڪا خاص تبديلي نہ آئي. سياسي قوتِ اراديءَ جي کوٽ، عدالتن جي مداخلت يا مناسب انتظامي مشينري نہ هئڻ جي نتيجي ۾ انهن سڌارن جو هارين کي ڪو خاص فائدو نہ پيو. هينئر، بي زميني ۾ اٿهوند عام رجحان آهي وڏي اڪثريت وٽ نہ قابل رسائي وسيلا ۽ عزت واري زندگي يا روزگار جو وسيلو ميسر ڪونهي، اڪثر غير رسمي پورهيا آهن ڳوناٺو سماجي ۽ معاشي ڍانچو پسماندگين جو شڪار آهي.

تحقيق ٻڌائي ٿي تہ زميني يا زرعي سڌارا سياسي عملن جو نتيجو هوندا آهن، هارين جون سياسي طاقتون ئي زميني سڌارن کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ اهم هلچلون هلائي اثر پيدا ڪري سگهن ٿيون. اميد آهي تہ اڄ نہ سڀاڻي هارين جون تنظيمون پاڻ کي منظم ڪري پنهنجي وڃايل سياسي جاءِ واپس وٺنديون، وقت ۽ معروضي حالتون ئي سندن قسمت جو تعين ڪنديون.

Daily kawish, October 14, 2021

سماجي تفريقون ۽ سياسي حڪمت عمليون!

گڏيل هندستان ۽ دنيا جي ٻين خطن ۾ ذات پات، اوچ نيچ، صنفي تفريق يا پورهئي آڏار طبقاتي ظلم ۽ استحصال جي تاريخ سرمائيداريءَ جي اوسر کان بہ پراڻي آهي. اهڙيون اڻ برابريون، انساني پورهئي جي نفسياتي، ذهني تذليل، انساني قدرن خلاف هڪ بدنما داغ، خطرناڪ بيماري ۽ سماجي غلامي آهن، انسان کي انساني درجي کان گهٽ سمجهڻ سماجي جرم آهي. انسانن کي شودر، ڀنگي، ڪولهي، ڀيل، 'گهٽ ذات'، ۽ اهڙين ٻين تفريقن ۾ ورهائڻ ظلم ۽ استحصال کي قائم رکڻ برابر آهي. اهڙين اڻ برابرين جو سڀ کان اهم ذريعو انساني پورهئي جو استحصال آهي جيڪو واضح طبقاتي، صنفي تفريقن جي شڪلين ۾ اڄ بہ ممڪن طور هر ملڪ ۾ موجود آهي. اهڙين غلامين کي هاڻي ختم ٿيڻ گهرجي!

پورهئي جي نوعيت ۽ جوڙجڪ پورهيت آبادين اندر سندن ئي ڄمارن ۾، فردن ۽ خاندانن اندر مختلف ۽ سالن آهر تبديل ٿيندي رهي ٿي. پورهيت طبقا، رسمي ۽ غير رسمي روزگارن جي تلاش ۾ مختلف ثقافتي سڃاڻپن، علائقائي جوڙجڪن ۽ سماجي ٻيهڪن ۾ هڪ وڏي تاڃي پيٽي ۾ هڪ منجهيل پيداواري سرشتن ۾ پوپيل هوندا آهن. پيداواري عمل ۾ پورهئي جي طاقت کي وڪرو ڪرڻ، زنده رکڻ، ٻيهر پورهئي لائق بنائڻ لاءِ ٻيا پيڙجندا، ٻن ويلن لاءِ پريشان، جيئڻ جي جنگ ۾ مستقل استحصال جو شڪار ٿيندا رهن ٿا.

پورهئي جو ٿهڻ بہ خود هڪ عمل آهي، جنهن جو صنفي تعلق سان گهرو تعلق آهي. پيداواري، تخليقي صلاحيت ۽ ٻار پالڻ ۽ نپائڻ عورتن لاءِ پيچيده عمل آهي، مردن جي پورهئي کي پيداوار لائق بنائڻ جو سڄو سماجي بار عورتن تي آهي. پورهئي کي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت ۽ طاقت پورهيتن جي

گهر اندر ۽ خاندانن ۾ ٿئي ٿي. پورهيو ۽ صنفي پورهيو گڏيل پيداواري عمل آهي عورتن جي سماجي حيثيت، صنفي پيڙائي ۽ تشدد جي جوڙجڪ. ان جي پيداواري ۽ تخليقي صلاحيت سان ڳنڍيل آهي. پورهئي ۽ سرمائي جي اوسر ۾ مردن جي زيردستي تاريخي طور ممڪن ٿي تڏهن ٿي سگهي جڏهن پيداواري عمل ۾ عورتن کي بہ ساڳي وقت مردن جي بالادستيءَ هيٺ سماجي طور زيردست ڪيو ويو.

زرعي سماجن ۾ تہ عورتون نہ رڳو صنفي ۽ معاشي غلاميءَ جو شڪار آهن پر اهي سماج جي ريتن رسمن ۽ قانونن جون پڻ غلام آهن. سندن زندگيون اڻ برابرين جي پنجوڙن ۾ ٻڌل آهن. ڪارو ڪاري، زوري، بدلي ۽ ننڍي عمر جي مرضيءَ خلاف شادين ۽ گهريلو تشدد جو شڪار آهن. ٻين لفظن ۾ زرعي سماج عورتن لاءِ طبقاتي ۽ صنفي غلاميءَ جي ڪربلا ٺهيل آهن. عورتن جي اهڙي غلامي، وقت آهر، پيداواري عمل ۾ مردن جي قبضي واري عمل جو سڌو نتيجو آهي. مرداڻي سماج عورتن کي زمين، وسيلن ۽ ورهاست کان پري رکي غلامي ۽ ذلت ۾ آٽي بيهاري ڇڏيو آهي. پدر شاهي قدرن عورت کي فقط هڪ جنس ۽ ملڪيت تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي جنهن ۾ سندس تخليقي ۽ توليدي پورهئي جي نہ ڪا مڃتا آهي ۽ نہ ڪا ئي عزت لائق اجرت.

معيشت ۾ رسمي روزگار جا موقعا گهٽ هجڻ ڪري، ٽيڪسن ۾ مسلسل اضافي، خراب حڪمرانين ۽ ٻين سببن ڪري غير رسمي پورهئي ۾ واڌ ٿي آهي. غير رسمي پورهيو معنيٰ ـ غير محفوظ اجرت، نہ ڪا پينشن، نہ سماجي تحفظ، نہ بهتر صحت ۽ تعليم، نہ رهائش جي ڪا سهولت! سمگلنگ، چور بازاري، جسم فروشي، نشي آور دوائون، جوا، غير رجسٽرڊ غيرقانوني روزگار، (ٻارن جي مزدوري) پرچون سيلز جي اڻ رپورٽنگ، افغانستان ـ پاڪستان غير قانوني واپار اڻ رجسٽرڊ آمدنين جهڙين سرگرمين غير رسمي معيشت کي هٿي وٺرائي آهي. اهڙي غير رسمي معيشت ۾ غير رسمي پورهيو ملڪ جي ڪل پورهئي جو ٻاهتر سيڪڙو آهي. اهڙي پورهئي جي نہ تہ ڪا

تنظيم آهي نہ ئي ڪين يونين ٺاهڻ جو حق. ڪين نہ ڪو ڍنگ جو اٿاٺو نہ ڪا سهوليت، نہ ڪو تحفظ، نہ ئي تعليم ۽ نہ ئي ڪو وسيلو ائين مڪمل طور خاندان ڀھراڙين مان لڏي شهر جي ڪچين آبادين ۾ هڪڙيون ٻيون ڀھراڙيون ٺاهي زندگيون گهارين ٿا.

پورهيتن ۾ غربت جي شرح وڌيل ۽ سماجي حالت پوئتي پيل آهي. اڪثر آبادي، سماجي اڻبرابري، لاقانونيت، معاشي، اڻبرابري، بي زميني ۽ غير رسمي معيشت ۾ معاشي استحصال، بک ۽ بيروزگاريءَ جي ور چڙهيل آهي. ڪٿي، بي زمين تہ ڪٿي قرضي پورهيت آهن قرضي پورهيو بہ هڪ قسم جي جديد غلامي آهي. 1952ع جي بانڊيڊ پورهئي کي ختم ڪرڻ جو قانون تہ پاس ڪيو ويو پر اڄ تائين سرن جي ڀٺن، چمڙي جي ڪارخانن ۽ سنڌ جي ڪارپيٽ مزدور، ڀھراڙين ۾ شيڊول ڪاسٽ هارين ۾ اڃان تائين اهڙي غلامي جاري آهي، وڏيرن جا ذاتي جيل ڪجھ هنڌن تي موجود آهي.

سنڌ ۾ پوئتي پيل غريب ۽ محڪوم طبقا، ذاتيون، اقليتون، عورتون پنهنجي مالي حالتن ۾ حڪمران طبقن جي ڀيٽ ۾ زمين ۽ مادي وسيلن کان محروم آهن. ڪيئي ڪولهي ۽ ڀيل وڏيرن جي ذاتي غلاميءَ ۾ قيد آهن، اڪثر هارين کي نہ تہ پنهنجو ٻني ٻارو آهي ۽ نہ ئي زمين تي پهچ، وڏي اڪثريت اڌ ٻٽئيءَ تي ڪم ڪري ٿي ۽ سالن کان قرضي آهي. مذهبي اقليتون توڙي ملڪ جي ڪل آباديءَ جو چار سيڪڙو آهن. پر سندن خلاف روز جي بنيادن تي تشدد، تفريق ۽ بہ اڪيائي عام آهي، اهڙين اقليتن ۾ تعليم، صحت، صفائي ۽ ٻيون سهولتون، روزگار جي تنگي عام آهي. اغوا ۽ زبردستي مذهب مٽائڻ، فرقي بازي، ٽارگيٽ اغوائون ۽ عبادت گاهن تي حملا، جبر ظلم ۽ استحصال جون شڪليون آهن جنهن ۾ هو پاڻ کي هڪ گروھ جي حيثيت ۾ غير محفوظ سمجهن ٿا. عيسائي ۽ هيٺين ذات وارا هندو تہ مذهب سان گڏ ذات پات جي بنيادن تي ٻٽي استحصال جو شڪار آهن، اهڙي طريقي سان ملڪ ۾ شيعن، احمدين (قاديانين) هندن ۽ سکن خلاف مذهبي تفريق ۽ تعصب عام آهي. دنيا

جون ڪيترين غير سرڪاري رپورٽون ان ڳالهه ڏانهن ورجائي اشارو ڪن ٿيون ته پاڪستان نه صرف پنهنجن اقليت لاءِ پر ٻين شهرين لاءِ به خطرناڪ ملڪ آهي. ٻيو نه رڳو اقليتن خلاف جبر ۽ تفريق سان گڏ هڪ وسيع عوامي اڪثريت به رياست ۽ سماج جي اڻ برابريءَ ۽ استحصال جو شڪار آهي. آدمشماري ۾ ”شيڊول ڪاسٽ“ هڪ مذهبي اقليت نه پر هڪ سماجي درجي بندي آهي. ”شيڊول ڪاسٽ“ ۾ عام رواجي ٻوليءَ ۾ ڀيل، ڪولهي، باگڙي ۽ ٻيون سماجي درجي بندين ڪي اڇوت ۽ گهٽ ذات جو درجو ڏنل آهي. لساني، سماجي، ذات، پات ۽ سياسي وابستگيون ٻين واسطيدارن سان ملي پنهنجو تحفظ ڳولهين ٿيون. سڀ وابستگيون گڏجي سڃاڻپ، ذات پات، صنف ۽ سياسي تناسبي نمائندگيءَ ۾ جڙي وڃن ٿيون. مٿين سوچ اقليتن جي شخصي سڃاڻپ، تاريخ ۽ آواز کي وڌيڪ ڪمزور ڪيو آهي.

سرمائيداراڻي طبقاتي معيشت پورهئي جي ڍانچن کي علائقائي، صنفي ۽ نفسياتي فرقن ۾ ورهائي ڇڏي ٿي جنهن مان ئي استحصالي عمل ڦٽي نڪرن ٿا. استحصال جون ڪيئي شڪليون هڪ ٻئي تي اثرانداز، هڪ ٻئي ۾ جڙيل ۽ هڪ ٻئي سان مليل هجن ٿيون. سماجي تفريقون، اڻ برابريون خاص طور تي صنفي، لساني، قومي، نفساني، مذهبي نوعيت جون آهن. اهي هڪ تاجي پيٽي ۽ شخصي ۽ مجموعي سرشتي ۾ محسوس ڪري سگهجن ٿيون. ظلم قانون ۾ ڪو ڍيڍ آهي. جيئن شادي، زمين جي مالڪي، وسيلن ۽ روزگارن جي قانونن کي قانوني شڪل ڏنل آهي، سماجي تفريقون، قومي سڃاڻپون، آئيني خودمختياريون ۽ ثقافتن ۽ ٻولين جون نفيون استحصال ۽ جبر جون مختلف شڪليون آهن. ان کي هڪ ئي استحصالي سرشتي ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

ظلم، جبر ۽ استحصال جو پاڻ ۾ هڪ ڪاڪ ٽيل ٺهيل آهي. ان ڪاڪ ٽيل جي مختلف سماجي ۽ قومي جوڙجڪن کي سمجهڻ ڪانسواءِ

مناسب متوازن طبقاتي يا قومي جدوجهد نسبتن مشڪل ڪم هجي ٿو. طاقت جي اهڙي اڻ توازن، مظلوم قومن ۽ محڪوم طبقن کي تاريخي طور پنهنجي حق حڪمرانين، تعليم، صحت، اثاثن ۽ قومي وسيلن کان پري رکيو ويو آهي، ان کي چيلينج ڪري سگهجي ٿو. تاريخي طرح، سماجي تفريقن جا مکيہ بہ سبب آهن. هڪ سبب، مختلف قومن ۾ طبقن وچ ۾ سياسي طاقت جو اڻ توازن، بالادست طبقن ۾ بينڪي حڪمرانن جو پاڻ ۾ ڳٺ جوڙ ۾ سندن رياستي مشينريءَ تي ڪنٽرول هئڻ. ٻيو سبب آهي؛ سرمائيداري جي اوسر جي نتيجي ۾ غير محفوظ ۽ سستي پورهئي ۾ اضافو ٿيڻ. سرمائي جي اوسر مان جنم وٺندڙ استحصال، قومي وسيلن جي ڦرلٽ، رياست جي وسيلن تي مخصوص ڌر جو ڪنٽرول، قومي محروميت، پورهيتن طبقن کي قومي سڃاڻپن جي بنياد تي الڳ ڪري بيهاري ٿي. مخصوص قومن جي مخصوص طبقن جو وسيلن تي ڪنٽرول آهي. پورهيت ڪهڙي بہ نوعيت جو ڇو نہ هجي، ان جي طبقاتي بيهڪ هڪ سماجي گروپ جي شڪل ۾ نفسيات ۾ ٿئي ٿي. سماجي رشتن ۾ هن جي سڃاڻپ، ثقافت، جنس، ذات پات يا اوچ نيچ، علائقائي يا اقليتي پورهيت واري آهي.

پاڪستان جي طاقتور حڪمران اقليت ۾ انسان شامل مستقل مفاد پرست ٽولن، اڪثريتي بنگالي ڪلمو گو مسلمان ڀائرن کي سالن تائين آئيني حقن کان محروم رکيو. باقي رهيل مظلوم قومن کي سياسي طاقت کان پاسيرو رکي سندن مجموعي گروهي وسيلن ۾ تاريخ تي ڇترون ڪري، کين پنهنجي مقابلي ۾ پوئتي ڌڪائيندا رهيا آهن. وسيلن تي ڪنٽرول جو نہ هجڻ، سياسي حصيداري کان محروميت جو احساس، مظلوم قومن لاءِ قومي سوال بڻجڻ فطري ٿي وڃي ٿو. اهڙين قومي محرومين ۾ سماجي درجي بندين متعلق ڏاهن واضح چئي ڇڏيو هو تہ: "طبقاتي جدوجهدون تيستائين

ڪامياب نہ ٿينديون جيستائين غالب قومن جي پورهيتن جو مظلوم قومن جي پورهيتن ڏانهن استحصالي رويو يا بہ اڪيائي بند نہ ٿيندي. جيستائين انهن جي حيثيت استحصالي رهندي، تيستائين غالب قومن ۾ انقلاب نہ ايندو. پورهيتن ۾ اهڙي سماجي درجي بندي يا هيٺاهين قومي حيثيت يا ڦرلٽ جي ڪري غالب قومن سان ڪابہ يڪجهتي يا سالميت قائم ڪري نہ ٿي سگهجي".

گهڻ قومي رياستن ۾ طاقت ۽ اختيارن جي ورڇ نہ هجڻ، لساني، قومي تضاد نئين سياسي تحريڪن کي جنم ڏنو آهي. جيڪي رياست جي جبر ۽ استحصال خلاف اختيارن جي ورڇ يا خودمختياريءَ جي گهر ڪن ٿيون. عوام جي وسيع اڪثريت جو "متين طبقن" جي مقبول پارٽين کي چونڊجڻ بہ اصل "حڪمران طبقن" کي قابل قبول نہ آهي. هر پنجين سال "چونڊيل" حڪمرانن کي لاهڻ، "قتل ڪرڻ" يا ڦاهي چاڙهڻ "قومي سجاڳپ" ۽ "قومي مسئلو" ٿيڻ فطري ردعمل آهي.

سياسي پارٽيون سماجي تفريقن جي نوعيت کي سمجهي بهتر سياسي حڪمت عمليون ناهي سگهن ٿيون. صنعتي پورهئي جي استحصال خلاف ۽ سمورين سماجي تفريقن ۽ قومي سوالن کان لاتعلق طبقاتي جدوجهد، مغالطو يا خام خيالي هوندي، سماجي تفريقن ۽ طبقاتي جدوجهد کان لاتعلق قومي تحريڪن جي ڪامياب ٿيڻ جا امڪان گهٽ آهن. سماجي تفريقن، استحصال ۽ جبر جي سمورين شڪلين کي مڃيندي، گهربل لياقت ۽ صلاحيت سان ئي حڪمت عملي جوڙي جدوجهدون ڪرڻ وقت جي اهم تقاضا آهي. ظاهر آهي، اهو ڪو آسان ڪم نہ آهي. پر "مظلوم قومن ۽ طبقن کي رڳو وڃائڻ لاءِ زنجير آهن ۽ حاصل ڪرڻ لاءِ سڄي دنيا پئي آهي".

Daily kawish, November 12, 2021

اڻ برابر سماج ۾ سماجي برابري خام خيالي آهي

جديد رياستن جي وجود ۾ اچڻ ۽ سرمائيداري نظام کان اڳ مختلف ڪنڌن ۽ علائقن ۾ ٿوري فرق سان زمينن تي ملڪيتن جا نظام روايتي مالڪين هيٺ ڪيڙيندڙن جي ملڪيت ۾ هئا. وقت گذرڻ سان اهڙا مالڪيءَ جا حق ۽ قانون مختلف سببن ڪري آهستي آهستي ختم ٿيندا ويا يا انهن جي نسبتي اهميت گهٽجندي ويئي. هاڻي زمينن کي قومي وسيلا سمجهڻ بدران خريد ۽ وڪري جو وکر سمجهي، منڊين لاءِ جنسون ۽ نجي ملڪيتون بڻايو ويو آهي. اهڙي واپاري شڪل جا ڪيئي معاشي، سماجي ۽ مستقبل ۾ خوراڪ جي تحفظ لاءِ اڻ ڳڻيا نتيجا نڪرڻا آهن.

هندستان ۾ زمينون روايتي جاتي-ورنا نظام هيٺ ڳوٺن جي ملڪيت ۾ هيون. مغلن جي زماني ۾ بادشاهه پنهنجي عاملن ذريعي فقط ٽيڪس اڳاڙي ڪندا هئا ۽ عاملن کي زمين جي ملڪيت ۾ مداخلت جي اجازت نه هئي. انگريزن هندستان ۾ ٻين يورپي ملڪن وانگر زمينن کي ذاتي ۽ نجي ملڪيتن ۾ ڏيئي ۽ وڏيون جاگيرون ناهڻ جهڙا بينڪي نظام ناهي رياست لاءِ آمدنيون وڌائڻ ۽ جاگيردار طبقن ذريعي مقامي آبادين سان ٺاٺي ڪرڻ لاءِ متعارف ڪرايا. جاگيردار طبقن، سرڪاري ڪارندن، انتظامي آفيسرن ۽ فوجي ادارن جي ڪين ضرورت هئي. زمينن کي ذاتي ۽ نجي ملڪيتن ۾ ڏيڻ جي نتيجي ۾ مٿيان طبقا غالب شڪلين ۾ اڀري آيا. ائين، ذاتي جاگيرن، زميندارن ۽ وڏيرڪين ملڪيتن جي ڪري زمينن تان غائب غير حاضر مالڪن ۽ سرمائيدار سيٺين جو اثر ۽ غلبو خاص شڪلين ۾ وڌندو ويو هيئنر اهڙو غلبو دنيا جي اڪثر معيشتن ۾ ڏسي سگهجي ٿو. انگريزن ساڳي طريقي سان ٻين بينڪيتن ۾ جهڙوڪ آفريڪا جي اولهه وارن ملڪن، ڏکڻ آفريڪا، زمبابوي، ڪينيا ۽ مصر ۾ ٻاهران آيل سيٽلرن

ڪي زمينون ذاتي ملڪيتن ۾ ڏنيون. اهڙيون رعايتون الجيريا ۾ بينڪي فرينچ حڪمرانن فرينچ سيٽلرن کي بہ ڏنيون، نتيجي ۾ اهڙن ملڪن مان هاري آهستي غائب ٿيندا ويا رات وچ ۾ مالڪن مان ڦري اجرتي مزدور ۽ خانہ بدوش (لمپن) پورهيت بڻجي ويا. مراڪش، ڪينيا ۽ تيونس جهڙن ملڪن ۾ مٿين طبقن زمينن تي قبضو ڪري ڇڏيو. زمينون ڪسجڻ جي ڪري مقامي علائقن ۾ ٻاهرين ماڻهن جي والار ٿي ويئي. زمبابوي ۾ انقلابي حڪومت ايندي ئي بينڪيت جي باقيات کي چئلينج ڪندي، زمينون واپس وٺي، نون ۽ وچولن طبقن ۾ ورهائي ڇڏيون. ڏکڻ آفريڪا ۾ آفريڪي نيشنل ڪانگريس تي بہ اهڙي قسم جو سخت دٻاءُ آهي.

ان جي ابتڙ چين، ويتنام ۽ وچ ايشيا جي سويت يونين جي پراڻين رياستن جي غريب علائقن کان سواءِ دنيا جي انهن سمورن ملڪن ۾ جتي زمينون روايتي سرشتن ۾ سرمائيدارن لاءِ پرڪشش نہ هيون، ذاتي ۽ نجي ملڪيتن ۾ وڃڻ يا وڏيون جاگيرون ٺهڻ کان بچي ويون. چين انقلاب ۽ ويتنام جي آزاديءَ کانپوءِ زمينن جي انتظام ۽ ملڪيت کي بهتر نموني سمجهي ذاتي ملڪيت يا روايتي قانونن هيٺ نہ آندو نہ ئي ساڄي ڌر جي سياسي واٽ ورتي. پر چينين دنيا جي چالو روايتن جي ابتڙ، سمورن هارين ۽ ڳوناڻين آبادين کي سوچي سمجهي ملڪيت تي هڪجهڙي پهچ جو حق ڏنو. اهڙي پهچ ئي فتح ثابت ٿي، توڙي جو بيئي بينڪي ملڪ هئا ائين زمين تي سرمائيداراڻي نظام جو خاتمو آندو. پراڻن حاڪم طبقن جي زرعي زمين تي هڪ هٽي ۽ ذاتي ملڪيت جا قانون ختم ڪيا ويا. رياست زمينن جي اڪيلي مالڪ ٿي ويئي. زمينن تي پورهيو ڪندڙ پورهيت خاندانن جي ملڪيت قائم ٿي، ڳوٺن ۾ هڪجهڙي ورهاست ڪري رياست ڊگهي عرصي جي سيڙپڪاري ڪري هارين، عورتن ۽ مردن کي زمينن جو مالڪ بڻائڻ جي راهہ هموار ڪئي ويئي.

پاڪستان ۾ ورهاڱي کان پوءِ زمينن کي جنس ۽ وکر بڻائڻ جي ڏکوئيندڙ تاريخ رهي آهي جيڪو ڪجهہ سنڌ سان ٿيو. اهو اجان وڌيڪ ڏکوئيندڙ آهي، زمينون رياست جي نون وفادار طبقن ۾ الاٽ ڪيون ويون. عوام جي مرضيءَ خلاف قبضا ڪيا ويا، ڪوڙا ڪليم داخل ڪري، ون يونٽ مڙهي، ايڪويو ٽرسٽ ذريعي ملڪيتن تي قبضو ڪيو ويو يا نون شهر اڏڻ ۽ ترقين جي نالي ۾ سرمائيدارن حوالي ڪيو ويو. ٻئراجن ٺهڻ جي نتيجي ۾ ڏارين، سيٽلرن کي انعامن ۾ زمينون ڏنيون ويون. نتيجي ۾ لوڪل آبادين جو زمينن سان جڙيل رشتن ۾ ڏار وڌا ويا. لوڪل آباديون تيزيءَ سان بي زمين ٿينديون ويون، بي زمين هئڻ جي ڪري پيداواري صلاحيت ۾ ڪمي ٿيندي ويئي.

زمين سان جڙيل پيداواري رشتا هينئر سرمائيدار زراعت، امير – آبادگار، هاري، وچولا هاري، غريب هاري، بي زمين هارين ۽ غير حاضر جاگيردارن ۾ ورهايل آهن. پيداواري صلاحيت ۾ مستقل نقصان، منافعي ۽ محدود سرمائيداراڻي سوچ زمين جي پيداواري صلاحيت کي ڪاپاري ڌڪ هنيو آهي. ملڪي ضرورتن ۽ آباديءَ جي دٻاءَ، هارين جي اجرت ۽ معاوضي ۾ واضح ۽ حقيقي گهٽتائي آڻي، غربتن ۾ اضافو ڪري ڇڏيو آهي. ڳوٺاڻي آباديءَ جو گذر سفر زراعت کان ٻاهر غير رسمي پورهئي ۽ چوپائي مال جي پالنا تي آهي. آمدني جو اڌ حصو غير رسمي اجرتن مان اچي ٿو. زمينن تي قائم حصيداريون، مالڪيون ۽ مناسب اپت نہ ملڻ ڪري هارين جي وسيع اڪثريت استحصال کي منهن ڏيئي رهي آهي. زمين تي قائم تجارتي نظام جنهن ۾ ٻج، ياڻ، مشينري، قرض ۽ پيداوار، منڊين جي رحم ڪرم تي ڇڏيل آهي. هارين جي جائز پورهئي تي زميندار، وڏيرو، لوڪل انتظاميہ، پوليس ۽ بيورو ڪريسيءَ جي مدد سان قابض آهي. پيداوار کان محرومي، پيداوار جنسن جا سرڪاري اگهہ ۽ منڊين جي بيرحم پيداواري عنصرن ۽ قيمتن

تي گرفت هارين جي پورهئي کي جاگيردارن، بروڪرن، ٺيڪيدارن، سيٺين ۽ سرمائيدارن جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي، اهڙو نظام هارين ۽ وسيع اڪثريت لاءِ استحصالي آهي. ان سڄي عمل پٺيان زمين تي ذاتي مالڪيءَ جو نظام، مارڪيٽن جي بيرحمي، لبرل معاشي پاليسيون، مخصوص طبقن جي هڪ هٽي مکيہ جڙون آهن. اهڙن ڊانچن ۾ هارين جو سياسي آواز آهن ئي ڪونہ، جو سندن طبقي جي مفادن جو تحفظ ڪري سگهن.

زمينن تي ذاتي ملڪيت جو نظام نجڪاري آهي جنهن مان فائدو خاص طبقن لاءِ آهي ۽ وسيع اڪثريت لاءِ پهچ ۽ رسائي محدود آهي. پيداوار جا بنيادي فيصلا لبرل معاشي سوچ ۾ فرد ڪندا آهن نہ ڪي گڏيل ادارا يا حڪومتون. اهڙي سوچ سرمائيداراڻي نعريبازي آهي جنهن جو مطلب آهي تہ زمينن کي ذاتي ملڪيت ۾ ڏيئي معاشي وسيلن جو قطعي ۽ آخري انتظام منطقي طور منڊين جي حوالي ڪري ڇڏجي. اهڙي نظريئي مغالطا پيدا ڪيا آهن تہ ترقي يا زرعي جديديت لاءِ قطعي ۽ آخري حل زمينن ۽ معيشتن کي منڊين ۽ نجڪارين حوالي ڪرڻ آهي. ان لاءِ ملڪيت جا قانون انتهائي ضروري ۽ اٽتر آهن زمين بہ واپار جي هڪ جنس آهي ان جي ملڪيت کي بازار جو وکر ٺاهجي. ائين جيئن سرمائيداري نظام ۾ ناٽو شخصي ملڪيت آهي. ان جو صاف حاصل مطلب آهي تہ زمينون ذاتي ملڪيت ۾ ڏيڻ کان سواءِ ترقي ڪرڻ جو ٻيو رستو ئي نہ آهي، ترقي ۽ واڌاري جي نالي ۾ ٻين جنسن وانگر خريد ۽ فروخت جو وکر ڪري هارين کي زمينن تان بي دخل ڪجي. منڊين واري معيشت زمين تي پهچ، خوشحاليءَ ۽ پيداواري صلاحيت کي هڪجهڙو ڏسي زمينن کي ليزن ۽ مقاطن تي ڏيڻ کي همٿائي ٿي. اهڙو سياسي ورجاءُ زمين جي ڪيڙيندڙن جي حقن تان هٿ ڪڻڻ ۽ منڊين جو نظام رائج ڪرڻ برابر آهي. اهڙن عملن جي نتيجي ۾ سرمائيدار ملڪن مان اندازن پندرهن سيڪڙو هاري گهٽجي ويا

آهن، باقي وڃي پنجاسي سيڪڙو بچيا آهن. سرمائيداري نظام هارين جي جهڙوڪ نسل ڪشي آهي. هارين کي ختم ڪرڻ جو سرمائيداريءَ کان علاوه ٻيو ڪو بهتر طريقو ئي ناهي.

اهڙو عمل تاريخي طرح ڪو نئون عمل نہ آهي، ائين ڇئي سڄي دنيا ۾ لاڳو ڪيو ويو آهي. ٽئين دنيا ۾ خاص ڪري بينڪي تاريخ رکندڙ ملڪن ۾ سماجن ۾ اتان جون نہ صرف حڪومتون، عالمي ادارا، مذهبي پارٽيون، عالمي واپار جون تنظيمون، ترقياتي بئنڪون اڄ بہ ساڳي سوچ ۽ فڪر کي پنهنجي نجات، نظريو ۽ ايمان جو حصو سمجهي پوئيواري ڪن ٿيون ۽ ان کي همٿائينديون بہ رهن ٿيون پر اهڙي سوچ جا نتيجا صاف، اڻ ڳٽيا ۽ واضح ٿيٽا آهن ۽ هارين کي زمينن تان بي بيدخل ٿيڻو آهي. سندن استحصال اٽتر آهي، سندن غربتن بکن ۽ بدحالين مان ڪا جان ڇنٽي نہ آهي، ان ڪري هارين لاءِ سياسي تحريڪن کان سواءِ ڪو رستو بچيو نہ آهي. رياستن کي زمينن تي مالڪيءَ جي نظامن ۾ بهتري آٽي هارين کي معاشي طور سگهارو ڪرڻ گهرجي. پر، زمينن تي قائم چالو انتظام، اڻ برابريون ۽ سرمائيداراڻي مداخلت کي وڏائي اڻبرابريون پيدا ڪري ٿو. وسيلن تي رسائي ۾ تبديليون آڻڻ کانسواءِ پيداوار ۾ اضافو نٿو ڪري سگهجي.

سني حڪمراني يا گهڻ پارٽين وارو سياسي وڏيرڪو ۽ سرمائيداراڻو نظام اهڙي ملڪيتي نجڪاريءَ جي نظام ۾ پيلا تبديليون ڇو آڻيندو؟ نظام بہ سماجي طاقتن تي بيٺل آهي، ان ۾ هارين جي ڪمزور حيثيت آهي. اڻ برابر سماج ۾ برابري ٿيٽي آهي، سماجي ڊانچن ۾ عورتن ۽ مردن جو تعلق اهم هجي ٿو. اڻ برابر سماجن ۾ اڪثريتي هارين، عورتن ۽ پورهيتن جي سياسي ۽ جمهوري برابري خام خيالي آهي.

دنيا هارين ۽ انهن جي سماجن ڏانهن مستقبل جي کاڌ خوراڪ لاءِ

واجهائي رهي آهي. هارين کان سواءِ عالمي خوراڪ جي مسئلن کي حل نٿو ڪري سگهجي _ هي سوال اهم آهي. تنهنڪري، هارين کي زمين تي پهچ، وسيلن تي ڪنٽرول، قرض، ٻج ۽ ٻين پيداواري عنصرن تائين رسائي ڏيڻي پوندي، هارين ۽ عورتن کي متحد ٿيڻو پوندو. هارين جون تنظيمون ئي سماجي ۽ سياسي طاقت طور پنهنجي طبقي جي مفادن جو تحفظ ڪري سگهن ٿيون. پنهنجي حالتن کي سمجهندي هارين جي جدوجهد، تحريڪ، تنظيم ڪري، احتياط سان سمجهڻو پوندو تہ چالو جاگيردار، سرمائيدار ۽ قومي پارٽين جا نعرا ۽ مطالبا سندن مطالبن سان واقعي ئي ڪا هڪجهڙائي رکن ٿا يا نہ. سندن سياست چالو معاشي پاليسين ۽ غالب نئين لبرل معيشت ۽ منڊين تي ڪنٽرول جي حمايت يا مخالفت ۾. هارين جي ڪمزور هئڻ، ٻي زبان هئڻ، اظهار نہ هئڻ جي ڪري سندن مسئلن تان ڪن لاتار نٿي ڪري سگهجي زمين تي ملڪيت جو نظام وقت جي حڪمران پارٽين ۽ رياستن جي هٿ هيٺ آهي ۽ اُهي اهڙي نظام جو دفاع ڪن ٿيون، هاري تحريڪون پنهنجي جوهر ۾ دفاعي آهن. رياست جي ڪڏهن بہ زمين جي مالڪي ذاتي ملڪيت جي حق ۾ ختم نہ ٿيندي نالي ماتر زميني سڌارن کي بہ ذاتي ملڪيت کي ٻيهر ذاتي ملڪيت ۾ ورهائڻ جي معنيٰ ۾ سمجهڻ گهرجي سرشتو ئي جڏهن ذاتي ملڪيت تي ٻڌل آهي تہ پوءِ سڌارن جو فائدو ڪهڙي بہ حالت ۾ غريب ۽ ٻي پهچ ۽ ٻي زمين هارين کي اصولن نہ ملندو.

زمين جي مالڪيءَ مان سياسي طاقت جنم ورتو آهي، ان جو خاتمو هاڻي ٿيڻ گهرجي. دنيا جي ٽي ارب هارين جي مستقبل کي لبرل معيشت ۽ عالمي فراڊ کان جان ڇڏائڻ لاءِ عوامي مزاحمت جون تحريڪون منظم ڪرڻيون پونديون.

Daily kawish, November 18, 2021

زمين جي ذاتي ملڪيت، زميني سڌارا، ڪاميابيون ۽ ناڪاميون

برطانوي راڄ کان اڳ هندستان ۾ زمين جي ڪابہ رسمي يا ذاتي ملڪيت نہ هئي. جيتوڻيڪ برطانوي حڪمرانيءَ جي ٻن صدين دوران (1757_1947)، هندستان جي روايتي زمين جي ذاتي ملڪيت ۽ زمين جي استعمال "نجي ملڪيت" جي تصور کي متعارف ڪرائڻ سان تبديل ٿي ويا. زمين جي مالڪيءَ جامختلف نظام زمينن جي ملڪيت ۽ منتقليءَ جا نظام انگريزن طرفان متعارف ڪرايا ويا.

"زميندار ي" نظام اتر هندستان جي اڪثر حصي ۾ غالب ٿي ويو. جنهن سان جاگيردار (زميندار) زمينن جا مالڪ ٿي ويا. جاگيردارن کي سرڪار طرفان مقرر ڪيل محصول جي ادائيگي ڪرڻي هئي ۽ ائين هاري زمين جي مالڪ مان ڦري جاگيردارن جا هاري بڻجي ويا ۽ انهن کي زمين تي هارپو ڪرڻ جي مسواڙ بہ ادا ڪرڻي پئي. هندستان جي ڏکڻ ۽ اولهہ وارن علائقن ۾ "روتواري" جو نظام لاڳو ڪيو ويو. ذاتي پوکيندڙ (رائيٽس يا روئيٽس) زمين جا مالڪ هئا ۽ انهن کي زمين وڪرو ڪرڻ زمين جي منتقلي ڪرڻ ۽ منتقلي جا حق حاصل هئا. اهي زمين تي ڪنهن بہ قسم جي وصولين جي ادائيگي جي خلاف هئا. "مهلواري نظام" هڪ ٽيون نظام هو جنهن جي ذريعي سڄي ڳوٺن کي وصولين جي ادائيگي ڪرڻي هئي، جنهن ۾ هارين کي سندن ملڪيت جي حساب سان حصو ڏيڻو هو. انڊين فاريسٽ ايڪٽ 1920ع ۾ منظور ٿيو ان قانون ۾ سيني جهنگلي زمينن کي سرڪاري ملڪيت بڻايو ويو. هي قانونَ (قبائلي) معاشري ۾ زمين جي روايتي ڪميونٽي ملڪيت ۾ هٿڻ کي غيرقانوني طور تسليم ڪري ڪين

ملڪيت جي حق کان محروم ڪن ٿا.

انهن نظامن هيٺ زمين جي ورهاست انتهائي اڻ برابري واري ٿي وئي ـ ڳوناٽي سماج کي ورهايو ويو: زميندار ۽ امير هارين جي مقابلي ۾ ڪرائي تي ڪم ڪندڙ هاري ۽ زرعي مزدور 1947ع ۾ آزاديءَ جي وقت تائين، هندستان جي تقريباً چاليهه سيڪڙو ڳوناٽا زميندارن لاءِ زرعي مزدور طور ڪم ڪري رهيا هئا.

زمين تي ذاتي ملڪيت جو اهڙو تصور ۽ نظام، سماجي طور اڻ برابريءَ تي ٻيڻل نظام هئو. جيڪو مغلن جي دور کان ٿيندو اچ تائين ڪڏهن زمينداري ته ڪڏهن ڪنهن جاگيردار ته ڪڏهن هندو سينئي وٽ گروي ٿيل نظام جو تسلسل هو. جنهن ۾ هاري هميشه وانگر ڦرلٽ جو شڪار ٿيل غير محفوظ ۽ ٻٽئيءَ جي غلط ورڇ جي نظام جو شڪار ٿيندو آيو آهي، زمين تي ذاتي ملڪيت جي تصور هيٺ اڻ برابريءَ تي ٻڌل سماجي ۽ پيداواري رشتن هڪ نه ٻئي طريقي سان انهن رشتن تحت استحصال ۽ ڦر لٽ جو هڪ انسان دشمن ۽ ڪرپ ڏياريندڙ وحشي سماج جوڙيو آهي، جتي انسانيت، جمهوريت ۽ سمورن اعليٰ انساني گڻن جي پرورش ٿيڻ ڏاڍي مشڪل ٿي پئي آهي.

سماجي اڻ برابريءَ تي ٻڌل هي زميني ملڪيت جو نظام پاڪستان کي 1947ع کان ئي ورثي ۾ مليو. سماجي ناهمواريءَ کي ختم ڪرڻ واسطي سنجيده ۽ هڏ ڏوکي ماڻهن جي ڪيترين سارين ڪوششن جي تاريخ پيري پئي آهي، زميني اصلاحات سڏارا زمين جي ذاتي ملڪيت جي حد بندي مقرر ڪرڻ، هاري ۽ زميندار جي وچ ۾ رشتن جي چنڊ چاڻ ڪرڻ، ٻٽئيءَ ۾ حصي داري ۽ ٻيا ڪيترا سڏارا آڻڻ لاءِ ڪيئي سڏارن جون ڪميٽيون ۽ رپورٽون پيش ڪيون ويون ته سرڪاري طور ۽ ڪن تي شعوري طور عمل ڪرائڻ لاءِ اپاءَ ورتا ويا، ڪجهه ڪامياب ٿيا ۽ ڪجهه ناڪامياب ٿيا.

زمين جي ذاتي ملڪيت:

زميني ملڪيت جو نظام، هاريءَ ۽ زميندار طبقن جي وچ ۾ هڪ قسم

جي تعلق جي وضاحت ڪري ٿو. يعني هڪ قسم جي سماجي ڍانچي ۾ رهندي مختلف طبقن وچ ۾ پيداواري سرگرمين جي تعلق جي وضاحت ٿئي ٿي. ان پيداواري رشتي ۾ هڪ طرف وڏين رياستن ۽ هزارين ايڪڙن تي ٻيٺل ظالماڻي طاقتون، رياستي ادارن ۽ هزار سالن جي تجربن سان هٿياربند طاقتون آهن جيڪي پنهنجي ناجائز طريقي سان حاصل ڪيل دولت کي هٿيار بڻائي، لکين ماڻهن جي مٿان حڪمرانيءَ جا حق حاصل ڪيل طاقتون آهن. ٿوري اقليت آهي جنهن جو پيداواري عمل ۾ ذري برابر بہ حصو نہ آهي ۽ صرف زمين تي سندس ناجائز ملڪيت جو پورائو هجڻ ڪري ڪيس زمين جي مالڪيءَ تحت ڪيس اضافي پيداوار "مسواڙ" جي شڪل ۾ ملي ٿي ۽ ٻئي پاسي ڏٻرن، ڪمزور، هيڻن، ٻڪين، اڻگ اگهاڙن، معصوم ماڻهن ۽ طبقن جو هڪ اڻکٽ سمنڊ صبح جو پرهہ ڦٽيءَ کان لهندي سج تائين، هزارن سالن کان مٿين طبقن جي غلاميءَ ۾ ۽ سندس بوگس شان ۽ شوڪت لاءِ هڪ اوزار طور ڪم ڪندو رهيو آهي، نتيجن انسان ۽ سماج جا سمورا رشتا، ناتا، ادارا ۽ ڪردار انهن رشتن مان ڦٽي نڪرن ٿا.

زمين جي ذاتي ملڪيت جي تصور کي جيڪڏهن رد ڪري ڇڏجي ان ۾ رياست ان کي جيڪڏهن نئين سر اڏاوت ڪري، ڪيس ڪنهن نئين قانوني سڏاري هيٺ ڪا نئين شڪل ڏني ۽ ان تي ڪم ڪندڙ پورهيتن جي حق کي تسليم ڪري ۽ ان تي سختيءَ سان عمل ڪرائي تہ پوءِ پيداوار ۽ ترقيءَ جو رخ عام ڀهبود سان گڏوگڏ ملڪ ۽ خاص ڪري زرعي شعبي سان لاڳاپيل هڪ وسيع اڪثريت کي زندگيءَ ۾ هڪ نئين روشنيءَ جي لهر ڪر ڪٽي اڀري پوي. پر هي انسان دشمن وحشي نظام بدترين ظلم تي ٻيٺل جاگيرداري پگهاردار نظام جون جڙون صدين کان قائم ۽ برقرار آهن. جن جي زمين جي ملڪيت گرفت ۽ هڪ هٿيءَ ۾ جاگيردار رشتا مضبوط آهن ۽ پيداوري عمل ۾ پيداوار جو هڪ وڏو حصو جائز ۽ ناجائز طور انهن جي حصي ۾ اچي ٿو ۽ هڪ وڏي اڪثريت سندن رحم ڪرم تي صدين کان ايذاءُ هيٺ آهي ۽ هن نظام کي

سماجي، معاشي ۽ اخلاقي قدرن جي بنياد تي ڪڏهن بہ ڪو انسان دوست نظريو ڪيس منصفاڻو نظام نہ ٿو چوي.

زميني سڌارا اٽتر ۽ لازمي هئا، جيڪڏهن اهي انهي وقت تي چڪا هجن ها پر اهو هڪ يا ٻين سببن جي ڪري نہ ٿيو آهي. هاڻي آبادي وڌي وئي آهي، زراعت مختلف قسم جي مسئلن ڪي منهن ڏئي رهي آهي. زمينن تي غير قانوني نظام ختم ڪرڻ لاءِ زمينن جي نجي ملڪيت ڪي ختم ڪيو وڃي ها هاڻي هڪ قسم جا چئلينج آهن تہ جيئن هڪ وڏي اڪثريت جي زندگيءَ ۾ تبديلي آڻي سگهجي، ذاتي ملڪيت جي تصور ڪان آزادي، ملڪيت جي استعمال يا ٺيڪداري نظام ۾ ان تي رياست جي ڪنٽرول يا انهن تي پورهيو ڪندڙ جا حق، سماجي انصاف جي روشنيءَ ۾ بين الاقوامي طور تسليم ٿيل آهن، اهڙن سماجن لاءِ جتي اهي حق غضب ڪيا ويا آهن. پاڪستان ۾ بہ زمين جي ذاتي ملڪيت جو نظام 1947ع ڪان وٺي اڻ برابريءَ تي ٻڌل آهي ۽ اهو زميندار، جاگيردار هٿان هاريءَ جي معاشي ڦرلٽ جي اجازت ڏئي ٿو ڇاڪاڻ جو هي نظام ذاتي ملڪيت هيئين ٻن اصولن تي ٻڌل آهي تہ هزارن ايڪڙن تي مشتمل زمين جو مالڪ اهو آهي جيڪو پاڻ هڪ ايڪڙ بہ ڪو نہ ٿو اپائي ۽ پيداوار جي هڪ وڏي حصي ۾ ڀاڱي ڀائيوار ۽ مالڪ آهي. ٻئي پاسي محنت ڪندڙ ۽ پورهيو ڪندڙن جي هڪ وڏي اڪثريت آهي، جن ڪي گهٽين حالتن ۾ قانوني بچاءُ تہ ڪونهي پر سمورا پيداواري رشتا بہ ڀهرين طبقي جي حق ۾ آهن ۽ لکن سالن ڪان سماجي طور ۽ روايتي انداز ۾ ترقي ڪيل لڄالٽ ۽ صرف پيداوار جي ورهاست ۽ ٻنئيءَ ڪرڻ وقت ئي لڳايل هزارين قسمن جا ٽيڪس، وصوليون، چندا، اوڳاڙيون ۽ بيگارون ننگي ڦرلٽ جي نشاندهي ڪن ٿيون ۽ ٻئي پاسي زمين تي ڪم ڪندڙ بي زمين هاري يا ننڍڙن ننڍڙن ٽڪرن تي پنهنجن معصوم ۽ پوري خاندان سان پيٽ گذر ڪندڙ "فيصلي فارمرز" جن ڪي پنهنجي زندگيءَ جي بہ ڪا سڌ ٻڌ نہ آهي.

سڌارا ۽ سڌارا آڻيندڙ:

انهيءَ سڄي پس منظر ۾ زميني سڌارا آڻيندڙ ماڻهن ۽ حڪومتن ڪجھ ڪوششون ورتيون آهن. انهن جو هتي پاڻ جائزو وٺنداسين. هن وقت تائين جيڪي سڌارن لاءِ ڪميٽيون ٺهيون آهن اهي هي آهن.

1. گورنمينٽ هاري انڪوائري ڪميٽي 48 _1947ع جي رپورٽ
2. مسٽر مسعود جو هاري انڪوائري ڪميٽيءَ تي اعتراض اختلاف جو نوٽ 1949ع
3. پاڪستان مسلم ليگ جي زرعي سڌارن واري ورڪنگ ڪميٽيءَ طرفان رپورٽ 1948ع
4. پهرين پنج سالا رٿابندي
5. اولھ پاڪستان لينڊ رفارمس ڪميشن جي رپورٽ 1959ع
6. لينڊ رفارمس ريگيوليشن 1976ع ۽ لينڊ رفارمس آرڊيننس 1977ع

زميني سڌارا آڻيندڙن جا ٻه اسڪول آف ٿاٽ آهن. هڪڙا اهي جيڪي زميندار، جاگيردار رشتن ۽ رشتن جو خاتمو چاهيندڙ آهن ۽ هارين جي زمين تي ملڪيت جي حق کي تسليم ڪندڙ آهن ۽ زميني سڌارا ان روشنيء ۾ آڻڻ جي حق ۾ آهن. انهن کي گهٽي پاڳي "آدرشي حل" ڏيندڙ سڏيو ويو آهي. هنن جو چوڻ آهي ته زميني ملڪيت جو موجوده نظام غير منصفاڻو آهي، اهو انصاف جي اصول تي ٻڌل نه آهي، ان کي تبديل ڪرڻ گهرجي ۽ ٻيو دليل هي ٻه آهي ته موجوده ذاتي ملڪيت جو غير منصفاڻو نظام ڪي ٻه مادي سهولتون مهيا نه ٿو ڪري، جو پيداوار ۾ ڪو اضافو ٿي سگهي، زمين تي جڏهن ان تي ڪم ڪندڙ پورهيت جو حق، تسليم ڪونه ٿيندو يا ڪيس ان تي مالڪيءَ جو حق نه ڏنو ويندو، تيستائين پيداوار ۾ اضافو ڪونه ايندو ۽ رياست ۽ حڪومت کي گهربل مداخلت ڪري هاريءَ جي حق کي تسليم ڪري ڪين بنيادي رعايتون ۽ سهوليتون مهيا ڪري ڏنيون وڃن ته هاري پنهنجي مرضي، دلچسپيءَ، مهارت ۽ آزاديءَ سان ڪم

ڪندو ۽ ٻيو نظريو رکندڙ يا سڌارا آڻيندڙ اهڙا ماڻهو آهن جيڪي زميني سڌارا ڏاڪي به ڏاڪي ارتقائي انداز ۾ آڻڻ گهرن ٿا. هي دانشور مٿين خيالن جي ابتڙ سمجهن ٿا ته هاريءَ ۽ پورهيت جو زمين تي حق تسليم ڪرڻ ۽ ان تي عمل ڪرائڻ سولو ۽ آسان نه آهي، پر ان جو حل آهستي آهستي ۽ ڏاڪي به ڏاڪي جي تبديليءَ ۾ سمايل آهي. ڇاڪاڻ ته زمين جي فراهمي ايتري نه آهي جو اها هڪدم سمورن پورهيتن ۽ هارين ۾ ورهائي ڏئي سگهجي. نمبر ٻه دليل هي به آهن ته جيڪڏهن بنيادي ورڇ ڪئي به وڃي ته وڏي تعداد ۾ لڏپلاڻ جو خطرو پيدا ٿيندو ۽ زمين ننڍين ننڍين ٽڪرن ۾ ورهايل آهي جو ان جو ڪو به معاشي فائدو عام هاريءَ کي ڪونه ٿيندو ۽ ڪجهه زمين جيڪي اڳي ئي ننڍن هارين، يتيمن ۽ بيواهن جي ملڪيت هيٺ آهي، اهي به نيڪي يا مسواڙ تي ٻين کي ڏئي ڇڏين ٿا.

نتيجن مٿين مسئلن جو حل آهي ته بٽئيءَ جو نظام سنئو نظام آهي، انهيءَ تي قناعت ڪئي وڃي، انهيءَ کي سڌاريو وڃي، انهيءَ دائري ۾ رهندي ڪي تبديليون آنديون وڃن ۽ ذاتي ملڪيت جي هڪ حد مقرر ڪئي وڃي ۽ جتي اها حد اڳ ۾ ئي وڏيڪ آهي انهيءَ کي آهستي آهستي رياستي مداخلت وسيلي گهٽ ڪيو وڃي ۽ اها زمين رياست انهن ماڻهن کان معاوضي طور تي وٺي، عام هاريءَ کي بازار جي اگهه کان گهٽ ۾ نيلام ڪري ۽ هڪ نئين تعلق ۽ رشتي جو بنياد وڌو وڃي جيڪو برابريءَ جي اصولن تي ٻڌل هجي ۽ روينيو ڪورٽون قائم ڪري ان تعلق کي مضبوط ڪيو وڃي، جتي ڪنهن به قسم جي جهڳڙي ۽ ٻين مسئلن کي منهن ڏئي سگهجي.

ٻهريون نظريو رکندڙن ۾ وڏو نالو مسٽر مسعود کدرپوش جو آهي، جيڪو 1948/47ع ڌاري سنڌ ۾ نوابشاهه جو ڪليڪٽر هو ترقي پسند سوچ جو مالڪ هو ان پنهنجي هاري انڪوائري ڪميٽيءَ جي رپورٽ سان اختلاف رکندي پنهنجو مشهور اختلافي نوٽ لکي، ان وقت جي سرڪاري

سوچ تي وڏو وار ڪيو هو. هن هارين جي حق کي تسليم ڪندي، بنيادي سڌارا آڻڻ جي تجويز ڏني هئي پر ان جي سرڪار نہ صرف هن جي موقف کي رد ڪيو هو پر اهو موقف ۽ اختلاف بہ ان رپورٽ ۾ شايع ڪرڻ نہ ڏنو هو ۽ ان کان پوءِ ميان ممتاز دولتانہ جي اڳواڻيءَ ۾ ٺهيل پاڪستان مسلم ليگ جي زرعي ڪميٽي ڊگهي عرصي دوران اپائن ۾ هاريءَ جي هڪ ڊگهي عرصي وارن اپائن ۾ هاريءَ جي حق کي تسليم ڪيو پر ٿوري عرصي وارن اپائن ۾ هو وري بہ هاري زميندار رشتن کي کير کنڊ واري ڪيفيت ۾ ڏسن ٿا.

ان کانپوءِ مٿين نظريي جا ماڻهو 1959ع جي اولهہ پاڪستان لينڊ رفارمس ڪميٽيءَ ۾ ان وقت مسٽر غلام اسحاق خان جيڪو ان وقت ڪميٽيءَ ۾ ميمبر جي حيثيت سان اختلافي نوٽ لکيو تہ بنيادي سڌارن لاءِ زميندار هاريءَ جي تفريق کي ممڪن حد تائين گهٽايو وڃي. چاڪاڻ جو انهن رشتن ۾ بنيادي برابريءَ ۽ ترقيءَ جي اصولن جي خلاف ورزي واضع آهي ۽ زمين جي مقرر حد کي گهٽائڻ ۽ خانداني حد مقرر ڪرڻ تي ڪافي زور ڏنو ۽ ٻي قسم جو نظريو رکندڙ 77_1976ع جي زميني سڌارن جا پوئلڳ آهن، جن زميني سڌارن ڏاڪي بہ ڏاڪي آڻڻ جي حق ۾ هئا، اهي سڌارا ناڪام ٿيا انهن جي ناڪاميءَ تي بہ ڳالهہ ٻولهہ ڪنداسين.

هڪ ڳالهہ ذهن ۾ رکڻ کپي، پهريان نظريا رکندڙن جو تعداد اقليت ۾ هو ۽ پويان اڪثريت ۾ هئا. پهرين جو حل معاشي ۽ اخلاقي طرح قابل قبول هو بهرحال ٻئي نظريا رکندڙ حڪومتي مداخلت سان بنيادي سڌارا آڻڻ جي حق ۾ هئا.

هيٺئر اسين مختلف زميني سڌارن تي بحث ڪنداسين. زميني ملڪيت جي نظام جون پاڙون، برطانيا جي بينڪي نظام تحت هندستان ۾ هڪ ڪلاس پيدا ڪرڻ لاءِ قائم ڪيو ويو مغلن پنهنجي دور زمين تي قبضن ۽ جهڳڙن کانپوءِ هڪ حد بندي مقرر ڪئي هئي، برطانيا پويان اچي

ٻن قسمن جي سيٽلمينٽ جا نظام متعارف ڪرايا.

هڪ زميندار ي نظام ۾ ٻيو "روتواڙي" نظام، پهرين نظام جنهن زميندار، جاگيردار ۽ هاري رشتن کي مضبوط ڪيو ۽ ٻيون نظام هاريءَ جي حق ۾ هو جنهن جو اثر ڪافي گهٽ هيو. برطانيا سڀ کان پهرين 1887ع ۾ مداخلت ڪري "پنجاب ٽيننسي" ايڪٽ لاڳو ڪري، زميندارن هاريءَ جي رشتن جي وضاحت ڪئي. غير قانوني بي دخليون، بيگاريون ۽ ٻين وصولين خلاف قانون ۾ اپاءَ ورتا ۽ وري 1901ع ۾ "لينڊ الائينيشن ايڪٽ" تحت ننڍين هارين ۽ قرضي ٿيل هارين کي غير زرعي قابض (هندو سيٺئي) کان ڪائنس قانوني آزادي ڏياري، جيڪي صرف ۽ صرف زمين کان پري هڪ خاص قسم جي جاگيردار وٽ گروي ٿيل هئا ۽ هو مفت ۾ (گروي) يا هڪ قسم جي مسواڙ ڪمائيندو هو.

ٽيننسي ليجسليشن ڪميٽي:

مٿين ڪميٽيءَ سنڌ هاري ڪميٽي جي جدوجهد جي نتيجي ۾ زميندار ي نظام، بيگارين ۽ بيدخلين جي نتيجي ۾ عوامي دٻاءَ ۾ هارين جي تحريڪ جي نتيجي ۾ ٿهي ۽ انهن ڏينهن ۾ انڊيا جي ڪيترن علائقن ۾ ايڪٽ لاڳو ٿي چڪا هئا ۽ انهيءَ دٻار جي نتيجي ۾ 1943ع سنڌ اسيمبلي مٿين ٽيننسي ليجليشن ڪميٽي قائم ڪئي ته جيئن هارين جي مسئلن ۽ انهن جي حل لاءِ اپائن وٺڻ ۽ هارين جي حالتن کي بهتر بنائڻ لاءِ وسيلن ۽ ذريعن جي ڳولا ڪئي وڃي.

ٽيننسي ليجسليشن ڪميٽيءَ هيٺيون تجويزون ڏنيون:

1. هارين کي هاريپي جا مڪمل حق ڏنا وڃن ڪين بي دخل نه ڪرڻ جو مڪمل "يقين" رکي، ڪين دل سان زمين تي ڪم ڪرڻ جو تحفظ فراهم ڪندو ۽ مڪمل طرح زمين تي ڪم ڪرڻ ۾ دلچسپي پيدا ڪندو.

2. هارپي جو حق "سمورن هارين کي ورثي ۾ ملڻ گهرجي، انهن هارين کي جيڪي شخصي طرح 4 ايڪڙ زمين کي ساليانو ڪم ڪن ٿا ۽ ساڳي زميندار وٽ مسلسل اٺن سالن کان ڪم ڪندا هجن.
3. ساڳي قسم جو تحفظ زميندار کي بہ هجي جنهن وٽ اهو هاري ڪم ڪري ٿو.
4. بٽئي سسٽم نظام جي جڳهہ تي روڪ پئسن جي نظام کي هٿي وٺرائجي ۽ موجوده ٽيڪسن ۾ بي سموري زميني نظام کي ائين ئي رکيو وڃي.

هنن اڪثريتي تجويزن تي سائين جي.ايم سيد پنهنجو اختلافي نوٽ ڏنو تہ:

1. هارين کي سواءِ تفريق جي هارپي جا حق ڏنا وڃن.
2. بٽئي نظام کي ختم ڪري ان جي جاءِ تي هڪ نئون "رياستي هارپي" جو نظام قائم ڪيو وڃي.
3. زمين کي جاگيردارن جي قبضي مان بنا معاوضي ڇڏائي سرڪاري تحويل ۾ ورتي وڃي.

ٻيو اختلافي نوٽ "ڏيال رام دولت رام" جو هو تہ مٿين تجويزن کي لاڳو ڪرڻ سان زميداري نظام جو خاتمو ٿي ويندو ۽ زمينون هارين جي هٿ هليون وينديون. هن جو خيال هو تہ هاري خودمختياريءَ ۽ آزادي سان ايترو سنو ۽ چڱي طرح زمين تيستائين نٿو ڪيڙي سگهي جيستائين سندس مٿان زميداري جي شفقت جو هٿ نہ هوندس. هن ڪميٽيءَ کي وارننگ بہ ڏني تہ زرعي معيشت کي ڪوشش ڪري ممڪن حد تائين ڪيس ڊسٽرب نہ ڪيو وڃي.

سنڌ اسيمبليءَ هن رپورٽ تي ڪو قدم ڪو نہ کنيو 1945ع ۾ شايع ٿي هئي. هڪڙو يا ٻيو سبب اهو ڏنو وڃي ٿو تہ ڪامورا ۽ سياستدان انهن ڏينهن ۾ مسلم ليگ ۽ ڪانگريس ۾ ورهايل هئا ۽ انگريز سرڪار جا ڏينهن

ڪٽڻ وارا هئا انهيءَ ڪري مٿين رپورٽ تي ڪا بہ نظر ثاني نہ ڪئي وئي.

1947ع ۾ اڄ وانگر هارين کي ڪو قانوني تحفظ مهيا نہ هو انهن چند مهينن ڪانپوءِ مسلم ليگ جي حڪومت ”هاري انڪوائري ڪميٽي قائم ڪئي، جنهن 1948ع ۾ پنهنجي رپورٽ ڏني، جنهن جي پنجن ميمبرن مان هڪ انگريز بہ هو.

هاري انڪوائري 1948ع:

هن ڪميٽيءَ بہ اڳين ڪميٽيءَ وانگر ”سواءِ ٻوڙاٽي معيشت ۾ تبديليءَ“ جي تجويزن تي زور ڏنو پر ان ۾ مزيدار ۽ دلچسپيءَ جي ڳالهہ مسٽر مسعود جو ”اختلافي نوٽ“ آهي جيڪو انهن ڏينهن ۾ سنڌ جي ڪنهن علائقي ۾ ڊسٽرڪٽ ائڊمنسٽريٽر هو. پهريان ئي اسين اڪثريتي تجويزن تي غور ڪنداسين ۽ بعد ۾ مسٽر مسعود جي اختلافي نوٽ تي.

اڪثريتي رپورٽ اڳين ”ٽيننسي ليجليشن ڪميٽيءَ جي تجويزن کي وڌائيندي چيو تہ ”هارين جي تڪليفن جا سبب قدرتي آهن، گهٽي پاڳي سندن پنهنجي طرفان پيدا ڪيل آهن، چاڪاڻ تہ هو بي ايمان ۽ سست آهن ۽ هڪ حد تائين سندن تڪليفن جو سبب حڪومت بہ آهي. “ڏسو هاري انڪوائري ڪميٽي 1948ع زميندار هاريءَ جو دوست آهي.” جڏهن تہ هاري تڪليف ۾ هوندو آهي تہ سڀ کان پهرين زميندار سندس ڪم ايندو آهي ۽ سڀ متفق آهن تہ اڪثريتي زميندار هارين جي حقيقي طرح مدد ڪن ٿا.

اڪثريتي راءِ ان حق ۾ هئي تہ بجاءِ بنيادي ۽ انقلابي تبديلين جي ان وقت موجوده بٽئي سسٽم کي سڌاريو وڃي، نہ تہ هارين کي انقلابي تبديلين سان ڪين وڏيڪ فائدو نہ پهچندو نسبتن موجوده نظام جي هيٺيون اڪثريتي تجويزون پيش ڪيون ويون.

1. ٻٽئي نظام کي قائم رکيو وڃي، روڪ پئسي واري ادائيگين (جيڪي پهرين ڪميٽيءَ تجويز ڏني هئي ان جي ابتڙ) کي لاڳو نہ ڪيو وڃي.
2. هاريءَ جي حصي کي آبپاشي جي سهوليت جي حساب سان ادائگي ڪئي وڃي.
3. بيگار ۽ بي دخلين کي غير قانوني قرار ڏنو وڃي. (هي تجويز اڳوڻي ڪميٽيءَ ڪو نہ ڏني هئي).
4. هارين کي مڪمل هارپي جو حق ڏنو وڃي، سواءِ ڪجهہ تعلقن جي جتي هندستان کان آيل پناهگيرن جا ڪليم داخل آهن.

هن رپورٽ اڳوڻي رپورٽ جي مقابلي ۾ ابتڙ نتيجا ڏنا ۽ مسٽر مسعود هن رپورٽ کي ڏسندي پنهنجو اختلافي نوٽ ڏنو. هي نوٽ بہ ان رپورٽ ۾ شايع ڪيو ويو. جيڪو بعد ۾ ليکڪ جي پنهنجي ڪوشش سان 1949ع ۾ ڇپيو.

هن پنهنجي رپورٽ ۾ چيو تہ زميندار ۽ هاري "انسانن جا بہ مختلف وهڪرا" آهن. هڪڙا ڪسمپرسيءَ ۽ غربت ۾ گذارين ٿا ۽ ٻين وٽ عيش عشرت جا سامان آهن. هن وڌيڪ چيو تہ موجوده زميندراي نظام ڪنهن بہ ملڪ جو وڏي ۾ وڏو گناهہ آهي جنهن ۾ انساني آزادي مشروط بڻيل آهي. هي نظام آزادي، غربت، مايوسي، لاپرواهي ۽ جرم جون جڙون پختيون ڪري ٿو. تهذيب ۽ قومي خوشحاليءَ جي سمورن رستن کي روڪي ٿو. هن وڌيڪ لکيو تہ: موجوده زمين جي ملڪيتي نظام کي ختم ڪري، ان جي جاءِ تي هاريءَ جي ملڪيت وارو نظام قائم ڪيو وڃي. ان لاءِ هن جون تجويزون هي هيون:

1. زميندار سسٽم ۽ خاص ڪري ٻٽئي نظام جو فوري خاتمو ڪيو وڃي.
2. زمينون زميندار کان کسي، هارين ۾ ورهائي، هارين جو حق تسليم ڪيو وڃي. زميندار کي انهن جي بدلي معاوضو ڏنو وڃي ۽ نون هارين کي

مناسب قيمت تي زمينون وڪرو ڪيون وڃن.

3. زمين تي استعمال ۽ مالڪيءَ جا حق گڏوگڏ هلڻ گهرجن. انهن جي استعمال ۾ زير ڪاشت يا پوک هيٺ آيل زمين ڪي ڊار ڊار انداز سان هلايو "ڊيل" ڪيو وڃي. زمين جو قطعي مالڪي رياست جي هٿ ۾ هجڻ گهرجي ته جيئن مسواڙ تي ڏيڻ جو سوال ئي پيدا ئي نه ٿئي.

4. زميني سڌارن جو سمورو ڪم ماهر ماڻهن جي هٿن ۾ ڏنو وڃي جنهن کي سرڪار نامزد ڪري.

ان وقت جي حڪومت هاري ڪميٽيءَ جي اختلافي نوٽ جي ڳالهه ته پري رهي پر اڪثريتي راءِ جو به ڪو نوٽيس نه ورتو پر انهن ڏينهن ۾ لياقت علي خان ۽ ٻين پنجابي، پناهگير ٽولي ۽ هندستان مان آيل پناهگيرن جي لوڏ مختلف قسمن جا ڪوڙا ڪليم داخل هندن جي ۽ ٻين سرڪاري ملڪيتن تي قبضي جو دور شروع ٿي ويو ۽ سنڌ ۾ ٻين صوبن جي نسبتن سڌارا اڻپورا ئي رهجي ويا.

پاڪستان مسلم ليگ جي زرعي ڪميٽيءَ جي رپورٽ: 1949ع

پاڪستان مسلم ليگ جي ڪائونسل ميٽنگ جون 1949ع ۾ هڪ قرارداد وسيلي موجوده زميني نظام ۾ بنيادي سڌارا آڻڻ لاءِ هڪ پنج رڪني ڪميٽي، ميان ممتاز خان دولتانه جي اڳواڻيءَ ۾ قائم ڪئي، جنهن جا ڪجهه منظر هيئن هئا.

"موجوده زميني مالڪيءَ جو نظام ۽ ٻٽئي سسٽم، هارين جو غير محفوظ ۽ ڪسمپرسيءَ ۾ هجڻ انساني ۽ اسلامي سماجي انصاف جي خلاف آهي ۽ هنن پنهنجي تجويزن ۾ ڪجهه هن ريت چيو "برابري ۽ خوشحاليءَ تي ٻڌل زميني نظام تيستائين پاڪستان ۾ ممڪن نه آهي جيستائين رياستي قانون تحت زمين جي حق ۾ نه ٿيندو زمين جي مالڪيءَ جي سائيز وڌائي، جديد سائنسي سهوليتون، ڳوناٺيون انجمنون ناهي ۽ ٻيا زرعي سڌارا

آڻي، آهستي آهستي زميداري نظام جو خاتمو آندو وڃي ۽ ٻين سمورن مفادن جيڪي هارين جي خلاف آهن انهن جو خاتمو ڪيو وڃي.”

هن ڪميٽيءَ بنيادي انقلابي ۽ ارتقائي سڌارن لاءِ ڏاڪي بہ ڏاڪي جاگيرداريءَ جي خاتمي لاءِ تجويزون ڏنيون. ڇاڪاڻ تہ مسلم ليگ انهن ڏينهن ۾ هڪ مذهبي ڏر ۽ سمورن طبقن جي نمائندن جماعت ۽ سندن مفادن جو تحفظ ڪندڙ جماعت جو ڏيک پئي ڏنو. ڪجهہ ڊگهي ۽ ڪجهہ ٿوري عرصي وارا سڌارا جيڪي تجويز ڪيا ويا اهي ٿلهي ليڪي هي هئا:

ٿوري عرصي وارا سڌارا:

1. جاگيرداري سسٽم سواءِ ڪنهن معاوضي ڏيڻ جي ختم ڪيو وڃي.
2. هارپو ڪندڙ هاريءَ کي ساليانی مسواڙ مالڪ کي چوٿي ڪري ڏيڻ سان ڇئن سالن ۾ مالڪيءَ جو حق پنجاب ۽ سرحد وانگر تسليم ڪيو وڃي.
3. پنهنجي مرضيءَ سان هارپو ڪندڙ هارين کي مڪمل تحفظ ڏنو وڃي.
4. زميندار کي ذاتي ڪاشتڪاري ۽ پوک لاءِ 25 ايڪڙن کان مٿي زمين نہ ڏني وڃي.
5. سمورن قسمن جون بيگارون ۽ ٽيڪسون هارين تان ختم ڪيون وڃن.
6. بٽئي نظام جو خاتمو ڪيو وڃي، انهن جڳهن تي جتي ممڪن هجي.
7. وڏن زميندارن کان زرعي انڪم ٽيڪس ورتو وڃي.
8. زرعي پورهيت ۽ ڳوٺاڻي هنرمندن لاءِ صحت، پينشن، صحت جون سهولتون ڳوٺاڻي زندگيءَ ۾ متعارف ڪرايون وڃن.

ڊگهي عرصي وارا سڌارا:

1. زمين جي ذاتي ملڪيت جو خاتمو آندو وڃي، وڌ ۾ وڌ حد 150 ايڪڙ

آبپاشيءَ واري ۽ 450 غير آبپاشي واري حد مقرر ڪئي وڃي. فالتو زمين سرڪاري تحويل ۾ ورتي وڃي زمين جي ورهاست، تحفي ۾ ڏيڻ ۽ خاندان ۾ ورهائڻ لاءِ قانون جوڙڻ ۽ زمين ڪي بي زمين هارين ۾ ورهايو وڃي.

پاڪستان مسلم ليگ ڪائونسل، ڪميٽيءَ جي تجويزن کي تسليم ڪيو ۽ صوبائي حڪومتن تي زور پريو ته هنن کي قانوني شڪل ڏني وڃي ۽ پوءِ 1950ع ۾ "صوبائي ٽيننسي ايڪٽ" پاس ٿيو جنهن ۾ هاريءَ کي هڪ حد تائين تحفظ، بٽئيءَ ۾ زميندار جي حصي کي گهٽ ڪرڻ ۽ زميندار جي پوک هيٺ آيل حصي کي وڌائڻ جا قانون جوڙيا ويا. هارين جي بيدخليءَ لاءِ سخت قدم رکيا ويا. پنجاب ۾ سرحد ۾ بٽئيءَ جو حصو پنجاهه سيڪڙو مان گهٽائي چاليهه سيڪڙو ڪيو ويو پر سنڌ ۾ اهو حصو ساڳيو رکي، سمورن قسمن جي بيگار ۽ اوڳاڙين جي قانوني بندش ڪئي وئي.

هنن صوبائي قانونن جو ڪو به ڪڙتيل نه نڪتو. زميندار هارين مٿان قابض رهيا، رياستي مشينري سندن قبضي ۾ رهي. مزيدار ڳالهه ته پنجاب ۽ سرحد 1956ع ۾ جاگيرداري نظام جو خاتمو قانوني انداز ۾ ڪيو. پر سنڌ ۾ 1995ع ۾ سنڌ گورنمينٽ کي هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج ڪيو ويو.

ان ڪانپوءِ 1995ع جي پهرين پنج سالہ رٿا هيٺ ڪجهه تجويزون ڏنيون جنهن ۾ زمين رکڻ جي حد 300 ايڪڙ آبپاشي واري 450 ايڪڙ باراني (مينهن واري) هارين جون بيدخليون ختم ڪرڻ، ذاتي پوک هيٺ پنجويهه ۽ پنجاهه ايڪڙن تائين رکڻ، هارين ۾ زمين ورهائڻ ۽ سستي اگهه تي زمينن جو هارين وڪرو ڪرڻ جون تجويزون شامل هيون.

هنن تجويزن ۾ به اصولي طرح ڪا ڪوتي نه آهي پر ڳالهه وري به اچي ٽي ته انهن کي لاڳو ڪيئن ڪجي پر ڇاڪاڻ جو انهن اصلاحات جو تعلق گهٽو ڪري وبائي هو ۽ ناقابل عمل هجڻ ڪري گهڻا مسئلا پيدا ڪيا.

پهرين پنج سالہ رٿا جي وقت ۾ قسمن جون تبديليون آيون هڪ تہ مسلم ليگ جو دور اقتدار جو خاتمو ٿيو ۽ 1955ع ۾ سنڌ، پنجاب ۽ سرحد کي ملائي ون يونٽ مڙهي اولهہ پاڪستان ٺاهيو ويو ۽ نتيجن زميندارن ۽ جاگيردارن جي حيثيت ۽ سندن مفادن کي تحفظ مليو ڪو بہ زميني سڌارو نہ ئي لاڳو ڪيو ويو ۽ نہ ئي ڪو قانون ٺاهيو ويو نہ ئي ڪو سياسي دٻاءُ پيدا ٿي سگهيو جنهن وسيلي وڏيرڪي نظام لاءِ مزاحمت ڪئي وڃي.

لينڊ رفارمس ڪميش فار ويسٽ پاڪستان جي رپورٽ:

1958 _ 1959ع ۾ مارشلا آئي، مٿين ڪميشن زميني سڌارن لاءِ منصب ڪميشن جي رپورٽ جيڪا ان وقت غلام اسحاق خان جي جيڪو زمين جي مقرر حد تائين رکڻ جي حق ۾ هو ۽ خانداني حد رکڻ لاءِ بہ زور ڏيندو رهيو. بهرحال رپورٽ هڪ حد تائين نيڪ هئي، رپورٽ ۾ زرعي سماج ۾ زمينن تي قابض نظام جي ڪري هڪڙا خاص سماجي، معاشي ۽ سياسي نتيجا نڪرن ٿا ۽ جن ماڻهن کي زمين ڪو نہ آهي اهي سماجي طور احساس ڪمتريءَ ۽ نابرابريءَ جي نظام جو شڪار آهن. پر پوءِ بہ ڪميشن سالن جي وڏيرڪي نظام کي ڊوڙڻ ۾ مجبور هئي ۽ وچون رستو ونڻ واري صورتحال ۾ هي زمين تي ذاتي ملڪيت جو خاتمو آڻي “هڪ مضبوط مڊل ڪلاس” پيدا ڪيو ويو جيڪو خود ڪاشتڪاري ڪري ۽ زمين جي سائيز جو ٻيپل حصو بہ رکي سگهي، هن ڪميشن هيٺيون تجويزون ڏنيون.

1. سمورن جاگيرن کي ختم ڪيو وڃي ۽ سواءِ ڪنهن معاوضي جي.
2. هارين جي حق کي تسليم ڪري بيگار ۽ بيدخليءَ خلاف ڪين قانوني بچاءُ ڏنو وڃي.
3. زمين جي مالڪي رياست جي هٿ ۾ ڏني وڃي، جن کان زمينون ورتيون وڃن انهن کي پنجويهہ سالن تائين ٿي سيڪڙو تائين وياج تي ادائگي ڪئي وڃي ۽ واپسي انهن زمينن تي ڪم ڪندڙ هارين ۾ اها زمين

ورهائي وڃي ۽ باقي رهتون بي زمين هارين کي آسان اگهه تي اٺ روپيا (پي. آءِ.يو) تي ڏني وڃي.

4. زمين جي ذاتي ملڪيت ۾ رکڻ جي حد پنج سو ايڪڙ آبپاشيءَ واري ۽ هزار ايڪڙ غير آبپاشيءَ واري رکڻ جي اجازت ۽ تجويز ڏني وئي.

پر سڏاري جو رنگ جيڪو غلام اسحاق خان جي اختلافي نوٽ ۾ نظر اچي ٿو اهو ڪجهه هينئن آهي.

زمين جو چند هٿن ۾ هجڻ سان ۽ هڪ وڏي اڪثريت کي محروم رکڻ سان ۽ انهن کي غلام رکڻ سان جيڪو معاشي استحصال ٿئي ٿو اهو سماج کي معاشي طرح ۽ سماجي طرح ورهائي ٿو ۽ انهن ۾ "هئڻ" وارن ۽ "غير هئڻ" وارا طبقا پيدا ٿين ٿا ۽ دولت جو چند هٿن ۾ وڃڻ سان سماجي ترقي رڪجي وڃي ٿي. انهيءَ ڪري هن ذاتي ملڪيت ۾ زمين جي حد مقرر ڪرڻ تي زور ڏنو.

ان ڪانپوءِ مارشل لا ريگوليشن نمبر ڇائيتاليهه تحت وڏين جاگيرين کي ختم ڪيو ويو ۽ پنجوبهه لک ايڪڙ زمين سرڪاري تحويل ۾ ورتي وئي. سرڪاري انگن مطابق ٽيويهه لک ايڪڙ مان اٽڪل هڪ لک ٽياسي هزار هارين ۽ ننڍن هارين ۾ ورهائي وئي.

لينڊ رفارمس ريگيوليشن 1976ع ۽ لينڊ رفارمس آرڊيننس 1977ع:

هي مٿيان سڌارا پاڪستان پيپلز پارٽي متعارف ڪرايا. پهريون، مارچ1976ع ۾ ۽ پويون مارشل لا ريگيوليشن نمبر هڪ سو پندرهن تحت سموري ملڪ لاءِ ڳولا ڪيا ويا. جنهن ۾ زمين جي سلينگ هڪ سو پنجاهه ۽ ٽي سو ايڪڙ آبپاشيءَ ۽ غير آبپاشيءَ جي مقرر ڪئي وئي، اٽڪل ٽيرهن لک ايڪڙ زمين سرڪاري تحويل ۾ ورتي وئي. نو لک ايڪڙ هارين ۾ ورهائي وئي جنهن جو فائدو صرف ڇاهتر هزار هارين کي ٿيو. سرڪار جي زميني سڌارن جو ڪو خاص اثر 1977ع تائين نه ٿيو ۽ هڪ آرڊيننس تحت پنج جنوري

1977ع ۾ ذاتي زمين جي حد سئو ايڪڙ ۽ معاوضو ٻانڊن جي صورت ۾ ڏنو ويو ۽ مارشل لا جي اچڻ ڪانپوءِ ان ممڪن حد ڪي بہ ختم ڪري وڏيرن جون وفاداريون خريد ڪرڻ لاءِ ارڙهن لک ايڪڙ حاصل ڪري نو لک ايڪڙ صرف تيرهن هزار ماڻهن ۾ ورهائي وئي ۽ باقي سياسي رشوت طور ڪم آندي وئي.

زميني سڌارن جي ناڪامي جا ڪارڻ:

حقيقت جي اک سان زميني سڌارن جي تاريخ کي نظر ۾ رکندي ڏٺو وڃي تہ سڌارا آڏيندڙن جي خيالن کي صحيح ۽ چٽي نموني ترجماني نہ ڪئي وئي آهي، نہ ئي هارين جي بيقراري ۽ سماجي معاشي حالتن ۾ تبديلي آئي آهي نہ وري معاشي ۽ سماجي حالتون بهتر آهن. زميندار ۽ بيوروڪريسي اڃا تائين قابو ۾ آهي هارين جي وڏي اڪثريت اڃا تائين بي زمين ۽ حصيدار آهي ۽ اهي ڪمزور، ضعيف، لاچار ۽ پوئتي پيل آهن. ٻئي طرف زمين جا مالڪ طبقا لفظي طور تي پيداوار جي ذريعن جي ملڪيت رکيا ويٺا آهن ۽ بجليءَ واري رستي سان لطف اندوز ٿي رهيا آهن.

زرعي پاليسيون ۽ امدادي قيمتون

زرعي شعبي کي ترقي پذير ملڪن ۾ خاص اهميت حاصل هوندي آهي، ڇاڪاڻ تہ ان شعبي جو مجموعي پيداوار ۾ ڳچ حصو هوندو آهي. پوئتي پيل ملڪن ۾ آباديءَ جو گهڻو دارومدار ان ئي شعبي تي ٿئي ٿو، جيڪو ساڳئي وقت وڏي آباديءَ کي روزگار بہ فراهم ڪري ٿو ۽ گهڻين حالتن ۾ زرِ مبادلہ بہ ڪمائي ڏئي ٿو. هي شعبو ساڳئي وقت ترقيءَ لاءِ واڌو سرمايو مهيا ڪري ٿو. اهوئي سبب آهي جو مجموعي معاشي ترقيءَ لاءِ زرعي شعبي ۾ ترقي لازمي ۽ اٽتر آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻين شعبن ۾ ترقيءَ لاءِ يا صنعتي ترقيءَ لاءِ بہ گهڻي ڀاڱي انحصار زرعي شعبي جي ترقيءَ تي آهي. مجموعي ملڪي ترقي، بچتن ۾ اضافي يا سيڙپڪاريءَ لاءِ يا ٽيڪنالاجي ۾ ترقيءَ لاءِ يا سماجي ناهمواريءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ سواءِ زرعي شعبي ۾ ترقيءَ جي ممڪن ئي نہ آهي. زرعي ترقيءَ کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن بہ ترقيءَ جو خيال ئي فرسوده آهي روسٽو جي ڏاڪي بہ ڏاڪي ترقيءَ واري ٿيوري، ليوز جو ڪلاسيڪل ماڊل يا ترقيءَ جون سموريون جديد ٿيوريون / نظريا زرعي ترقيءَ کي بنيادي ترقي قرار ڏين ٿا.

پاڪستان ۾ بہ ترقيءَ جا سمورا چئلينجز زرعي شعبي جي ترقيءَ ۾ آهن. پاڪستان جو ٻهراڙيءَ جو سمورو شعبو غير ترقي يافتہ، دقيانوس، پراڻو مدي خارج ۽ جديد گهرجن کان ڪافي ڏور، اڪيلو ۽ حڪمرانن جي لاپرواهيءَ ۽ غلط معاشي پاليسين جي ور چڙهيل آهي. پاڪستان ۾ هڪ وسيع غربت آهي، ان ۾ ٻهراڙي يا زرعي شعبي ۾ غربت جي صورتحال اڃان وڌيڪ نازڪ آهي، انهن سمورن مسئلن ۽ ترقيءَ ۾ رڪاوٽن جا جيڪي عنصر آهن، انهن مان ڪجهہ هي آهن:

(الف) سماجي عنصر

(ب) معاشي عنصر

(ث) ٽيڪنالاجيڪل عنصر

مسئلن کي جيڪڏهن سماجي رخ کان ڏٺو وڃي تہ پاڪستان جو زرعي شعبو مکيہ مسئلن ۾ مونجهارن جو شڪار آهي. اهو زمين جي غلط ورهاست، وڏي اڪثريت جي زمين تي مالڪي نہ هجڻ، زمين جو ننڍين ننڍين ٽڪرن ۾ ورهايل هئڻ، پيداواري طريقا دقيانوسي، پيداوار جي غير منصفاڻي ورهاست، پيداواري رشتا معاشي، سماجي ۽ اخلاقي حدن کان وانجهيل ۽ ظلم، جبر ۽ ڦرلٽ تي قائم ڪيل دقيانوسي تهذيبي منظر آهن.

ٽيڪنالاجيڪل عنصر جيڪي آهن، انهن ۾ صدين کان پراڻو روايتي زرعي نظام، زمينن جي ڪاشتڪاريءَ جو پراڻو نظام، زمين تي وڌندڙ آباديءَ جو دٻاءُ، زمين جو ننڍين ٽڪرن ۾ ورهايل هئڻ، هارپي جو نظام ۽ ٽيڪنالاجيڪل ترقيءَ ڏانهن لاپرواهيءَ وارو رويو شامل آهن.

معاشي عنصر جيڪي اهم آهن، انهن ۾ زرعي شعبي جي مڪمل روزگار فراهم ڪرڻ جي معذوري، هڪ وڏي آباديءَ کي خاشو روزگار مهيا ڪرڻ جي سگهہ نہ هئڻ، جنهن جي نتيجي ۾ آمدنيءَ جي کوٽ، جيڪا عام ۽ عزت ڀري زندگي گذارڻ لاءِ ڪافي هجي، جيڪا زرعي سماج ۾ هڪ وڏي آباديءَ کي اڪثر مليل نہ آهي ۽ نہ ئي زرعي شعبي ۾ ايتري طاقت آهي جو ايترو واڌو سرمايو ڪمائي يا اضافي بچتون ڪري جو هڪ وڏي صنعتڪاريءَ لاءِ تياري ڪري سگهجي، پر ان جي الٽو پاڪستان جو جاگيردار ۽ وڏيرڪو ڪلاس واڌو بچتن مان يا تہ وڏيون عياشيءَ جون شيون/ ڪارون، پجيروز خريد ڪندو يا لنڊن، پيرس ۽ آمريڪا ۾ شاهہ خرچي ڪندو ۽ جيڪڏهن سنڌي وڏيرو هوندو تہ لاهور ۽ ڪراچيءَ ۾ پنهنجون ملڪيتون ضايع ڪندو، جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ جي هڪ وڏي اڪثريت جي زندگي دنيا جي مجيل بين الاقوامي زندگيءَ جي عام ضرورتن

ڪان بہ ڪافي گهٽ ۽ عام رواجي سڪل ۽ نوٽ زندگي گذارڻ تي مجبور آهن.

پاڪستان ۾ شروع ڪان وٺي اهڙين پاليسين تي عمل ڪيو ويو آهي، جن جو سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح زرعي شعبي تي برو اثر پيو آهي ۽ ان جون وڏيون ۽ ڳريون قيمتون عام ٻهراڙيءَ جو ماڻهو پري ٿو. 1950ع کان ئي کاڌ خوراڪ ۽ زرِ مبادلہ جي وسيلن جي کوٽ هئي، سمورو ڪچو مال ٻاهران گهرائبو هو ۽ خاص ڪري انهن ڏينهن ۾ فوڊ شارٽيج جي نازڪ صورتحال هئي. ان ڏس ۾ پهريون قدم ڪٽندي ايوب خان جي حڪومت 1960ع ۾ "زرعي انقلاب" جي نالي سان هڪ پاليسي پئڪيج شروع ڪيو. اهو هڪ پاسي کان تہ تمام گهڻو ڪامياب هو. ڇو تہ سبز انقلاب سان هڪ سائنٽيفڪ ۽ ٽيڪنالاجيڪل معجزو ٿيو جنهن ۾ نيون مشينريون، جديد ٻج، ڀاڻ ۽ جيت مار دوائون، مشينريءَ ۾ ٽيوب ويل، ٽريڪٽر ۽ آبپاشيءَ جون سهولتون بهتر بڻايون ويون. جنهن جي نتيجي ۾ زرعي پيداوار جيڪا پهرئين معاشي پلان ۾ ساليانِي واڌ ڇهہ ڏهائي هڪ سيڪڙو هئي، اها ٻئي معاشي پلان ۾ وڌي اٺ سيڪڙو تي وئي ۽ 67_68ع ۾ وڌي يارهن سيڪڙو تي پئي. ٻئي پاسي اها معاشي ترقي پاڻ جهلي نہ سگهي، معاشي ترقي جيڪا 70_66ع ۾ پنج ڏهائي ست سيڪڙو سراسري هئي ۽ 78_77ع ۾ ساڳي نوَ ڏهائي هڪ سيڪڙو وڃي بچي.

سبز انقلاب جي پاليسي _ واحد زرعي پاليسي هئي، جيڪا تمام تيزيءَ سان آئي ۽ چند سالن ۾ پنهنجو اثر وجائي ويهي رهي، ڇاڪاڻ تہ سبز انقلاب آيو تہ سهي، پر ان جي قيمت ٻين شعبن کي ادا ڪرڻي پئي. مثال طور: ٽيڪنالاجي سموري ٻاهران درآمد ڪئي وئي، انهيءَ تي سمورو سرمايو قرض کڻي ادا ڪيو ويو. قرضن، ٽيوب ويلن ۽ ٽريڪٽرن جي سهوليت وڏن جاگيردارن کي ڏني وئي. پيداوار ۾ وڏو اضافو ٿيو. وري هن نئين پيداوار جي

اضافي ڪري نوان تعلق ۽ پيداواري رشتا قائم ٿيا، ويچ ليبر وڏي، مجموعي طرح سبز انقلاب جو فائدو وڏن جاگيردارن کي پيو. سرڪار جي خرچن جو وڏو حصو ان پاليسيءَ جي نذر ٿيو ۽ هينئر زرعي شعبي جي ساڳي حالت آهي جيڪا 1960ع ۾ هئي، تہ ڪاڏ خوراڪ جي کوٽ آهي، پيداواري طبقا اجا تائين روايتي غالب آهن، ۽ ترقيءَ جي رفتار اجان بہ سست آهي، هڪ اڏ ٻوڏ جي صورتحال ئي سندس تباهيءَ لاءِ ڪافي آهي.

زرعي پاليسيءَ ۾ خاص ڪري جنهن شيءَ جي اهم حيثيت آهي، اها زرعي قيمتن جي پاليسي آهي جنهن کي جيڪڏهن صحيح وقت ۽ غير جانبداريءَ سان لاڳو ڪيو وڃي ۽ ان جون سموريون گهرجون پوريون ڪيون وڃن تہ عام هاريءَ کان ويندي زميندار تائين هرهڪ کي فائدو رسي، پر پاليسيون ان جي ابتڙ هونديون آهن. ملڪ جون مختلف لابيون ۽ پريشر گروپ هڪ ئي وقت سرگرم آهن. ڪڻڪ جي لابي، ڪاٽن جون مضبوط لابيون، جيڪي وقت بوقت مختلف بهانن، ڳٺ جوڙن ۽ حڪومت ۾ هٿ پهچ هئڻ ڪري پنهنجون من پسند قيمتون مقرر ڪرائين ٿا.

پاڻ پهريان بہ بيان ڪري چڪا آهيون تہ اسين ڪنڊ ۽ ڪڻڪ دنيا يا بين الاقوامي قيمتن جي مقابلي ۾ ڪافي مهانگي پيدا ڪري رهيا آهيون ۽ امدادي قيمتن مٿان امدادي قيمتون ڏيندا ٿا رهون، ان سان نہ تہ پيداوار ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ نہ قيمتن ۾ گهٽتائي ٿئي ٿي. الٽو ڪنڊ جي ڪيس ۾ تہ چور بازاري ڪري ملڪي قيمتون چوٽ چڙهيل آهن ۽ عام ماڻهوءَ کي اضافي قيمتون پرڻ تي مجبور ڪيو وڃي ٿو. قيمتن ۾ اضافو تڏهن ڪجي، جڏهن ان جا ڪي گهربل مقصد هجن، مثال طور: پيداوار ۾ اضافو چاهيون ٿا ۽ امدادي قيمتون وري حڪومت تڏهن اعلان ڪندي، جڏهن فصل لڻڻ جي موسم هوندي. حالانڪ ٿيڻ ائين کپي تہ جڏهن پوکڻ جي موسم هجي تڏهن قيمتن ۾ اضافو ڪجي، تہ جيئن ماڻهو فائدي لاءِ ان فصل کي گهڻو پوکي. ٻي

ڳالهه ته رڳو قيمت وڌائڻ سان ڪو فصل ۾ اضافو ٿيندو، اهو ضروري نه آهي ۽ ان جي تاريخ به شاهد آهي. اسان جهڙو زرعي ملڪ جيڪو 1950ع ۾ ڪڻڪ ٻاهر موڪليندو هو ۽ هينئر اهوئي زرعي ملڪ ڪڻڪ ٻاهران گهرائڻ تي مجبور آهي. ڪنهن زرعي ملڪ لاءِ کاڌ خوراڪ جي کوٽ هئڻ شرم جي ڳالهه آهي ٻئي پاسي ڪنڊ بين الاقوامي قيمتن کان ڪافي وڌيڪ پيدا ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ ڪمند جي پوک ۾ پاڻي، زمين ۽ مزدوريءَ جو ڪافي استعمال ٿئي ٿو ۽ نتيجي ۾ جيڪا ڪنڊ ٺهي ٿي، مهانگي قيمت تي ٺهي ٿي.

هڪ ٻي ڳالهه به آهي ته ڪنڊ جو ڪارخانو هئڻ سياسي ساک هئڻ جي برابر آهي، شگر مل جڙڻ سياسي فيشن ٿي پيو آهي شروع کان ئي گذريل ويهه سالن ۾ ان کان اڳ واري ساڳي صورتحال آهي. زرعي شعبي سان غير توازن واري ڪيفيت 70ع کان به اڳ هئي. زرعي شين ۽ برآمداتن تي ڳرا ٽيڪس هنيا ويا، شهرن ۾ زرعي شيون سستيون فراهم ڪيون ويون، جنهن جي نتيجي ۾ زرعي شعبي ۾ صنعتي شعبي جي مقابلي ۾ توازن خراب ٿيو. ڪڻڪ، چانور، پٽاٽن، بصر، ڪنڊ ۽ ڪپهه جون امدادي قيمتون مقرر ڪرڻ جو دليل پهريان اهو ڏنو ويو ته انهن شين مان ٺهندڙ زرعي يا صنعتي شين کي واپار لاءِ استعمال ڪري پرڏيهي ناڻو ڪمايو ويندو يا انهن کي مشيني صنعتن لاءِ ڪچي مال لاءِ استعمال ڪيو ويندو. بعد ۾ اهو دليل ڏنو ٿو وڃي ته هينئر انهن کي ملڪي ضرورتن جي پورو ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو.

ڪڻڪ جي ڪيس ۾ آئون سمجهان ٿو ته ڪافي ڪڻڪ پيدا ٿئي ٿي، پر افغانستان جي غير قانوني اسمگلنگ ۽ ملن کي ڇوٽ ڏيڻ جي ڪري ڪافي کاڌ خوراڪ جون شيون مِلُن جي هٿان اسمگلنگ ٿين ٿيون. ٻين لفظن ۾ جيڪڏهن اهو واپار سرڪاري طرح ٿئي يا سرڪار جي نوٽيس ۾

هجي تہ سرڪار هر مهيني سو ارب روپيا ٽئڪسن طور ڪمائي سگهي ٿي، پر رڳو مِلُنِ جي پنيرائيءَ جي سياسي شوق ۾ ملڪ جي وسيلن جي ٻيڙي گل ٿيل آهي ۽ هر سال رڳو بجيٽ جو خسارو هڪ سئو ويھہ ارب روپيا آهي.

پاڻ پنهنجو بجيٽ جاري رکنداسين تہ امدادي قيمتون گهربل ٽيڪنالاجيءَ ۾ زرعي جنس جي بهتر استعمال، قرضن جي سهوليت، آبپاشيءَ ۽ مشينريءَ جي استعمال سان گڏ، مارڪيٽن کي بہ جيڪڏهن مقابلي بازيءَ لاءِ تيار ڪيو وڃي تہ ان جا چڱا نتيجا نڪري سگهن ٿا ۽ ساڳئي وقت قيمتن تي معاشي ۽ حڪومتي ڪنٽرول هجي. پروسيسنگ کان وٺي ورچ ۽ بر آمداد لاءِ جيڪڏهن ان کي تيار ڪيو وڃي تہ زرعي ترقيءَ ۾ خوراڪ ۾ ڪفيل ڪافي حد تائين حاصل ڪري سگهجي ٿي، پر اسان جهڙن ۽ ٻين پوئتي پيل ملڪن ۾ ٽرانسپورٽ، ڪميونيڪشن، خريد ۽ وڪڻ جا مارڪيٽ ايترا سڌريل نہ آهن ۽ نہ ئي مارڪيٽ جي ڪا گهربل ورچ ٿيل آهي. هارين جا پيداواري رشتا، پيداوار جو خاشو نہ هئڻ، پرائيويٽ مارڪيٽن ۽ دقيانوسي ڀائيواري پيداواري نظام، سرمائيدار زرعي معيشت جي ڪوتي ان ڏس ۾ سڀ کان وڏيون رڪاوٽون آهن.

رياستي مداخلت ان ڏس ۾ اهم آهي، تہ قيمتن جي صحيح تعين لاءِ وسيلن جي استعمال، زمين جي ورهاست، زرعي پيداوار جي ٻين شعبن سان توازن کي ختم ڪرڻ ۽ ترقيءَ جون راهون تعين ڪري، عام هاريءَ جي زرعي جنسن، قرضن، مشينريءَ ۽ ٽيڪنالاجيءَ تائين پهچ کي يقيني بڻايو وڃي ۽ انهن شين تائين عام هاريءَ جي پهچ نہ هئڻ ڪري نابرابري جي وٿي وڌي ٿيندي وڃي ٿي. زراعت ۾ ڀهراڙي جو هر شعبو پوئتي پيل آهي، وڏيرا سموريون سهولتون ۽ قرض هارين جي نالي ۽ سياست جي نالي حاصل ڪري واپس بہ ڪونہ ٿا ڪن. نتيجي ۾ هڪ طرف ملڪي وسيلن تي بار وڌي وڃي ٿو، تہ ٻئي طرف عام ماڻهن جي وسيلن تائين پهچ نہ ٿي رهي.

جاگيرداري نظام مان جان ڪيئن ڇٽندي!

جاگيرداري نظام مخصوص وقتن تي مختلف علائقن ۾ مخصوص طريقن سان پيداوار جي معاشي سماجي نظام جو نالو آهي. هن نظام ۾ وسيلن جي اڻ برابر ورهاست ۽ خاص طبقن جي هٿ پيداواري ڪنٽرول، ڦرلٽ ۽ استحصال آهي جنهن جو نالو جاگيرداري آهي. تاريخي طرح جاگيرداري سماجي ڍانچا جوڙجڪن، اصولن ۽ ساخت ۾ ڪيڙيندڙ طبقن جو زميندارن تي دائمي انحصار هوندو آهي. ان لاءِ اهڙن سماجن جي نوعيت اوسر جوڙجڪون شڪليون ۽ خاصيتون سمجهڻ ضروري آهن.

جاگيرداري سماج يورپ جي وچ واري دور منجهان ڦٽي نڪتل آهن. جڏهن وقت جا بادشاهہ پنهنجن پسنديده ڪمدارن هارين کي نوابن جا لقب ۽ خطاب عطا ڪري يا فوج ۾ خدمتن عيوض جاگيرون انعامن ۾ عطا ڪري ڏيندا هئا. موٽ ۾ جاگيردار بادشاهن جي حڪمن هيٺ غلامن ۽ هارين کان زمينون کيڙائي، ڪانئن اطاعت ڪرائي، عظمتون ڳٽائي ۽ سخت پورهيو ڪرائي، پيداواري اپت مان حصيداري ۽ فوجي خدمتن عيوض جاگيرون حاصل ڪندا هئا. فتح ٿيل علائقن ۾ بادشاهن جو اثر رسوخ گهٽ ٿيڻ ۽ زمينون انعام طور ڏيڻ سبب جاگيرداري سماج نهڻ سڌو نتيجو هئا.اهي انتظامي طور صدين کان خانداني ۽ مورثي تسلسل ۾ هلندا رهيا آهن ان جي ابتڙ ايشيائي سماجن ۾ خود انحصار هاري، گذر سفر جي سطح تي پيداوار ڳوٺن جي ملڪيت هيٺ زرخيز زمينن، ايشيائي پيداواري طريقن ۾ جاگيرداري سماج قائم ٿيا. هندستان ۾ جاگيرداريءَ جي شروعات هونئن تہ ڪُشن بادشاهت ٻي صدي عيسويءَ ۾ وچ ايشيا مان متعارف ڪرائي. پر جاگيرداري، تعلق داري، زمينداري، سرداري، ديش مکي، وڏيرائپ ۽ چوڌراهپ

وغيره مختلف معنائن مان ٿيندي هاڻي خاص ڪري 1947ع کانپوءِ زمين جي ملڪيت، سياسي طاقت، خانداني دٻدٻي، پيري مريديءَ، ذاتپات، ڌن دولت يا قبائلي سردارين جي واضع شڪلين ۾ اڄ بہ مختلف صورتن ۾ موجود آهي.

گهڻن جو خيال آهي تہ جاگيرداريون قانوني لکتن ۾ بادشاهن جي بادشاهي پروانن ۽ فرمانن يا ڪمدارين جي شڪلين ۾ هاڻي موجود نہ آهن. ٻين جو خيال آهي تہ جاگيرداري سياسي عدم مرڪزيت، حڪمران طبقن جي خاصيتي، سياسي ـ اختياري طاقتن ۽ پورهئي جي استحصالن ۽ ظلمن جي شڪلين ۾موجود آهي. ڪيترن ئي جاگيردارن کي توڙي جو هينئر رياست طرفان ڪي زمينون عطا ڪيل نہ آهن نہ ئي کين رياست طرفان ڪا پگهار يا انعامن ۾ علائقا ڏنل آهن. پر اهي سياسي طاقت ۾ پاڻ علائقي جي انتظاميہ ۽ رياستي ادارن سان پهچ ۽ پنهنجن علائقن جا بي تاج بادشاهہ بڻيل آهن. ڪيترن وٽ پنهنجون ذاتي ڪيٽيون، بنگلا، مال ملڪيتون، وائن جا لشڪر ۽ بيرحم طاقت ۽ ان جو ڏهڪاءُ ڦهلائڻ جي طاقت رکن ٿا. مسعود خدرپوش 1948ع ۾ اختلافي نوٽ ۾ لکيو تہ گڙنگ جاگيردارن کي لاتعداد نوڪر چاڪر، ڀلا ڍڳا، سٺا گهوڙا ۽ مينهون ڌاريل هونديون آهن. شڪار، ڏيکاءَ دٻدٻي ۽ قيمتي گاڏين رکڻ جو شوق هوندو اٿن. کائڻ پيئڻ ۽ پهرڻ ۾ شاهہ خرچ،آرام پسند، سندس بيڪار قسم جا جنسي شغل هوندا اٿن. هو ڪوڙي ڏيک ۽ نماءَ تي پنهنجي آمدني ۽ توانائيون خرچ ڪندا آهن ۽ عورتن ۾ دلچسپي هوندي اٿن. شراب نوشيءَ ۽ مهانگيون وسڪيءَ جون بوتلون روزانو پارٽين ۾ پيئندا ۽ خالي ڪندا، واندن کي گهرائي پنهنجي تعريف ڪرائيندا آهن.

هينئر بہ سنڌ جي جاگيردار ـ وڏيرڪي طبقن جون موقع پرستيون ويڪائو ڪردار ۽ سهولتڪار طبقاتي خصوصيتون ساڳيون آهن، جيڪي

انگريزن جي زماني ۾ هيون. هارين ۽ ڳوٺاڻين آبادين ۾ غربتون، پسماندگيون، غذائي کوٽ، بي زميني، غير رسمي پورهيا، اڻهوند، بيروزگاريون، جهالتون، صنفي غلاميون، لاقانونيتون، ظلم، استحصال سندن مقدر بڻيل آهن. وڏيرڪيون ۽ قبائلي برادريون، پيريون مريديون، گاديون، نوابن سردارن جي رعايا ۽ وڏيرڪيون سياسي پارٽيون يا قبائلي ۽ جاگيرداري خاصيتون پنهنجي بي رحم استحصال، جبر ۽ غير انساني روين واريون سوچون هن سماج ۾ اڄ بہ موجود آهن.

جاگيرداري، سنڌ ۾1847ع کان هڪ عام لقاءُ هو. ائين جيئن پٽر ۽ روايتي خوراڪ پيدا ڪندڙ سماجن جا لقاءُ عام ٿيندا آهن. اهڙي طرح سيني سماجن ۾ تبديلن جا رجحان ۽ لاڙا مختلف هوندا آهن. قبائلي سماجن جون جوڙجڪون طبقاتيءَ عام لقاءُ هونديون آهن. قبيلائي نظامن ۾ پيداواري عمل پيسترول يا چراگاهن تي يا ڪن حالتن ۾ زراعت ۽ چوپايو ڌڻ پالڻ تي ٻڌل هوندا آهن. زراعت جي وڌڻ ۽ صنعتڪاري عملن جي نتيجي ۾ ۽ هڪ جڳهن تي سيٽل ٿي رهڻ ۾ خانہ بدوش لاڏائون قبيلن ۽ سردارن پوکي ۽ زراعت مان اضافي پيداوار حاصل ڪري، قبائلي برابريءَ تي ٻڌل سماج جوڙي ڇڏيا آهن. ڪجھ سردارن جو قبائلي پيداواري عملن منجهان ڦتي نڪرڻ اوس نتيجو هوندو آهي، اهڙا سماج پنهنجي قبيلن جي رشتن ناتن ۾ جڙيل هوندا آهن. ڪجھ سماج رشتن ناتن مان اپري قبائلي سماجن جي شڪل وٺندا آهن. اهڙن سماجن ۾ پيداواري عمل سهڪاري ۽ پورهئي جي ورهاست برابر گهربل هوندي آهي. اهڙي ورهاست مادراڻي ۽ پدراڻي اثر هيٺ يا ٻنهي رشتن ناتن ۾ جڙيل هوندي آهي، شاديون مرادون، مال ملڪيتون، ورهاستون مختلف ٿي سگهن ٿيون. پر اهڙا سماجي لقاءُ هر جاءِ تي عام آهن .

ان جي مقابلي ۾ جاگيرداري سماج عام لقاءُ نہ آهن. پر ان ۾

استحصال ۽ غلاميءَ جي شڪل عام لقاءُ هوندا آهن. جاگيردار پادري، ملان، پنڊت ۽ سپاهہ سميت هارين ۽ فني ڪاريگرن جي پيدا ڪيل اضافي پيداوار تي گذارو ڪندا آهن. جاگيرداري سماج داخلي ۽ خارجي عنصرن تي دارومدار رکندڙ مختلف شڪلين ۾ سماج هوندا آهن. ان جون بہ مختلف نوعيتون ۽سندن جانشينون بہ تبديل ٿينديون رهنديون آهن. خصوصيتون عام نوعيت جون ٿي سگهن ٿيون ۽ علائقي پسمنظر ۾ مختلف بہ ٿي سگهن ٿيون ان ۾ عام لقاءُ ۽ مختلف علائقن ۾ مختلف رجحان ٿي سگهن ٿا.

زمين ۽ زراعت جاگيرداري سماج ۾ فيصلا ڪن ڪردار ادا ڪندا آهن. خاص ڪري زمين جي ورهاست ۽ زراعت جي پيداوار مختلف خطن ۾ مختلف هجي ٿي، جاگيرداري نظامن جي خصوصيتن ۾ هڪ وڏيرڪي طبقي ۽ غلام ڪيڙيندڙ جو هجڻ اهم خصوصيتون هونديون آهن. زميندار هارين جي اضافي پيداوار جي شڪل ۾ سماجي مذهبي ۽ سياسي طريقن سان معاشي استحصال ڪندو آهي. زميندار ـ هاري اهم پيداواري تعلق، استحصال، ڪنترول ۽ منافعو اهم عنصر هجن ٿا. ان جون شڪليون مختلف ٿي سگهن ٿيون جيئن هاري _ هاريءَ جي غلاميءَ واري شڪل. زراعت، هٿ جو هُنر، پيداوار، تجارت، شهري آباديون وغيره مختلف شڪلين ۾ جوڙجڪن ۾ بيهارن ٿيون، هاري گهڻو ڪري گذر سفر جيترو ئي پيدا ڪن ٿا. ان کان قطع نظر تہ اهي غير رسمي پورهيو ڪن ٿا يا مارڪيٽن ۽ منڊين تائين ڪين رسائي آهي، امير ۽ غريب هارين ۾ فرق اهم نہ آهي پر ڪيڙڻ جا طريقا، زمين جي پيداواري صلاحيت، اپت ۽ ان فرق ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

انگريزن کان اڳ زمين جو ڪنٽرول ۽ پيداواري وسيلن تي ڪنٽرول لوڪل هو، سماجي غلامي هئي سماج استحصال هو پر گذر سفر ۾ خود ڪفيل هو. اضافي پيداوار هئي سماجي غلامي ۽ طبقاتي تفريق عام هئي.

تجارت ۽ شهرن ۾ آبادين جي گهٽجڻ، ناٽي جي گردش ۾ ڪمي، رياستن طرفان ٽيڪس ۾ اُڳاڙي ۽ طاقت جا ننڍا بلاڪ ٺهڻ جي نتيجي ۾ جاگيرداري ڍانچن ۾ سماجي ۽ فڪري تبديليون رونما ٿيون آهن. بادشاهن زمينون انعامن ۾ ڏئي ان ڪان ٽيڪس اوڳاڙي ڪرڻ لاءِ نہ رڳو هارين کي بيدخل ڪرڻ مزدور بنائڻ جهڙا اختيار حاصل ڪيا. پيداواري نظام وسيلن تي ڪنٽرول ڪري هارين کي پيداوار ڪان الڳ ڪري بيهاري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح ملڪيت ۽ ٽيڪس جي تبديلين جي نتيجي ۾ نوان طبقا انگريزن جي زماني ۾ وجود ۾ آيا.

جاگيرداري نظام غير انساني نظام ۽ سماج آهي. سڄي دنيا جي عوام ان جي خاتمي لاءِ جدوجهد ڪندي، زميندارن ۽ جاگيردارن کي پنهنجو دشمن سمجهندي، زميني، زرعي ۽ صنعتي سڌارا آندا آهن. اها چار آگسٽ 1789ع جي رات هئي، جڏهن هارين، غلامن ۽ پيرس جي قيدين عوام دوست نمائندن سان ملي قومي اسيمبليءَ ۾ اعلان ڪيو. “سواءِ ڪنهن بحث مباحثي جي هي اسيمبلي وڏي جوش، جذبي ۽ قانوني طريقي سان سڀني جاگيردارن جي حقن جي تلافي ۽ معاوضي پرڻ ڪانسواءِ، جيڪي بہ ماٺهو جاگيردارن جي ذاتي غلاميءَ ۾ هئا انهن کي آزاد ڪري ٿي. ان سان گڏ سڀني لاءِ ٽيڪس ۽ سزائن جي برابري ۽ سرڪاري آفيسن ۾ داخلا جي برابري، خريداريءَ جا حق منظور ڪري، عبادت جي آزاديءَ جو اعلان ڪري ٿي.” ائين فرانس جاگيرداريءَ جو خاتمو آندو.

چين، 1949ع ۾انسان دشمن طبقاتي ڪردار آڏارَ سخت مزاحمت ۽ لکين هارين جي قربانين عيوض جاگيردارن جو ٿوري عرصي ۾ خاتمو ڪري سماجي ۽ معاشي تبديليون آنديون. جاگيردار طبقن کي پڇڻ تي مجبور ڪيو ڪجهہ علائقن کي ڇڏي زمينون جاگيردارن ڪان واپس گڏيل ملڪيت ۾ آٽي سماجي برابري جي شروعات ڪئي. ماؤزي تنگ هاري

تحريڪ تي ويساهه رکندي اعلان ڪيو ته پرامن زميني سڌارن ذريعي هارين کي جاگيردارن جي ظلم ۽ استحصال کان نجات ملڻ، اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي. جاگيردارن کي زمينن تان زبردستي بيدخل ڪرڻ کانسواءِ ڪو چارو نه آهي هينئر چين جي زراعت ۽ زمين جي مالڪي چيني عوام وٽ آهي. چيني عوام ڇهه سيڪڙو پيداوار لائق زرعي زمين هوندي دنيا جي 22 سيڪڙو آباديءَ جي خوراڪ جون ضرورتون پوريون ڪري ٿو. اٽڪل اسي ڪروڙ ماڻهن کي غربت، بک، بدحاليءَ ۽ پسماندگيءَ مان نجات ڏياري چڪو آهي.

اوڀر بنگال 1940ع جي لينڊ ريفارمز ڪميشن زمينداريءَ نظام جو خاتمو ڪيو. 1951ع جي لينڊ اڪيوزيشن ۽ ٽينسي ايڪٽ تحت جيڪي ڪيڙينڊز هئا تن کي سڏي زمين اڪثريت مالڪي ۾ ويئي ۽ زميندار ي نظام جو خاتمو آيو. پيداوار ۾ اضافو ٿيو. 1967ع ۾ سڌارا آڻي زمينون ڏهه لک هارين ۾ ورهائي هارين جي زندگيءَ جي معيارن ۾ 30 کان 50 سيڪڙو اضافو ڪري ڇڏيو. ساڳين بنگالي سياسي اڳواڻن 1970ع جي چونڊن ۾ باقي پاڪستان ۾ زميني سڌارا آڻڻ جو واعدو ڪيو هو. بدقسمتي سان، انهن کي 1971ع ۾ اولهه پاڪستان جي زميندارن ۽ سالارن سندن سياسي اقتدار ۾ حصو ڏيڻ کان انڪار ڪيو. نئين ملڪ ۾ هاڻي جاگيردار ۽ طاقتور سالار نه آهن. هاري جاگيردارن جي استحصال کان آزاد آهن، سڀ کان وڌيڪ قابل ذڪر ۽ ڪامياب زميني سڌارا هندستان جي رياست ڪيرالا ۾ پڻ ٿيا. اولهه ويتنام ساڳيا لينڊ سڌارا آڻي چاليهه لک هارين سميت اسي لک ماڻهن جو ڀلو ڪيو. جاگيردارن جو ڪنٽرول گهٽائي سخت مزاحمت هوندي. انقلاب دشمن زميندارن جو خاتمو ڪيو ويو. زمين جي ورهاست، تبديلي، ليز ۽ مقاطعي جي قانون ۾ تبديلي آڻي ڇڏي. ويتنام چانور ايڪسپورٽ ڪندڙ دنيا جو سڀ کان وڏو ملڪ بڻجي

ويو آهي.

روس ۾ 1905ع کان وٺي 1917ع جي لينڊ ريفارمز جي نتيجي ۾ زمينن جو ڪنٽرول رياست جي گڏيل ملڪيت ۾ آندو ۽ هارين جي مسئلن کي منهن ڏيڻ ۾ نسبتن ناڪام ويا. هاري زمينن کي ننڍين ٽڪرن ۾ ورهائڻ چاهين پيا پر انقلابين ان کي عوام جي پاران گڏيل ملڪيت ۾ وٺڻ جا حامي هئا سٺ سيڪڙو هاري زمين تي رهندا هئا. پيداواري طريقا غير صلاحيتي هئا، ڍڳن ۽ گهوڙن سان فصل پوکيندا هئا. خوراڪ بہ گهربل مقدار ۾ اپت ڪري نہ سگهندا هئا پنهنجي خاندان ۽ شهري خوراڪ جون ضرورتون بہ مشڪل سان پنجاهہ سيڪڙو آباديءَ جي گذر سفر جيترو پيدا ڪري سگهندا هئا. گڏيل فارمنگ هارين جي پوکيءَ کان بهتر نہ هئي ڪامريڊن کي شهرن ۾ فيڪٽري ۾ ڪم ڪندڙن لاءِ گهربل خوراڪ جي ضرورت هئي لينن زمين جي ذاتي ملڪيت ختم ڪري ان جي وڪري، ليز ۽ مقاطعي تي پابندي هڻي ڇڏي. لينڊ ريفارمز ڪري زمين کي حڪومتي ڪنٽرول ۾ آڻي پورهيت جي ڪنٽرول ڏئي ڪيڙڻ لاءِ مهيا ڪري ڏني ۽ روسي هاري آزاد ٿي ويا.

جاگيرداري نظام پيداوار ۽ زمين تي اڻ برابر مالڪي، اڻ برابر پيداواري رشتن ۽ لاڳاپن وارو غير انساني سماج آهي مختلف ملڪن ۾ جاگيرداري نظامن جو خاتمو ٿيو آهي. اهو خاتمو صرف ۽ صرف مظلوم طبقن جي مزاحمت کان سواءِ اڻ ٿيڻو آهي. مزاحمت پنهنجي خطي ۾ ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿيندي؟ اهو سوال تاريخ طئي ڪندي.

Daily kawish, November 25, 2021

زرعي سوال سماجي ترقيءَ جو قومي سوال آهي!

سرڪاري انگن اکرن مطابق زرعي شعبو مجموعي ملڪي پيداوار ۾ سالیانو اوڙوڀر سيڪڙو حصو ڏئي ٿو. ملڪ جي ڪل پورهئي جو ٻائيتاليهه سيڪڙو روزگار هن شعبي سان لاڳاپيل آهي. پرڏيهي واپار ۾ مٽاسٽا جي آمدنين جو سڀ کان وڏو ملڪي ذريعو زراعت آهي. غذائيت جي گهٽتائي، پسماندگي ۽ بدحالين هن شعبي کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي، ايسيتائين جو پاڪستان خوراڪ درآمد ڪندڙ ملڪ بڻجي چڪو آهي. روايتي زرعي پوکيءَ جا طريقا، گهڻ پاڻيءَ تي پاڙيندڙ فصلن، زمين تي مالڪيءَ جو نظام، هر شيءِ هاريءَ تي ڇڏڻ، زميندار ۽ وچولن طبقن جا منافعا، بي زميني، اڳ ئي آباديءَ کان وڌيڪ آباد شهرن ۾ غير رسمي پورهين مزدورن جي مسلسل آمد، پاڻ جي هٽرادو کوٽ، جراثيم ڪش ۽ ڪيميائي دوائن جو وڏي پئماني تي استعمال زرعي شعبي کي تباهيءَ جي ڪناري پهچائي ڇڏيو آهي. غربت جي شرح شهري علائقن جي ڀيٽ ۾ ان شعبي ۾ ٻيڻي آهي. حڪومت کي ذخيرا ۽ بليڪ مارڪيٽنگ ڪندڙن جي خبر هوندي، پاڻ ٻاهران امپورٽ ڪرڻ تي مجبور آهي. ذخيرا اندوزي، هٽرادو قلت يا بليڪ مارڪيٽنگ جي هوندي، ڪا ڪارروائي نه ڪرڻ مارڪيٽن کي غير منصفاڻي طريقي سان قيمتون طئہ ڪرڻ جي کليل اجازت ڏئي ڇڏڻ آهي. مارڪيٽ جي قوتن تي حد کان وڌيڪ انحصار مان زرعي معيشت ۽ خوراڪ جي تحفظ لاءِ ظاهر آهي ناڪاري نتيجا نڪرڻا آهن.

زرعي ٻج، پاڻ، قرض، مشينري ۽ زرعي پورهيا يا پيداواري عمل ۾ زرعي جنسن جون قيمتون منڊين جي رحم ڪرم تي ڇڏيل هونديون ته اهي طاقتورن کي فائدو ڏيئي ۽ ڪمزورن کي مارڪيٽن مان غائب ڪري ڇڏين ٿيون، مثلن زرعي زمين منڊين جو وکر بڻيل آهي. زرعي زمينن تي مالڪيءَ جو نظام غير منصفاڻو اڻبراريءَ تي ٻڌل، اسلامي ۽ ڌرمي اصولن ۽ تعليماتن جي خلاف ۽ وسيع اڪثريتي ڳوناڻي آباديءَ لاءِ استحصالي آهي. زرعي زمين هائوسنگ

سوسائيٽين جي نشاني تي آهي اڪثر ڳوٺاڻي آبادي بي زمين هاري، ايڪڙ ٻن جي مالڪ آبادگارن، اڌ بٽئي نظام هيٺ هارپو ڪندڙن ۽ غير رسمي پورهيتن تي مشتمل آهي زراعت ۾ چاهتر سيڪڙو پورهيو غير رسمي آهي. ڳوٺاڻي آباديءَ جي آمدنين جو اڌ حصو زراعت کان ٻاهر غير رسمي پورهئي ۽ چوپائي مال مان اچي ٿو. ملڪ جي ستهٺ سيڪڙو ڳوٺاڻي آبادي اڳ ئي بي زمين آهي. سن 2000ع جي انگن اکرن مطابق سنڌ ۾ سٺ سيڪڙو زرعي زمين مٿين ڪجھ سيڪڙو آباديءَ وٽ آهي. ملڪ جو ستهٺ سيڪڙو زرعي پورهيو ڪندڙ اڪثريتي ڳوٺاڻي عورتن وٽ وسيلن تي مالڪي ۽ پهچ نہ آهي. اٽاسي سيڪڙو ڳوٺاڻيون عورتون اڄ بہ سنڌ ۾ اڻپڙهيل آهن. پسماندگي، بيروزگاري ۽ بدحالي ٻهراڙين ۾ عام آهي. انهن عملن اڪثريت کي وسيلن تائين پهچ کان خارج ڪري ڇڏيو آهي.

حقيقت ۾ زرعي زمين تي قائم نجي ملڪيت جو نظام، هارپي تي ڪم ڪندڙ پورهيتن ۽ سندن خاندانن وسيلن تي مالڪيءَ جي اڻهوند ۽ اڻ پهچ ڪين صدين کان غربتن ۽ اڻبرابرين جي حوالي ڪري بدحال ڪري ڇڏيو آهي. پورهيتن ۽ هارين جي پيداواري عمل مان ڦٽي نڪتل غير منصفاڻو غير انساني، استحصالي عمل پورهيو ڪندڙن بدران زمين جي مالڪن کي امير بڻائي اڻ ڪمايل پورهئي جي استحصال ۽ ميڙيءَ جو عمل پيداواري تعلقن مان جڙي راس ٿئي ٿو. زرعي پورهئي مان اضافي دولت جنم وٺي زمين جي مالڪن جي هٿن ۾ جمع ٿئي ٿي اهڙي ميڙيءَ جو عمل ان پيداواري تعلق جو نتيجو آهي. جنهن پيداوار ۾ حصيدار اهو آهي جنهن پورهيو ڪيو ئي نہ آهي پر زمين جو مالڪ هئڻ جي ناتي پورهيو نہ ڪندڙ حصيدار بڻيل آهي. زرعي زمين جي نجي ملڪيت سنجيده مسئلو آهي، پيداواري عمل مان بغير پورهئي جي حصو حاصل ڪرڻ استحصال جي هڪ شڪل آهي منڊين ذريعي زرعي ملڪيت جي ڏيتي ليتي، هارين کي بي زمين ۽ وسيلن کان محروم ڪرڻ، ڪين غير رسمي پورهيتن ۾ تبديل ڪرڻ استحصال جي ٻي شڪل آهي. زرعي سوال ٻنهي

شڪلين ۾ هڪ بئي تي دارو مدار رکندڙ سوال آهي. پهريون زمين تي مالڪيءَ جو سوال آهي، هارين جي پورهئي ۾ استحصال سان جڙيل سوال آهي.

تاريخي طور پسمانده سماجن ۾ زرعي سوال کي جاگيرداري ـ نيم جاگيرداري يا هاري زراعت کان صنعتي پيداوار ڏانهن عمل جو سوال سمجهيو ويو هو. زراعت کي صنعتي بڻائي، ٽيڪنالاجين ۽ مشينن ذريعي صنعتي زراعت ۾ تبديل ڪرڻ هو. سماجي معني ۾ جديد زراعت مان هارين کي صنعتي مزدورن ۾ تبديل ڪري اجرتي مزدور بڻائڻ ۽ زرعي اضافي منافعي مان صنعتي ترقي ڪرائڻ هو. ائين هارين جي پيداوار مان ابتدائي نوعيت جي منافعي ۽ استحصال جو بنياد وجهي زرعي ترقي ڪري سگهجي. اهڙي عمل جي نتيجي ۾ دنيا جي ترقي يافته ملڪن ۾ زرعي پيداوار پوئتي پيل ملڪن جي ڀيٽ ۾ 1940ع جي انگن اکرن موجب اٽڪل هڪ ڏهائي ڏهه جي سيڪڙو سان هئي جيڪا زرعي پيداوار هينئر ساڳي ڀيٽ ۾ هڪ ڏهائي به هزار جي فرق تي پهتل آهي. جنهن جو مطلب آهي ته ترقي يافته ملڪن ۽ پوئتي پيل ملڪن جي پيداواري ترقيءَ ۾ گهٽي اڻ برابري ۽ تفريق آهي. زراعت جي پيداواري اڻ برابري صنعتي ۽ خدمتن جي پيداوار جي مقابلي گهٽي اڻ برابر آهي ان ارتقا جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو زرعي پيداوار جون نسبتي قيمتون صنعتي ۽ خدمتن جي مقابلي اڳ جي مقابلي ۾ پنجوٽيون گهٽيون آهن. اڻ برابر زرعي ترقي غير هموار ترقيءَ جو نتيجو آهي، ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته جديد ترقين ۾ تخليقي ۽ تعميري عنصر هوندا آهن، جنهن ۾ سرمائيڪاريءَ ۾ اضافو ۽ ڦهلاءَ جي نتيجي ۾ حاصل ڪيل صلاحيت ۾ اضافو پر نقصانڪار عنصر پڻ هوندا آهن. پورهئي جي شڪلين ۾ تبديلي، بازارين ۽ منڊين جو وڪر ڪري ڏاهڻ، ماحوليات جي تباهي، غير ضروري شين جي پيداوار ۽ ان جي نتيجي ۾ زندگيون پيدا ڪندڙ فطرتن جون تباهيون ۽ عالمي ليول تي سياسي پيچيدگيون پيدا ڪرڻ وغيره. جديديتون هڪ طرف هڪڙن گروهن ۽ فردن کي مارڪيٽن سان جوڙي روزگار جا بي پناهه موقعا ميسر ڪري ڏين ٿيون ۽ ٻين لاءِ وري پراڻن

نظامن ۾ موجود موقعا بہ ضايع ڪري، خودڪفيل پورهيتن مان بدلائي ڪين اجرتي پورهيت بڻائي ڇڏين ٿيون.

سرمائيداراڻيون ترقيون عالمي منڊين سان ملي اهڙن عملن ڪي تيز ڪن ٿيون، جنهن ۾ ڪجھ گروھ بازارين جو حصو ٿين ٿا ۽ ٻيا پوئتي رهجي وڃن ٿا. ٽين دنيا جي هارين جو مسئلو اهو آهي تہ سرمائي جي ترقين ۽ منڊين جي ڦهلاءَ مان ڪجھ اقليت تہ ان سان جڙي وڃي ٿي پر اڪثريت ان عمل مان خارج ٿي وڃي ٿي. تصور ڪيو تہ ٽين دنيا ۾ زرعي ترقيون جيڪڏهن جديد منڊين ۽ سرمائيداراڻي طريقي سان ڪري پنج ڪروڙ جديد زرعي فارم ٺاهجن ۽ وڏيون زرخيز ۽ پيداواري زمينون عالمي سرمائيدار منڊين جي حوالي ڪيون وڃن ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ پيداوار، عالمي شهرن جي گھربل خوراڪ جي ضرورتن مطابق پيدا ڪيون وڃن جئين روايتي زراعت مهيا ڪري ڏئي ٿي. ان مان ڪجھ لکين ماڻهن جون زندگيون تہ بهتر ٿي وينديون پر سوچجي تہ پو باقي جيڪي غير صلاحيت بخش پورهيت ۽ اربين هارين جي مستقبل جو ڇا ٿيندو؟

ڪنهن بہ سماج ۾ زرعي سوال رياست ۽ طاقت جي عام سوالن مان هڪ اهم سوال آهي. حاڪم، طبقن جي جوڙجڪ، ساخت ۽ مفادن سان جڙيل سوال آهي. قومي مفادن پنيان عام طور لڪيل طبقاتي مفاد قومي مفادن جو ڏيک ڏيندا آهن. زرعي سوال رياستي طاقت جي ڍانچي مان نڪتل سوال آهي ان جو حل بہ رياست جي ڍانچي کان ڌار ڪري ڏسي نٿو سگهجي. ملڪيت يافتہ طبقن جي جوڙجڪ جو نالو رياست آهي، رياست اهڙن ڪاٺائو طبقن جي مفادن کانسواءِ ڪجھ بہ ناهي. طاقت بہ انهن ساڳين طبقن وٽ آهي اهي ئي عالمي مالياتي ۽ تجارتي منڊين سان ملي ملڪ کي عالمي مالياتي ۽ تجارتي منڊين ذريعي سرمائيداراڻي ترقي جي راھ تي هلائي رهيا آهن. فڪري طرح اهڙي جوڙجڪن ۽ طبقاتي مفادن جي نوعيت رياستي طاقت سان جڙيل آهن. طبقاتي حڪمراني قائم رکڻ ۾ ئي طبقاتي مفاد آهن، جنهن جي پورائيءَ ۾ بار بار بين الاقوامي اتحادين سان گڏ جوڙ ۽ اتحاد قائم ڪرڻ کي حڪمران طبقا ترجيح ڏيندا رهن

ٿا. گهربل زرعي سڌارا قائم ڪرڻ ۾ دلچسپي ڇو وٺندا؟ زرعي بحرانن کي حل ڪرڻ بجاءِ محدود طبقاتي مفادن ۽ اتحادن کي ترجيح ڏيڻ ۾ دلچسپي رکندا. رياستي طاقت اندر عوامي جمهوريت جو مطالبو جيڪڏهن زور به وٺي وڃي ته به مٿين طبقن سان عوام جي ممڪن هم آهنگي يا ڪا اهم پيش قدمي ممڪن به هجي ته به مٿيان طبقا زرعي سوال لاءِ ساڳيو رياستي ڍانچو برقرار رکڻ سندن اوليتن ۾ هوندو. عوام جي اڳي پوءِ چالو رياستي طاقت جي طبقاتي مفادن کي چيلينج ڪانسواءِ زرعي سوال جي حل جو ٻيو ڪو طريقو ناهي. طبقاتي مفاد رياستي طاقت ذريعي پنجهٺ سيڪڙو ڳوٺاڻي آباديءَ تي سالن کان غالب آهي. زرعي سوال ان معني ۾ انڪري قومي سوال آهي جو وسيع اڪثريت جي زندگين جو دارومدار، سماجي اقتصادي زندگين جي شهه رڳ ۽ سياست ۾ سمايل آهي. عوامي جمهوريت قائم ڪرڻ ۽ جديد ترقي پسند زرعي سماجي تبديلين ۽ زندگين کي معني لائق، لاياڻو بڻائڻ لاءِ معيشت جي ترقي تيستائين ممڪن نه آهي جيستائين زرعي سوال کي حل نه ٿو ڪجي. زرعي سوال سماجي اقتصادي ساخت جي ڏاڪي تي سماجي ترقيءَ جو قومي سوال آهي. ظاهر آهي زرعي بحرانن کي معيشت جي ٻي بحرانن وانگر ڏسي نه ٿو سگهجي. سماجي واڌاري جو سوال زرعي سوال جي حل ۾ سمايل آهي سماجي ترقي ڪنهن هڪ هاريءَ يا هڪ سياسي تنظيم جي ترقي نه آهي پر سڀ کان وڏيڪ اهم قومي سوال ۽ جمهوري تبديلن سان جڙيل سوال آهي. زرعي سوال جي معنيٰ ۽ مفهوم کي سطحي سوالن کان مٿي ملڪي معيشت ۽ ڳوٺاڻين آبادين جي زندگين جي پسمنظرن ۾ ڏسي سگهجي ٿو. زرعي ۽ هاري سوال جو حل زرعي زمين تي قائم ملڪيت جي نظام ۾ تبديليون آڻي، زمينون هارين کي کيڙڻ لاءِ ڏيڻ، پيداوار تي مارڪيٽ جو ڪنٽرول ۽ مارڪيٽن ۾ قيمتن تي ڪنٽرول جو خاتمو آڻڻ ۾ آهي. ڳوٺاڻين آبادين کي وسيلن تي پهچ ڏيڻ، عوامي جمهوريت قائم ڪرڻ، سماجي ۽ معاشي زندگين کي بهتر ڪرڻ ۾ آهي. حڪمران طبقا پنهنجي روايتن هٿان مجبور ٿي پنهنجي طبقاتي مفادن لاءِ پنهنجي وفاداري ۽ اتحاد ۽

عالمي طبقن سان قائم رکندا ايندا پر تاريخ هميشه معاشي ۽ سماجي حالتن ۾ معروضي تبديلين جي نتيجن ۾ تبديل ٿيندي آهي.

زمين، غير رسمي معيشت ۽ پراپرٽيءَ جو ڪاروبار

معيشت ۾ زراعت جي اهميت ۾ وڌندڙ گهٽتائيءَ، پيداوار ۽ روزگار جي ڍانچن ۾ ايندڙ لاڳاپيل تبديلين جي ڪري، زراعت کان ٻاهر غير رسمي معيشت اهميت اختيار ڪري ورتي آهي. زراعت کان ٻاهر - روزگار جي جستجو ۽ ٻي طرف سست رفتار ۽ روزگار کان وانجهيل معاشي واڌ، پاڪستان جهڙن ملڪن ۾ اهو سوال ڪٽي آئي آهي تہ وسيع آباديءَ جي کاڌ خوراڪ، روزگار ۽ سماجي تحفظ جو آئيندو ڇا آهي. زراعت ۽ ٻوٽاٽن علائقن کان وڏيڪ ۽ وڏيڪ ماڻهو نڪري، روزگار جي تلاش ۾ شهرن ڏانهن ايندا، تيئن خاص طور تي سماجي تحفظ سان گڏ مهذب روزگار جا ذريعا محدود ٿيندا ويندا، ظاهر آهي انهن مان روزگار جي تلاش ۾ گهڻن کي غير رسمي شعبن ۾، غير معياري حالتن ۽ گهٽ اجرتن تي روزگار مليو بہ هجي. ساڳئي وقت معاشي واڌ غير رسمي شعبن ۾ نئين سيڙپڪاري کي يقيني بڻائي ڇڏيو بہ هجي. اهڙي معاشي تبديليءَ جي عمل ماڻهن جي مختلف طبقن ۽ گروهن جي لاءِ اٽبرابريون بہ پيدا ڪيون آهن .

نيو لبرل معاشي ترقيءَ جي عمل زمين جي استعمال کي بازار جو وکر بڻائي، زمين کي غير زرعي استعمال ۾ تبديل ڪري، انفراسٽرڪچر، صنعتي منصوبن جي ترقي لاءِ زمين جي غير زرعي استعمال ۾ واڌارو آندو آهي. زمين صرف هڪ قيمتي معاشي اثاثو نہ پر اڪثرماڻهن لاءِ جذباتي لڳاءَ سان گڏ، سجاڻپ ۽ تعلق جي هڪ وڏي ذريعي طور واسطو رکي ٿي. زمين جي رسائي، ڪنٽرول ۽ وراثت نئين حالتن تحت طاقت ۽ دولت جون نئين سر اٽبرابريون پڻ پيدا ڪري ڇڏيون آهن، اڪثر ڪري اٽبرابرين مان منفي نتيجا نڪرن ٿا. نيولبرل معاشي عمل، زمين جي مالڪيءَ ۽ سياسي رسائيءَ مان ڦٽي نڪتل طاقت، خاص ڪري رياستي ادارن جي وچ ۾ رسائيءَ جو ڪم ڪن ٿا. وقت جي حڪومتن سرمائي کي هٿي ونرائڻ آڻڻ لاءِ سستي زمين ميسر ڪري ڏيڻ جهڙيون سستيون، اهم سهولتون ميسر

ڪري ڏنيون آهن. جمهوريت سرمائي جي اميدن کي پورو ڪرڻ ۾ هڪ اهم سهولتڪار آهي. ٻي طرف جيڪي پنهنجي زمينن تان بي گهر يا بي دخل ڪيا ويا آهن، انهن کي ٻڌڻ وارو ڪوئي نہ آهي.

غير رسمي معيشت ۾ پراپرٽيءَ جو ڪاروبار مسلسل ۽ لڳاتار وڌي رهيو آهي. حڪومت پنهنجن شهرين لاءِ مهذب گهر ۽ ٻيون لاڳاپيل خدمتون مهيا ڪرڻ جي ذميواريءَ تان هٿ ڪڍي ڇڏيو آهي، معيشت جا اڪثر شعبا جمود جو شڪار آهن. معيشت صنعتڪاري کي هٿي وٺرائڻ جي سگهہ نہ ٿي رکي، سمنڊ پار پاڪستانين جو ڪمايل قيمتي ناڻو پيداواري شعبن يا انساني وسيلن جي ترقيءَ ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ جي بدران پراپرٽيءَ جي ڪاروبار ڏانهن منهن ڪري ڇڏيو آهي. عموماً پراپرٽيءَ جي ڪاروبار ۾ ڪو سرڪاري سطح تي ڪو چيڪ اينڊ بيلنس، سرڪاري نگراني يا ريگيوليٽري سسٽم شروع کان ئي وجود نہ ٿو رکي. اربين روپيين جو ڪاروبار ٿي رهيو آهي، جن مان اربين رپيا ڪمائجي رهيا آهن. عوام بار بار پنهنجا خدشا ظاهر ڪري رهيا آهن تہ معاشي لڏپلاڻ کين سياسي طرح وڌيڪ محدود ڪري ڇڏيندي. حڪمران عوام جي نمائندگي ڪرڻ، انهن جي سياسي ۽ معاشي حقن ۽ انهن جي قدرتي وسيلن جو تحفظ ڪرڻ بدران، پنهنجي تجارتي، ڪاروباري طبقن جي مفادن لاءِ علل اعلان ڪم اچي رهي آهي. پراپرٽيءَ جو ڪاروبار سڀ کان وڌيڪ پرڪشش ۽ منافع بخش ڪاروبار رهيو ئي انڪري آهي جو اهو ڪاروبار وڏي پئماني جي سرمايہ ڪاري جي تقاضا ڪندو آهي. ڪاروباري طبقن، سياستدانن ۽ پئسي وارن کي ڇڪي، وڏن ۽ تڪڙن منافعن ڪمائڻ جو وڏو ذريعو آهي. ان ڪاروبار ۾ سيڙپڪاري، پيداواري سيڙپڪاريءَ کان بنهہ مختلف ٿئي ٿي. ٻين ڏنڌن ۾ مهارت، افرادي قوت، شين جي چاڙهہ، مارڪيٽ، قانونن ۽ ڪاروبار کي قائم ڪرڻ سان گڏ گهڻن حڪومتي اجازت نامن جي ضرورت هوندي آهي. پر هي ڪاروبار هڪ آسان واپاري سيڙپڪاري آهي جيڪا صنعتي يا ٻي قسم جي سيڙپڪاريءَ جي ڪشش کي گهٽائي، تڪڙي تجارتي منافعي کي هٿي وٺرائي، پئسي جي رفتار ۽ ريل پيل کي گهٽائي،

معاشي نتيجن ۾ اڻ برابريون پيدا ڪري ٿي. ان ڪاروبار ڪيترائي سماجي ۽ اقتصادي مسئلا بہ پيدا ڪيا آهن ملڪ جا امير ۽ طاقتور واپاري گروپ ۽ بااثر ماڻهو سڌي طرح ان ۾ شامل آهن. ڇاڪاڻ تہ ڪاروبار ۾ سرمايہ ڪاريءَ جا خطرا يا نقصان تمام گهٽ ۽ منافعي جا امڪان وڏي پئماني جا هجن ٿا ڪاروبار گهٽي سرمائيڪاري گهري ٿو. ان ڪري رٽائرڊ سول، غير سول، بيوروڪريٽس ۽ سياستدان ان ڏنڌي سان سڌي طرح يا فرنٽمينن ذريعي لڳل آهن. ان ڪاروبار لاءِ نہ ڪا خاص لياقت جي ضرورت آهي ظاهري طور تي، هي شعبو معيشت ۾ انتهائي غير منظم شعبو آهي، ريگيوليٽري نگراني جي غير موجودگي ۾، دولت تي ٽيڪس نہ هئڻ برابر، زمين جي مالڪيءَ جي ڪا مقرر حد نہ هئڻ، خريد ۽ وڪرو ڪنڊڙن ڪي ڪنهن تحفظ جي غير موجودگي ان جا چٽا مثال آهن. نتيجتن، هي شعبو ڪنهن قاعدن ۽ ضابطن ڪانسواءِ ڪم ڪري رهيو آهي ڪاروبار ڪرڻ لاءِ نہ ڪنهن لائسنس يا نہ وري ڪنهن گهربل ڪاروباري صلاحيتن جي ضرورت هجي ٿي. ٻاهرين ملڪن ۾ ڪمائيندڙ پاڪستاني اهو ڪاروبار ڪرڻ پسند ڪن ٿا ڇاڪاڻ جو عام سيڙپڪاري جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ منافعو ڏئي ٿو. نتيجي طور ڪاروباري ماڻهن جي آمدنين ۾ تيزي سان اضافو ٿيندو وڃي ٿو. هن ڪاروبار جي ڪائي ڏيگهہ ويڪر يا اوچائي يا ڪا حد بندي نہ آهي. ڪنهن ڪي، ان ڪاروبار ڪي ماپڻ تورڻ لاءِ پاڪستان ۾ امير ۽ امير ترين ماڻهن جي لسٽ ڏسڻ گهرجي ان لسٽ ۾ سيئي گهڻو ڪري سڌي يا اڻ سڌي طرح پراپرٽيءَ جي ڪاروبار ۾ شامل هوندا. هڪ اندازي مطابق تہ هڪ بلڊر جي ملڪيت ۽ هڪ سال جي آمدني پاڪستان جي ساڍن پنج ڪروڙ غريب پاڪستانين جي اجتماعي آمدنين جي برابر آهي جيڪي هر ڏينهن 1.25 ڊالر کان گهٽ ڪمائي رهيا آهن. اهو هڪ بلڊر اعليٰ شهري ۽ فوجي بيوروڪريٽس ڪي هن ڪاروبار ۾ شامل ڪرڻ پسند ڪري ٿو. هن جا سياستدان ۽ فوجي قيادت سان دوستاڻا تعلقات آهن پراپرٽيءَ جو ڪاروبار وڏي سرمائي وارو ڪاروبار آهي، زمين جي خريد ۽ وڪري ۾ تمام گهٽ محنت جي ضرورت آهي. زمين جي سيڙپڪاري ۾ يا هن شعبي ۾ ڪنهن

مستقل روزگار جي ضرورت ناهي ٻيا شعبا جهڙوڪ زراعت ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ سان سوين ماڻهن کي روزگار ميسر ٿي سگهي ٿو. هن شعبي کي ڪوبه خوف ناهي، چوري يا ڦرلٽ جو نه ئي وري زمين ۽ پلاٽ جون قيمتون گهٽجڻ جو. نه وري شين جي قيمتن ۾ لاٿ جو خدشو ٿئي ٿو. زرعي ترقي وانگر زرعي يا صنعتي ترقي ۾ روزگار جي واڌاري ۽ منافعي جا اعليٰ موقعا آهن. پر، پراپرٽيءَ جي ڪاروبار ۾ شامل ماڻهن لاءِ صرف هڪ شيءِ گهربل آهي ته هڪ زمين جو ٽڪرو خريد ڪري ۽ پوءِ انتظار ڪجي جيستائين قيمتون مٿي چڙهن. ان ڪاروبار لاءِ گهٽ ۾ گهٽ مزدور ۽ ادارتي نفري جي ضرورت آهي. ڪاروبار صرف منافعي لاءِ آهي، نه ڪي پروفيشنل محنت ڪرڻ لاءِ معيشت جي ٻين شعبن ۾ سيڙپڪاريءَ جا موقعا به گهٽ آهن. ملڪ جي هر ڪنڊ ۾ قانون يا بنيادي سهولتن کان وانجهيل اڪثريت رهائشي سوسائٽيون غير قانوني قرار ڏنل آهن. پر سرڪار انهن خلاف ڪا قانوني ڪارروائي نه ڪرڻ ڪري، اعليٰ منافعي ۽ نقصانن جي خطري نه هئڻ ڪري، هن شعبي جي اهميت کي وڌايو آهي. دولت جي اضافي، زمين جي ذاتي ملڪيت غير رسمي ۽ غير تعميري معاشي سرگرمين، صنعتي سيڙپڪاريءَ ۾ گهٽتائي آٽي چڙي آهي. سيڙپڪاريءَ کي آسانيءَ سان توانائيءَ جي شعبي طرف وڌائي سگهجي ٿو زرعي شعبي ۾ پڻ سيڙپڪاري ۽ پيداوار وڌائڻ، روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ ۽ معاشي واڌ ڪرڻ جي بي پناهه گنجائش موجود آهي. پر ان لاءِ ملڪ جي لبرل معاشي پاليسين کي انساني چهرو ڏيڻ جي ضرورت آهي.

ٻيو اهم سوال اهو آهي ته ڇا اهو ڪاروبار واقعي ملڪ جي رهائشي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ آهي؟ پراپرٽيءَ جي ڪاروبار تجارتي مقصدن لاءِ تجارت ڪندو آهي ان جو بي گهر ماڻهن کي گهر مهيا ڪري ڏيڻ سان واسطو ئي نه آهي سيڙپڪار نفعو ڪمائڻ چاهين ٿا. سراسر تجارتي ڪاروبار آهي. آسمان تي اڏامندڙ قيمتون انهن ماڻهن کي ٻاهر ڌڪين ٿيون جيڪي پنهنجي لاءِ واقعي ئي ڇت جي ڳولي ۾ هجن ٿا. پلاٽن جي قيمتن ۾ مسلسل واڌارو، سيڙپڪاريءَ لاءِ زمين جي طلب، نتيجي ۾ سيڙپڪار اڪثر

زرعي زمين جي سيڙپڪاري ڏانهن وڏنڌا وڃن ٿا. مستقبل ۾ اهو خطرو رهندو تہ ڪٿي زرعي ۽ خوراڪ جي پيداوار نہ متاثر ٿئي.

سرمايہ ڪاريءَ جي مقصد لاءِ زرعي زمين جي خريداريءَ تي هڪدم پابندي هڻئي وڃي. وچولي طبقي جي لاءِ زمين جي خريداري لاءِ ڪجهہ مٿين حد لازمي مقرر هجڻ گهرجي. سڀني سرڪاري ادارن ۾ ملازمن چونڊيل نمائندن جي سڌي اڻ سڌي شموليت کي فوري طور تي بندش وڌي وڃي. صرف رهائشي مقصدن لاءِ خريد ڪري سگهڻ جي اجازت هجي اڻ استعمال پلاٽن جي وڪر ي تي پابند ي هئڻ گهرجي. صرف هڪ پلاٽ جي رهائشي مقصد لاءِ اجازت هجڻ گهرجي. ملير يا لياري ڊولپمينٽ اختياريون مقامي ماڻهن جي خدمت لاءِ نهيون هيون نہ ڪي ڪاروباري يا ٻين صوبن جي ماڻهن جي خدمت ڪرڻ لاءِ. ذوالفقارآباد ڊي.ايچ.اي ۾ ٻيون ساڳئي ريئل اسٽيٽ ۾ رهائشي ڪالونين کي غيرقانوني قرار ڏنو وڃي انهن جي غيرقانوني طور حاصل ڪيل ليزن ۾ ٺيڪن کي رد ڪيو وڃي تہ جيئن غريب عوام جي محنت سان ڪمايل آمدنين کي نڱين کان بچائي سگهجي. زمين جيڪا غيرقانوني، غير جمهوري حڪومتن طرفان ڏني وئي آهي ان کي فوري طور تي رد ڪيو وڃي جيڪا زمين بدعنوان مافيا ڪرپٽ مافيا جي شموليت سان الاٽ ٿيل آهي. اها زمين واپس ورتي وڃي ۽ صوبي جي بي گهر ماڻهن کي الاٽ ڪئي وڃي، حڪومت کي پنهنجي شهرين کي مناسب گهر فراهم ڪرڻ جي ذميواري ٻيهر کڻڻ گهرجي.

جاگيرداري نظام جو خاتمو ٿيڻ گهرجي!

يورپ ۾ جاگيرداري، سماجي ۽ معاشي نظام وقت جي بادشاهن هٿان اعليٰ عهدا رکندڙن کي زمينون انعامن ۾ يا فوجي خدمتن عيوض ڏيڻ مان اڀريو. اهڙا سماجي نظام موروثي سلسلن، قانونن ۽ فوجي خدمتن جي روايتن هيٺ نائين ۽ پندرهين صديءَ جي وچ ۾ اڀريا. جنهن ۾ جاگيردار هارين ۽ غلامن کان سخت پورهئي سان زمينون کيڙائي، کائنن اطاعت ڪرائي، عظمتون ڳڻائي پيداواري اپت حاصل ڪندا هئا. زمين جي ملڪيت ۽ پورهئي جي رشتن جي چوڌاري اهڙا نظام اڏيل هئا. ميگنا ڪارٽا، ڪاري طاعون، صليبي جنگين، جديد رياستن ۽ سرمائيداريءَ جي اوسر جي نتيجي ۾ آهستي آهستي يورپ ۽ ٻين ملڪن مان ختم ٿيندا ويا. ان جي مقابلي ۾ ايشيائي سماجي ڍانچا مختلف هئا. هندوستان ۾ خود انحصار هارين ۽ ڳوٺن جي ملڪيت هيٺ زرخيز زمينن سان پيٽ گذر جي سطح تي پيداوار ڪندڙ مستحڪم ڳوٺاڻا سماجي نظام هئا. ذات پات (جاتي ورنا) واري سماجي غلامي ۽ اڻبرابري عام هئي. پر يورپ وانگر غلاميءَ جو ڪاروبار نہ هو. توڪلي رزق تي قائم خود ڪفيل ڳوٺاڻا معاشرا هئا غلام سماجي ڍانچن ۾ گذر سفر لاءِ گهربل خوراڪ هوئڻ ئي نالي ماتر هوندي آهي. ايشيائي پيداواري طريقي ۾ معاشي سماجي ڍانچو اڏيل هو. زمين نجي ملڪيت ۾ نہ هئي صدين کان ڳوٺن جي گڏيل ملڪيت ۾ هئي پاڻ ۾ برابر ڳوٺاڻو سماجي ڍانچو هو. انگريزن جي اچڻ کان اڳ اندران ئي اندران ڪاچي چڪو هو. تنهن ڌڻ وارو هو. مغل بادشاهن جا عامل ٽيڪس، آبيانا ۽ ٻيون بيگرون اڳاڙيندا هئا پر ڳوٺن جي زمينن جي مالڪيءَ ۾ مداخلت جو ڪين حق نہ هو. انگريزن علائقي تي قبضو ڪري زمينن تي نجي ملڪيت جو لينڊ ٽينيور ۽ روينيو نظام متعارف ڪرايو. نجي ملڪيت جو نظام جهڙو سندن ملڪ ۾ هو. مقصد آمدنيءَ جا وسيلا پيدا ڪرڻ ۽ زميندار طبقن ذريعي وسيع آبادين تي اڻ سڌي حڪمراني ڪرڻ هو. زمينن

تي راتو رات ۾ نجي ملڪيت ذريعي نوان جاگيردار زميندار ۽ رياست جا وفادار نوان طبقا پيدا ڪرڻا هئا. انگريزن هندستاني سماج جي طبقاتي ڍانچي کي تبديل ڪري ڇڏيو. رياست جا پراڻا ٽيڪس اڳاٽيندڙ ۽ اڳوڻا ملازم رات وچ ۾ زميندار جاگيردار ۽ زمينن جا مالڪ طبقا ٿي اڀري آيا. هاري اڄ زمينن جا مالڪ هئا هاڻي ڦري هاري بڻجي ويا.

هينئر گهڻن جو خيال آهي ته جاگيرداريون قانوني بادشاهن جي پروانن ۽ فرمانن يا لکتن يا ڪي ٻين شڪلين ۾ موجود نه آهن. ٻين جو خيال آهي ته حڪمران طبقن جي خاصيتي، سياسي-اختياري طاقتن، ظلم، جبر، پورهئي جي استحصال، وسيلن جي مالڪيءَ ۽ خاص طور زمين جي نجي ملڪيت جي مختلف شڪلين ۾ جاگيرداري سماج اڄ به سڄي ملڪ ۾ مختلف شڪلين ۾ موجود آهي. ڀل ڪٿي ڪن جاگيردارن کي علائقا عطا ڪيل ڀلي نه هجن پر انتظاميه ۽ رياستي ادارن ۾ پهچ، سياسي طاقتن ۾ پنهنجن علائقن جا بي تاج بادشاهه بڻيل آهن. ڪيترن وٽ پنهنجون ذاتي ڪيٽيون، ميمبريون، وزارتون، مشيريون، بنگلا، مال ملڪيتون، واڻن جا لشڪر ۽ بيرحم وڏيرڪي طاقت ۽ ڌهڪاءَ ڦهلائڻ جي طاقت رکن ٿا. خانداني دٻدٻي، پيري مريديءَ، ذات پات، ڌن دولت يا قبائلي سردارين جي واضع شڪلين ۽ خاصيتن ۾ اڄ به جاگيرداري سماجي ڍانچو موجود آهي. اها به حقيقت آهي ته پيداواري رشتا ۽ طريقا پوئتي پيل نيم قبائلي نيم جاگيرداراڻا نيم سرمائيداراڻا آهن. بين الاقوامي منڊين سان ڳانڍاپي ۾ اضافو ٽيڪنالاجي جو استعمال ۽ اجرتي پورهئي ۾ واڌارو آيو آهي پر پيداواري رشتا ملڪيتي نظام اڃان به جاگيرداراڻو آهي. جاگيردار طبقا رياست جا اعلانيل وفادار ۽ سهولتڪار بڻيل آهن سندن آقا وري سامراجي قوتن جي طابع آهن. غلامين جون هڙئي شڪليون هن خطي جي مختلف سطحن ۽ شڪلين ۾ اڄ به موجود آهن. جاگيردارن وٽ اڄ به لاتعداد هاري، غير رسمي پورهيت، نوڪر چاڪر، ڀلا ڍڳا، سنا گهوڙا ۽ مينهون، پاليل ڌاڙيل، پسند جا سرڪاري عملدار ۽ واڻن جا لشڪر آهن. رياستي مشينري سندن طابع آهي ڏيکاءَ دٻدٻو ۽ قيمتي گاڏيون ڪاٺ پيئڻ ۽ ڀهرڻ جا شاهه

خرچ، بيڪار جنسي شغل ۽ مشغلا عام آهن. ڪوڙو ڏيک ۽ نماءُ، واندن جا لشڪر هر شهر ۾ پينافليڪس، سندن ڪرشمن جا گيت ڳائيندڙ ٽولا سنڌ جي هر شهر ۾ ملندا. سنڌ جو هي بيڪار استحصالي طبقو نمبر ون موقع پرست، ويڪائو اسٽيبلشمينٽ ۽ دهشتگردن جو سهولتڪار طبقو آهي. مجال آهي جو قومي غلامي، وسيلن جي ڦرلٽ تي ڪڏهن نالي ماتر عوام سان گڏ بيهي، وسيلن کي تين وال ڪرڻ ۾ حاتم طائيءَ جهڙو سخي، هر قومي مسئلي تي موقعي پرستي! سنڌ جي هڙني سماجي ۽ معاشي خرابين جو ذميوار نمبر ون آهي. غدارين جون جيڪي خاص خاصيتون هن طبقي کي انگريزن عطا ڪيون سي وقت سان نہ بدليون آهن ۽ نہ بدلبيون. هن طبقي مان قومي غيرت ۽ چڱائيءَ جي اميد رکڻ اجائي آهي. ڪن ماڻهن کي شايد ان مان عوامي جمهوريت، ڌرمي سوشلزم يا قومي آزادي حاصل ڪرڻ جي ڪا اميد هجي. اها اميد رکڻ بہ اجائي آهي ان جا مفاد عوام جي مفادن جي ابتڙ آهن، عوام سان ان جو ڪو واسطو ئي ناهي، پاڻ کي عوامي نمائندو سڏائبو پر پيدائشي وفاداريون سهولتڪاريون ۽ نمڪ حلاليون حڪمران طبقن سان جڙيل رکبيون.

اهڙا جاگيرداري لقاءَ عام لقاءَ نہ هوندا آهن پر ان ۾ استحصال ۽ غلاميءَ جي شڪل عام لقاءُ هوندي آهي. هارين ۽ ڪاريگرن جي پيداوار تي هنن سميت ٻين طبقن جو گذارو هوندو آهي. مختلف علائقن ۾ استحصال ۽ غلاميءَ جا مختلف لاڙا ۽ خصوصيتون ٿي سگهن ٿيون، زمين جي ورهاست ـ ملڪيت ۽ پيداوار مختلف ٿي سگهي ٿي. امير ۽ غريب هارين وچ ۾ فرق، کيڙڻ جا طريقا، زمين جي پيداواري صلاحيت، اپت ۽ ان فرق ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. پر استحصال، ڪنٽرول ۽ منافعو اهم عنصر هجن ٿا، زمين ۽ زراعت فيصلا ڪن ڪردار ادا ڪري هارين کي مختلف جوڙجڪن ۾ بيهاري ٿي. هاري گهٽو ڪري پيٽ گذر جيترو پيدا ڪن ٿا. ان کان قطع نظر تہ اهي زراعت کان ٻاهر غير رسمي پورهيو بہ ڪن ٿا يا منڊين تائين ڪين رسائي آهي هڪ وڏي طبقي ۽ کيڙيندڙن جو هجڻ جاگيرداري سماج جي اهم خصوصيتن ۾ آهي مٿيون طبقو اضافي پيداوار جي شڪل ۾

بغير پورهئي جي معاشي استحصال ڪندڙ هوندو آهي. زمين ۽ پيداواري وسيلن تي ڪنٽرول ان جو هوندو آهي. قبائلي سماجن جون جوڙجڪون بہ طبقاتي ۽ عام لقاءُ هونديون آهن پيداواري عمل پيسٽرول يا چراگاهن يا ڪن حالتن ۾ زراعت چوپائي ڌڻ پالڻ تي ٻڌل هوندو آهي. زراعت جي وڌڻ ۽ صنعتڪاري عملن ۾ هڪ جڳهن تي سيٽل ٿي رهڻ جي نتيجي ۾ خانہ بدوش لاڏائون قبيلن ۾ سردارن پوکي ۽ زراعت مان اضافي پيداوار حاصل ڪري قبائلي سماج جوڙي ڇڏيا آهن. سردارن جو ان پيداواري عمل منجهان ڦتي نڪرڻ عام نتيجو آهي. رشتن ناتن ۾ جڙيل سماج قبائلي شڪل وٺندا آهن، اهڙن سماجن ۾ پيداواري عمل سهڪاري ۽ پورهئي جي ورهاست برابر مادراٽي ۽ پدراٽي رشتن هيٺ جڙيل هوندي آهي. شاديون مرادون، مال ملڪيتون، ورهاستون مختلف ٿي سگهن ٿيون پر سماجي لقاءَ هڪجهڙا عام طبقاتي هوندا آهن. اهڙا نظام ظاهر آهي ڪي آفاقي يا آسماني نہ آهن جن کي تبديل نہ ڪري سگهجي. پيداواري رشتا ۽ طريقا سياسي عمل جي طابع هوندا آهن. ان کي پرامن يا جمهوري طريقن سان تبديل ڪرڻ شايد ممڪن نہ هجي ڇاڪاڻ تہ نظامتي ڪنٽرول انهن ساڳين طبقن جي اختيار هيٺ هوندو آهي، طبقاتي رياستي ڍانچو جڏهن بيٺل ئي نجي ملڪيت تي آهي، هن ڪم لاءِ چالو سياسي عمل شايد مناسب نہ هجي.

عوام اهڙي غير انساني نظامن جي خاتمي لاءِ صدين کان جدوجهد ڪندو رهيو آهي. تاريخ ۾ اهڙا مثال آهن چارآگسٽ 1789ع جي رات پيرس جي قومي اسيمبليءَ ۾ هارين، غلامن ۽ قيدين عوام دوست نمائندن سان ملي ڪري اعلان ڪيو. “جيڪي بہ ماڻهو جاگيردارن جي ذاتي غلاميءَ ۾ آهن انهن کي آزاد ڪجي ٿو.” ائين فرانس جاگيرداريءَ جو خاتمو ڪيو. چين1949ع ۾لکين هارين جي قربانين عيوض ٿوري عرصي ۾ جاگيرداريءَ جو خاتمو انقلاب ذريعي ڪيو. زمينون واپس وٺي گڏيل ملڪيت ۾ آڻي سماجي برابريءَ جي شروعات ڪئي. چينين سمجهيو تہ پرامن زميني سڌارن ذريعي هارين کي ظلم ۽ استحصال کان نجات ڏيارڻ اڻ ٿيڻي ڳالهہ

آهي. زمينن تان زبردستي جاگيردارن کي بيدخل ڪرڻ ڪانسواءِ ڪو چارو نہ آهي. زمين منڊبين جي جنس بدران هينئر قومي وسيلو ۽ عوامي ملڪيت آهي ائين چينين اسي ڪروڙ ماڻهن کي غربت، بک بدحاليءَ ۽ پسماندگيءَ مان نجات ڏياري آهي. اوڀر بنگال ۾ هارين جدوجهد سان 1940ع جي لينڊ ريفارمز ڪميشن زميندار يءَ جي نظام جو خاتمو ڪيو. 1951ع ۾ جيڪي ڪيڙيندڙ هئا تن کي سڌي مالڪي ملي ويئي. 1967ع ۾ زمينون ڏهہ لک هارين ۾ ورهائي هارين جي زندگيءَ جي معيارن ۾ اضافو ڪري ڇڏيو. ساڳين بنگالي سياسي اڳواڻن 1970ع جي چونڊن ۾ باقي پاڪستان ۾ زميني سڌارا آڻڻ جو واعدو ڪيو هو. انهن کي 1971ع ۾ اولهہ پاڪستان جي زميندارن ۽ سالارن سياسي اقتدار ۾ حصو ڏيڻ کان محروم رکيو. نئين ملڪ بنگال ۾ هاڻي جاگيردار نہ آهن هاري استحصال کان آزاد آهن. هندستان جي رياست ڪيرالا ۾ پڻ هاري استحصال کان آزاد ٿيا اولهہ ويٽنام انقلاب کانپوءِ سڌارا آڻي چاليهہ لک هارين سميت اسي لک ماڻهن جو ڀلو ڪيو. زمين جي ورهاست، تبديلي، ليز ۽ مقاطعي جي قانون ۾ تبديلي آڻي ڇڏي، ويٽنام چانور ايڪسپورٽ ڪندڙ دنيا جو سڀ کان وڏو ملڪ بڻجي ويو آهي. روس ۾ 1905ع کان وٺي 1917ع جي سڌارن جي نتيجي ۾ زمينن جو ڪنٽرول رياست جي گڏيل ملڪيت ۾ ڏيئي زمين جي نجي ملڪيت ختم ڪري ان جي وڪري، ليز ۽ مقاطعي تي پابندي هڻي زمين کي پورهيتن جي ڪنٽرول ۾ڏئي ڪيڙڻ لاءِ مهيا ڪري ڏني ۽ روسي هاري آزاد ٿي ويا.

مختلف ملڪن ۾ جاگيرداري نظامن جو خاتمو نظامن خلاف سياسي مزاحمتن سان ٿيو آهي، مزاحمت متاثر طبقن طبقاتي شعور سان طئي ڪري پاڻ کي منظم ڪيو هو. طبقاتي شعور في الحال، پنهنجي خطي ۾ ڪمزور آهي پر تاريخ اهو ثابت ڪري ٿي تہ نظامن ۾ تبديلي ۽ مزاحمت هرويرو حادثاتي واقعا نہ پر هڪ شعوري عمل هوندا آهن. هن خطي ۾ اهڙا شعوري عمل ڪڏهن ٿيندا، اهو سوال ان ڏينهن ئي حل ٿي ويندو جڏهن حاڪم ۽ محڪوم طبقن جي وچ ۾ فرق جي لڪير واضع ٿي ويندي.

تهذيبون ۽ دقيانوسي آبپاشي نظام

موهن جي دڙي جا غير معمولي ماڻهون پنهنجي پنيان سمجهڻ ۽ سکڻ لاءِ ڪيترو ئي سامان، خيالَ ۽ آثار ڇڏي ويا آهن. جن مان سندن شهرن جي رٿابندي ۽ شهري زندگين جي انتظام ۽ زندگيءَ سان لاڳاپيل سهوليتن کي ميسر ڪرڻ، بازارون وڻج واپار، سڪا ۽ مهرون، پاڻيءَ جو نظام، صفايون سترائيون شهر جون عمارتون انهن جي شهري مها ڪاريگري ۽ مهارتن جو زبردست مثال آهن. اهڙيون مهارتون ۽ ڄاڻ اتان جي ماڻهن صدين ۾ حاصل ڪيون هيون جنهن جو مثال دنيا جي ڪنهن بہ خطي ۾ نٿو ملي. اهڙيون شاندار روايتون هو پنهنجن خطن ۾ ڇڏي پوين نسلن ڏانهن منتقل بہ ڪندا رهيا ۽ ٻين خطن انهن جي مهارتن مان سبق پڙ سکيو. مهذب ماڻهن انهن جي منصوبابندي ۽ انجنيئرنگ جي ڄاڻ جي واکاڻ ڪئي. هتان جي ماڻهن کي پنهنجي ڌرتيءَ جي مٽيءَ سان بي انتها عشق ۽ لازوال پيار ڏسڻ وٽان هو توڙي جو هنن ندين ۽ پٿريلين آبادين تي پٿرن ۽ پڪن جا گهر بہ اڏيا، پر سندن آرڪيٽيڪچر ان ڪمال جو اڳتي وڌيل هو جو بعد جي نسلن سندن بيحد تعريف ڪئي. هنن پنهنجي گاديءَ جو شهر ائين اڏيو جو دنيا اڄ تائين انهن جي صلاحيتن کي ساراهيندي رهي ٿي. گهٽين جي رٿابندي، لائينون، ڪليل ميدان هڪ وڏي پيماني تي ناهي، زبردست منصوبابنديءَ سان ٺهيل شهر ۾ مضبوط مرڪزي حڪومت هئي. مضبوط حڪومت هجڻ ڪري حددخلين کان پاڪ شهر هو حڪومت هڪ درجي جو نظم ۽ ضبط قائم ڪريو ويني هئي. دنيا ۾ شهري منصوبابنديءَ جا بنياد وجهندڙ موهن جي دڙي جا ڪامياب پلانر هئا. اوير- اولهہ گهٽيون، اتر- ڏکڻ گهٽيون ۽ هاءِ ويز جيڪو ان زماني ۾ 3 فوٽ ڪشادو هو، ٿن گاڏين جي ٽريفڪ جي گهرجن پٽاندڙ هو ۽ پيدل گهمڻ وارن ماڻهن لاءِ فوٽ پاٿ الڳ هو. اهو هاءِ وي لڳ ڀڳ هڪ ڪلوميٽر جيترو هو ۽ ان جي پڇڙيءَ تي ڏهہ فوٽ ويڪرا روڊ پئي نڪتا، جتي اتان جا پادري ۽ حڪمران رهندا هئا.

باقي ٻيون گهٽيون ۽ روڊ نوَ فوٽ کان تيرهن فوٽن تائين هيون. پڪل سرن جي اڏاوت وڏي تعداد ۾ هئي، شهر جي خاص ڳالهه ماڻهن جي واپاري خاصيت هئي. رهڻ لاءِ سٺا گهر هئا جن ۾ کوهه، باٿ روم، ڪمرا، فرنيچر، اناج ۽ ويهڻ، لوڪل باٿ روم، ڪمرا، فرنيچر، اناج، ويهڻ جي اوطاق گهرن مان مليا آهن. نيڪال، ڪمال جو پاڻي نيڪال نظام، وهنجڻ لاءِ ذاتي جڳهه ۽ گريٽ باٿ ۾ حوض هو پر هنن ٻوڏن جي هر قسم جي مداخلت کي منهن ڏئي شهر جي سطح ۾ ان جي کوهن جي سطح کي وري وري مٽي ڪيو ۽ آخرڪار اهي قدرت جي ڪاوڙ کي منهن نہ ڏئي سگهيا آهن ۽ بار بار آيل ٻوڏن ۾ شهر کي خالي ڪري ويا. درياهہ جي ڪپ تي اهڙو شهر اڏڻ جيڪو ٻيڙين لاءِ موزون، ڪليل ۽ جهاز رانيءَ لاءِ گهربل هو. چست، خوشحال ۽ محنتي ماڻهو سخت ڪنٽرول جا قائل هئا، پر ڪپ تي شهر اڏڻ خود انهن جي وجود لاءِ خطرو ۽ چئلينج هو. جيڪو چئلينج هنن قبول ڪري شهر کي وري وري اڏيو ۽ آخرڪار اڏيندي اڏيندي هڪ ڏينهن ڪين اهو شهر خالي ڪرڻو پئجي ويو. شهر جا آثار توڙي جو اهو نٿا ٻڌائين تہ شهر ٻيهر ڪڏهن تعمير ڪيو ويو پر شهر جي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ ۾ جيئن جيئن اضافو ٿيندو ويو بعد ۾ وڏيرڪين حڪومتن ۾ نجي قبضاگيريءَ گهٽين کي سوڙهو ڪري لنگهہ بند ڪري ڇڏيا هئا. وڏيون نديون ۽ دريائي علائقن جا ميدان تاريخي طور تي انساني آبادين جي ترقيءَ لاءِ مثالي جايون رهيون آهن. درياءَ قدرتي ٽرانسپورٽ نيٽ ورڪ آبپاشي ۽ صنعت لاءِ پاڻي جو ذريعو هوندا آهن. پراڻين ميسوپوٽيميا جي قديم ثقافتن اسيري – سميري، بابليون، سنڌو ۽ مصري تهذيبون وهندڙ پاڻين نيل، دجلا، فرات ۽ سنڌو ندين جي وچ ۾ زرخيز ميدانن ۾ ئي ترقي ڪئي. تهذيبون پاڻين جي چوڌاري آباد ٿي پيچيده طريقي زراعت، واپار، اضافي خوراڪ ۽ معاشي توازن قائم ڪري اڏيون ويون هيون، تهذيبون پاڻين کي وهڻ ڏينديون هيون. ظاهر آهي وهندڙ پاڻي پاڻ ڪي تهذيبون نہ جوڙيندا آهن.

هاڻي شيون ابتيون آهن. پاڻي مڪمل طور تهذيبن ۽ آبادين جي چوڌاري خاص ڪري پنهنجن علائقن ۾ گهيرو ڪيو بيٺو آهي. انتظاميا،

فني ڄاڻ، ٽيڪنالاجي، ڪرپشن ۽ طبقاتي ڍانچا ان صورتحال تي واڌارا لڳا پيا آهن. ٽيڪنالاجيءَ ابتو ڪم ڪيو آهي، اجگر درياهن تي ڊيم اڏي، بيابانن ۽ رڻ پٽن کي مٿين طبقن لاءِ سيراب ڪري، بئراجون ڪيدي، ٻوڏن جا بند ٻڌي، لنڪ ڪئنالون ٺاهيون ويون آهن وهندڙ دريائن کي بندن جو قيدي بڻائي ڇڏيو آهي. جيڪو درياهه چاليهه ڪروڙ سالن کان وهندو رهيو آهي، ٻوڏن کي روڪڻ جي هينئر تائين ڪو به جرئت ناهي ڪري سگهيو. ان حقيقت جي باوجود ته درياهه تي به تي وڏا ڊيم ٺهيل آهن، پر اهي ڊيم ٻوڏن کي روڪڻ واريون اڏاوتون نه آهن ۽ شايد مشڪل سان ڪجهه ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ذخيرو ڪري سگهن ٿيون. رڳو مون سون ۾ ساليانو پنجهٺ کان پنجهتر سيڪڙو پاڻي وهي ٿو توڙي روڪڻ جا ڍانچا نه آهن نه ئي ڪو زلزلا پروف اسٽرڪچر آهن. فرض به ڪجي ڊيمون پاڻيءَ سان پرجي به وڃن ته به درياهه ٻوڏون پيدا ڪندو. 1992ع ۾ ٻوڏن دوران منگلا ڊيم جي اڏاوت کي ٻوڏ کان بچائڻ لاءِ دروازا سواءِ ڪنهن الرٽ جي کوليا ويا هئا، جنهن سبب هڪ هزار ماڻهو موت جو شڪار ۽ چاليهه لک ماڻهو متاثر ٿيا هئا. 2010ع ۾ توڙهي بند کي هٿراڏو گهارو، سکر بئراج کي بچائڻ هو. ڊيمن جا فائدا هجن هان ته عقلمند دنيا وارا انهن وڏين اڏاوتن کي پلا هٿ وني ڇو ڊاهن ها؟ گذريل ويهه سالن ۾ رڳو آمريڪا ۾ لڳ ڀڳ ٻارهن سو ڊيمن کي پراڻيون ۽ غير محفوظ اڏاوتون سمجهي ڊاٺو ويو آهي. ڊيمن جا نقصان پنهنجي جاءِ تي پر اهي ٻوڏن ۽ زلزلن کان پاڻ بچائي نٿيون سگهن الٽو اهي ٻين آبادين لاءِ خطرناڪ ٿي وڃن ٿيون. جڏهن ته ڊيمن ۾ تيزيءَ سان واري پرجڻ ڪري پنهنجي گنجائش ۽ صلاحيت تيزيءَ سان گهٽائين ٿيون. ڊيمون، بئراجون يا ٻوڏ روڪڻ جا بند قدرتي ڊورن ۽ ڍنڍن، نندين وڏن جيوتن ۽ جهنگن کي زمين جي مٽي پاڻيءَ جي قدرتي ۽ فطري نظام کي متاثر ڪن ٿيون. پاڻيءَ جو فطرتي نظام اونهاري ۾ پاڻي جذب ڪري ۽ خشڪ مهينن ۽ سالن ۾ استعمال ڪرڻ لائق بڻائي ٿو. پاڻيءَ جو اهڙو نظام ٻوڏن، سخت مينهن ۽ بارشن کي جذب ڪرڻ جو فطرتي نظام آهي گذريل به سو سالن جي ٿوري عرصي لاءِ پاڻيءَ جا ڊيم ڪئنالون ۽ بئراجون ناهي ندين جي آسپاس زمين

ڪي خشڪ رکي پاڻي ڦيرائي فصل پيدا ڪرڻ چڱو پيداواري عمل ليکيو ويندو رهيو آهي، هيٺاهينءَ وارن علائقن ۾ ٻوڏ جا بند ۽ ٻيو اسٽرڪچر ناهڻ پڻ چڱو ڪم سمجهو ويندو رهيو آهي. پر ڏگهي عرصي ۾ چاليهه ڪروڙ سالن کان وهندڙ درياهه کي محدود ڪرڻ فطرتي تباهيءَ کي دعوت ڏيڻ آهي ندين جي اندر واري پرجي وهڪري جي صلاحيت کي متاثر ڪري ٿي. درياهن جي پيٽن ۾ انساني آبادڪاريون پڻ وهڪري جي صلاحيت کي گهٽ ڪري ٻوڏن کي منهن ڏيڻ يا پاڻي جذب ڪرڻ جي صلاحيت وڃائي ويهن ٿيون. درياهن جا پيٽ، واريءَ سان پرجي وڃڻ ڪري بئراجن ذريعي پاڻي ڦيرائي چينلن ۽ ڪئنالن جا وهڪرا متاثر ڪري نتيجي ۾ عام رواجي ٻوڏون بند ٽوڙي وڃن ٿيون. هر ايندڙ ٻوڏ (1720ع، 1976ع، 2010ع ۽ 2022ع) پنهنجن نتيجن ۾ مختلف آهي. هن ڀيري ٻوڏ گهٽي عرصي ۾ بهار جي موسم ۾ پيدا ٿيندڙ گهٽي گرميءَ جي ڪري ساموندي پٽيءَ ۾ ٿي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ گرميءَ جي لهر ۾ اضافو ٿيو بادل ٺهڻ ۽ ساحلي علائقن ۾ برسات پئي، جنهنڪري ڪناري جي ساڄي پاسي ٻوڏ آئي. يقيناً بلوچستان مان وهندڙ پاڻيءَ جي وڏي دٻاءَ کي روڪڻ لاءِ اڏيل بند ۽ ڊنبون ناڪافي هئا.

حڪمرانن کي نه ڪو تاريخ جو شعور آهي ۽ نه ئي انهن ڪڏهن جاگرافيءَ کي سمجهڻ جي زحمت ڪئي آهي نه ئي وري بيٺڪي زماني جي آبپاشي نظام کي ٻيهر جاچڻ جي ضرورت محسوس ڪئي آهي.

ٽيڪنالاجي، ٻاهرين امدادن ناٽن ۽ ترقين جي بيڪار عوام دشمن ماڊلن نالي ۾ درياهن سان جيڪا جُٽ ڪئي آهي، اها عبرت لائق آهي. فطرتي طور رڻ رڻ آهي، پٽَ پٽ آهن نديون نديون ۽ درياهه درياهه ٿيندا آهن. چاڪاڻ ته پاڻي رڻ پٽن کان ڏور وهندو آهي درياهن ۾ ئي وهندي چڱو لڳندو آهي. رڻ پٽن ۾ رهندڙ آبادين جا مزاج پاڻيءَ جي غير موجودگيءَ ۾ ۽ ندين جي آسپاس وينلن ۾ مختلف ۽ نرالا هوندا آهن. درياهن ۽ ندين جي آسپاس وينل هينئر ٻڏل آهن، اهي اپريل، مئي، جون جي مهينن ۾ خشڪ سالين جو شڪار هئا، ڪينجهر، منڇر ۽ هاليجي ربيع ۾ سڪا پيا هئا.

هينئر آفتن جو شڪار آهن, بارشن جو پاڻي سمنڊ ڏانهن ويو. غريبن وٽ جيڪو ڪجهه هو سو لڙهي ويو. ٻوڏن ڪين تباهه نه ڪيو پر نهري نظام, سم نالن, انتهائي بيڪار ۽ دقيانوسي بندن ۽ حڪمرانين ۽ طبقاتي رياست سندن لاهه ڪيدي ڇڏيا. پاڻي ورائڻ, بند ٻڌڻ ۽ فطرت تي ڪنٽرول ڪرڻ جا نتيجا اهي نڪرڻا هئا. حقيقتن کي تسليم ڪرڻ گهرجي, اها وقت جي تقاضا آهي, آهستي آهستي ان مطابق پاڻ کي بدلائڻ ۽ فطرتي تبديلين کي هڪ ربط سان منهن ڏيڻ ئي بهتر رستو آهي.

موهن جو دڙو ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته ڪيئن آبادين فطرتي حقيقتن کي تسليم ڪري بدلجندڙ حالتن جو مقابلو ڪيو. هينئر پاڻيءَ کي فطرتي وهندڙ درياهن مان روڪي, ڊيم ٺاهي, ڪين خشڪ ڪري, زراعت ۽ آبپاشيءَ لاءِ لاغرضيءَ سان استعمال ڪيو ويو آهي. زرعي معيشت ۾ پاڻيءَ جي طلب ٻين انساني ۽ صنعتي ضرورتن ۾ اڻ کٽ آهي. پيداواري طريقا ۽ پوکي روايتي طور جهجهي پاڻيءَ کپت تي ٻڌل آهن, ڊنڍن ڍورن ۽ جهنگلن ۾ پاڻي کوٽ فطري توازن کي بگاڙي ڇڏيو آهي. پاڻيءَ کان معافي وٺي درياهن ۾ واپس وڃڻو پوندو. زراعت, مستقبل جي خوراڪ جي ضرورتن ۽ آبادين جي پاڻيءَ جي ضرورتن جو خيال ڪري درياهه سان غير ضروري هٿ چراند بند ڪرڻي پوندي. جديد آبپاشي عمل کي انساني شڪل ڏيڻي پوندي, اهو ڪيئن ٿيندو؟

1947ع کان پاڻيءَ تي بيوروڪريٽ عملدارن ۽ رياستي طاقت مڙهي وسيلن تي ڪنٽرول رکيو ويو آهي پر عوام جو ان ۾ ڪو عمل دخل نه آهي. پاڻي زراعت, صحت ۽ انساني زندگين ۾ توازن لاءِ تمام اهم وسيلو آهي. پاڻيءَ جي انتظام ۽ رياستي طاقت ۾ هڪ تعلق آهي, جيڪو خاص طبقن جي مفادن لاءِ ڪم ڪري ٿو ان جو فائدو به انهن کي آهي. معاشي ڍانچن پيداواري عملن ۽ تعلقن, زمين جي نجي ملڪيت, اشرافيه جي حڪمراني ۾ تبديلي آڻي ٻين شين ۽ شعبن تي پاڙڻو پوندو. هو ڪم عوام دوست سياسي پارٽيون ئي ڪري سگهن ٿيون, اها بدقسمتي آهي ته سياسي پارٽيون حقيقي ڪم ڇڏي ٻي ڪم تي لڳل آهن.

ماحولياتي تباهين کان بچڻ لاءِ برابريءَ وارو سماج اڏڻو پوندو!

ماحولياتي چڪتاڻن جو سڌو تعلق ارڙهين صديءَ جي صنعتي انقلاب سان آهي ٻن صدين جي صنعتي انقلاب مان اڀَتي وڏيل معاشي ۽ سماجي ترقي خاص نوعيت جي هئي. جنهن ۾ جديد شهر، فيڪٽري نظام، سائنسي ايجادن، نين علمن جنم ورتو. يورپ ۽ ٻي دنيا "بي پناهه ترقي" ڪئي ۽ سرمائيدار ملڪن ۾ جديد معيشتون قائم ٿيون. معاشي ترقين مان خوشحالين ۽ انساني زندگين جي معيارن ۾ بهتري آئي ۽ نجي دولت ۾ بي پناهه اضافي سان گڏ ۽ انساني سراسري ڄمارن ۾ اٽڪل ٽيهه سالن جو ريڪو ويهين صديءَ ۾ واڌارو ٿيو. ان 'بي پناهه ترقيءَ' انسانن ۽ فطرتن کي پڻ متاثر ڪيو. دولت جي انبارن تي چند فردن جو وييانڪ ڪنٽرول، آمدنين جي غير مساوي ۽ غير انساني تفريق، وسيلن جي فضول کپت ۽ استعمال ماحولياتي تباهي پيدا ڪئي آهي. ضرورت کان وڌيڪ توانائين جو استعمال، خاص ڪري تيل، گيس ۽ ڪوئلي جو غيرذميواراڻو استعمال، ماحولياتي آلودگي، گرمي پد ۾ اضافي جو سبب بڻيو آهي. ضرورت کان وڌيڪ پيداوار منافعي ۽ واپاري مقابلي بازي وڌائڻ جي نتيجي ۾ غريب ايشيائي، افريقي ۽ لاطيني آمريڪن جي ملڪن کي نوآبادياتي بيٺڪيتن ۾ تبديل ڪيو آهي مقابلي بازي ۾ ٻه عالمي جنگيون وڙهيون ويون. منافعي خوريءَ جنگين ۽ چڙهاين غريب ملڪن جي وسيع اڪثريت کي وسيلن کان محروم ڪري، معاشي غلام بڻائي هڪ خوفناڪ معاشي ۽ استحصالي نظام قائم ڪري ڇڏيو آهي جنهن انسانن ۽ فطرتن جو ٻه سپ کان وڌو نقصان ڪيو آهي. پيداوار ۽ کپت جي خوفناڪ نظام دنيا کي تباهين جي هيناهين سطحن تي آڻي بيهاري ڇڏيو آهي، جتي فطرت ۽ ماحوليات جي تباهيءَ انساني نسل - انساني تهذيبن ۽ ٻين جاندارن لاءِ زمين تي زنده رهڻ

بہ ڏکيو ۽ مشڪل ٿي پيو آهي. اهڙي تباهيءَ کان بچڻ اڃان بہ ممڪن آهي، پر اهو صرف تڏهن ممڪن آهي جڏهن عالمي پيداوار کپت ۽ توانائيءَ جي استعمال کي يڪسر تبديل ڪري، تمام تيزيءَ سان ٻئي رخ ۾ وٺي وڃجي. پيداوار ۽ کپت ۾ تڪڙي تبديلي ممڪن آهي.

موجوده صديءَ ۾ اها ڳالهہ ڪا سمجهہ کان بالاتر نہ آهي تہ فطرت ۽ ماحوليات جي وڏي پئماني تي تباهي اڳ ڪڏهن نہ ڏٺي ويئي آهي. ان تباهيءَ زندگيءَ جي لاءِ عام رواجي موزون حالتن کي بہ خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي، اهڙي تباهيءَ کان بچاءُ رڳو ٻن سطحن تي ممڪن آهي. وڏنڌڙ ماحولياتي تباهيءَ کي وڌڻ کان روڪجي، ٻي سطح تي خطرن کي منهن ڏئي ڏرتي کي انسانذات جي رهڻ جي قابل ٺاهجي. ماحولياتي تباهيون ماحولياتي تبديلين سان جڙيل آهن، ايندڙ ڏهاڪن ۾ عالمي ۽ مقامي سطحن تي انهن تبديلين کان بچي نٿو سگهجي. ان لاءِ گهربل سماجي هلچل ۽ عوامي سرگرمين يڪسر انقلابي ۽ سماجي تبديلين جي شديد گهرج آهي. تباهين کان سماج کي بچائڻ ۽ خاص طور تي ڪمزور غريب ۽ پوئتي پيل متاثر آبادين ۽ علائقن کي، جيڪي هن تباهين جي سڌي نشاني تي آهن، اهو ڪيئن ممڪن آهي، اڄ جي حالتن ۾ اهم سوال آهي.

ڇهہ ڏهايون اڳ پهريون ڀيرو عالمي ماحوليات ۾ وڌنڌڙ گرمي پد جي سائنسدانن نشاندهي ڪئي هئي. ان وقت اڃان صورتحال ايتري خطرناڪ نہ ٿي هئي. آگسٽ 2021ع ۾ گڏيل قومن جي عالمي اداري صورتحال کي "انسانذات لاءِ خطري جي گهنٽي" ڄاڻائي، هزارين سائنسدانن جي گڏيل پينل (IPCC) ناهي ڇهہ اهڙيون سائنسي رپورٽون جوڙيون جن ۾ ماحولياتي متعلق موجود علم ۽ ڄاڻ مطابق پنج ممڪن لقاءَ ڄاڻايل آهن. هاڪاري لقائن مطابق جيڪڏهن عالمي پيداواري ۽ کپت جي نظام ۾ هينئر کان تمام تيزيءَ سان تبديليون آڻڻ شروع بہ ڪجن تہ بہ تبديل ٿيندڙ عالمي ماحوليات ۾ گرمي پد هن صديءَ جي آخر تائين وڃي وڏي مشڪل سان گهٽ ٿيڻ شروع ٿيندو. ٻئي لقاءَ ۾ ڄاڻايل آهي تہ صديءَ جي آخر تائين گرمي پد صنعتي دور جي سطح کان هڪ ڏهائي اڌ ڊگري جي واڌاري سان

وڃي دنگ ڪندو. ٻيا ٽي لقاءَ ڌرتيءَ تي تباهين کي روڪڻ جا لقاءَ آهن. پنجين لقاءَ ۾ ڄاڻايل آهي تہ سراسري گرميءَ جو پد صنعتي دور جي سطح کان چار ڍهائي چار سينٽي گريڊ وڌي وڃڻ سان ڌرتيءَ تي موجود انساني تهذيبن جو خاتمو ۽ انساني نسل جو مڪمل خاتمو ٿي سگهي ٿو. اهڙن لقائن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ دنيا تباهين جي ڪهڙن رخن ۾ وڃي رهي آهي، ان ڪري "جيئن ٿئي پيو" ان کي بريڪ ڏجي ۽ اڻ پائيدار پيداوار ۽ کپت جي چالو نظام جي نڙيءَ تي لت ڏجي، ڪو ٻيو متبادل رستو نہ آهي. هن چالو نظام کي تبديل ڪرڻ کان سواءِ قدرتي تباهين کي ڪنٽرول ڪرڻ جو امڪان گهٽ آهي. ان جو هڪ منطق ۽ دليل آهي تہ عالمي معيشت خام مال، توانائين جو استعمال مان عالمي پيداوار مان پنجاسي ٽريلين ڊالرن جي لڳ ڀڳ ڪڍي رهي آهي، خطرناڪ ڪاربن آڪسائيڊ ۽ گرين هائوس گيسز پيدا ڪري رهي آهي جنهن جو سڌو سنئون تعلق اوزون جي تهہ جي خاتمي سان آهي ۽ اها حقيقت قائم آهي تہ بار بار طوفان، زلزلا. سيلاب ۽ گرمي پد ۾ اضافو جديد پيداوار ۽ استعمال جي نمونن سان لاڳاپيل آهي.

2022ع جي اونهاري ۾ پاڪستان ۾ سخت ۽ رڪارڊ ٽوڙ گرمي هئي. سنڌ جي اڪثر شهرن ۾ گرمي پد پنجاهہ ڊگري سينٽي گريڊ کان بہ مٿي ٿي ويو هو. سنڌ ۾ گرميءَ جي لهر هوا ۾ رطوبت، ناقابل برداشت بلند سطح تي هئي موسمياتي تبديلين جي گرمي ۽ فضا ۾ پاڻي جي بخار جي مقدار جي واڌ، گرم هوا نمي کي بدترين بڻائي ٿي. گرمي ۽ نمي ماڻهن جي زنده رهڻ جي صلاحيت کان وڌيڪ آهن. رات جو گرمي پد پڻ تمام گهڻو آهي، اهو ڏکيو يا ناممڪن آهي تہ جسم کي ڏينهن يا رات جو جزوي طور تي ٿڌو رکجي - گرمي جي لهر وڌڻ سان ماڻهن لاءِ جسماني ڪم ڪرڻ مشڪل ٿي پوي ٿو انتهائي گرمي پد جسماني حد کي نشانو بڻائي ٿو. اهڙيءَ طرح اهو ممڪن آهي تہ وڌندڙ گرمي پد ۽ نمي ان نقطي کان وڌي وڃي جيڪا زنده رهڻ لاءِ گهربل آهي. گرمي پد جون اهڙيون حالتون ڏکڻ ايشيا، وچ اوڀر، ميڪسيڪو ۽ وچ آمريڪا جي ساحلي ۽ وڏن درياهہ وارن علائقن ۾ ٿينديون آهن. ممڪن آهي تہ اهڙيون حالتون

پنهنجن علائقن ۾ ايندڙ ڪجهه ڏهاڪن يا ان کان به وڌيڪ سالن تائين وڌيڪ باقاعدي ۽ گهڻي وقت تائين جاري رهن ته پوءِ وڌيڪ خطرناڪ نتيجا نڪري سگهن ٿا. وڏين زميني علائقن ۾ پکڙجي، ڪجهه حصا غيرآباد ٿي وڃن. جيڪڏهن اهڙا رجحان جاري رهيا، ته قوي امڪان ۽ نتيجا تصور کان به وڌيڪ خوفناڪ هوندا، هينئر دنيا ۾ ڏهه سيڪڙو امير آباديون ڏهه سيڪڙو غريب آبادين جي مقابلي ۾ ڏهوڻيون گرين هائوس گيسون پيدا ڪن ٿيون. هڪ سيڪڙو هوائي سفر پنجاهه سيڪڙو توانائي خارجي گيس پيدا ڪري ٿو. چاليهه سيڪڙو ترقي يافته ملڪن ۾ خارج گيس انهن جي امير ملڪن لاءِ ايڪسپورٽ سان لاڳاپيل آهي. حاصل مطلب هي آهي ته ماحولياتي تباهيءَ کي هن صديءَ ۾ روڪڻ ۽ واپس صنعتي دور جي سطح تي وڃي اچڻ ممڪن نه آهي. توڙي جو بچاءَ جا سڀ رستا ۽ اپاءَ ورتا وڃن، جن ۾ گرين هائوس گيسن، گدلاڻ، دونهون ۽ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي خارج جي اخراج کي گهٽ ڪجي. ان کان اڳ جو دير ٿي وڃي، ماحوليات ۾ سڏارا ۽ ارتقائي تبديليون آڻجن، هڪ عام حل سمجهيو ويو آهي. ماحوليات ڏانهن جيڪا عام رواجي سوچ آهي ته سڏارا موجوده ماحولياتي نظام جي عنصرن کي تبديل ڪرڻ بدران ماحولياتي بحران کي وڌيڪ گهرو ڪن ٿا. بچاءَ جا اپاءَ به پنهنجي جوهر ۾ يڪسر انقلابي نه آهن، پر اهي ماحوليات جي رٿابنديءَ ۽ حڪمت عمليءَ لاءِ ڪارگر ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. جنهن طريقي سان سرمائيدار ملڪ سالن کان بحث ۽ ويچار ڪندا رهيا آهن، ڪانفرنسن پويان ڪانفرنسون، واعدن پويان واعدا، پر حقيقت ۾، ڇا ماحولياتي تباهي کي سڏارن سان روڪي سگهجي ٿو؟ ممڪن نه آهي ته عالمي پيداوار ۽ واپرائڻ واري نظام کي تبديل ڪرڻ بنا ماحولياتي تباهيءَ کي روڪي سگهجي.

هتي سوال انسانذات ۽ انساني تهذيبن جي بچاءَ جو آهي، حقيقت اِها آهي ته گڏيل قومن جي پينل مطابق ايندڙ ڪجهه ڏهاڪن ۾ گرمي پد صنعتي دور جي سطح کان هڪ ڏهائي پنج سينٽي گريڊ کان مٿي ٽپي ويندو ۽ انسانذات لاءِ ڌرتيءَ جي گولي تي تباهين جون نيون شڪليون هر ڏاڪي تي ڏسجڻ ۾ اينديون.

ان لاءِ ضروري آهي ته آبادين کي منظم ڪري، رٿابندي ڪري،

ماحولياتي پائيداريءَ کي يقيني بڻائجي. اهو تڏهن ممڪن آهي جڏهن عقلمند ڏاهن جي ڏنل مشورن تي عمل ڪيو وڃي اهو مشورو انسانذات جي ڊي.اين.اي ـ نسلي تسلسل کي سمجهي برابريءَ جا سماج اڏڻ واري نسخي ۾ نجات آهي، متاثر آبادين کي سرگرم ڪري، عام جانين جي وڏيڪ ضايع ٿيڻ کي بچائڻ ۽ ماحولياتي تبديلين کي مقامي ۽ مٿانهين قومي سطح تي تبديليون آڻي بچاءُ ڪرڻ ۾ آهي. برابر عالمي تباهي اسان نه ڪئي آهي، وسيلن ۽ پيداوار جو استعمال اسان نه ڪيوآهي پر اسان ان جا سڌا متاثرين آهيون. اسان عالمي، پيداوار، کپت ۽ توانائيءَ جو استعمال تبديل نٿا ڪري سگهون پر انجي اثرن کان پاڻ اڪيلي سر بچاءُ به نٿا ڪري سگهون. هيءُ هڪ حڪمت عمليءَ جو سوال آهي. هينئر تائين اهڙي ماحولياتي تحفظ ۽ بچاءَ کي ممڪن بڻائي، آبادين کي مستقبل ۾ تحفظ ڏيڻ جا اجان واضح نقشا ۽ رٿائون جوڙيون نه ويون آهن. هڪ وسيع ماحولياتي ذميوار عوامي حڪومت طبقاتي رياست ۾ جڙڻ اجان پري جي ڳالهه آهي. اهڙيون ئي حڪمت عمليون طبقاتي، نسلي، صنفي ۽ سامراجي بالادستين کان بالاتر ۽ سرمائيداري ۽ ماحوليات جي ميٽابولڪ تعلق جي خاتمي کان آشنا هجن. حڪمت عمليءَ لاءِ اهڙين درپيش مشڪلاتن کي هر سطح تي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ ئي بچاءَ جو رستو آهي، اُهو آهي سماجي برابريءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻ.

ٻارهن ڪروڙ سالن جي ڌرتيءَ جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته ڌرتيءَ جي نظام کي متاثر ڪندڙ اهم عنصر غير انساني نه پر انساني آهي، جن پيداواري ۽ کپت جهڙا سرمائيداري نظام جوڙي، انساني بحران پيدا ڪري، ڌرتيءَ جي گولي تي حياتياتي ڪيميائي عمل وسيلي انساني حرڪتن ڌرتيءَ تي هڪ وڏو اثر ڇڏيو آهي، انهن عنصرن جو تعلق سرمائيداري نظام سان آهي. اها حقيقت آهي ته سرمائيداراڻي رياست نه ئي پيو ڪو به جاگيرداراڻو يا نيم جاگيرداراڻو ڍانچو خود پنهنجي ڪار گذاريءَ لاءِ ماحولياتي تباهيءَ کي بريڪ هڻي، واپس ڇڱائيءَ ڏانهن وٺي وڃي، اهو ٿي نه ٿو سگهي. سرمائيداري رياست کي صنعتي ۽ مالياتي مفادن هيٺ هلايو ويندو آهي. سرمائيداري خود اهڙن خطرناڪ لقائن سان تعلق ۾ هوندي آهي. ان کي ڪو ايمرجنسي بريڪ نه آهي هينئر تائين اهڙي ڪابه سرمائيدار رياست ان نموني جوڙي نه ويئي آهي،

جيڪا سماجي معاشي ڍانچي ۾ وقت تي ڪو ايمرجنسي بريڪ هڻي ماحول کي بچائي سگهي. اصل مسئلو سرمائي جي طاقت سان سرمائيداراڻو سماج جڙيل ايئن آهي تہ ڪيئن منافعي جي رفتار کي تيز ڪجي بريڪ هڻڻ سرمائيداراڻي سماج جي ڊڪشنريءَ ۾ ئي نہ آهي. نظام سڄو زمين جي گولي ۽ فطرت سان ٽڪراءَ ۾ آهي تصور ڪريو تہ ساليانو سراسري پنجاسي ٽرلين ڊالرن جي پيداوار ۽ ٽي ٽرلين ڊالرن جي اضافي پيداوار فطرت مان ڪچو مال، تيل، معدنيات ۽ توانائي خرچ ماحولياتي گدلاڻ ۽ غير ضروري پيداوار ڪندي تہ ٽڪراءَ جو سڄو اثر غريب ۽ پاڻ جهڙن پسماندھ ملڪن تي اوس پوڻو آهي. سرمائيداري جي مشين کي بريڪ هڻي هڪ ايمرجنسي نافذ ڪري، انقلابي حڪومت قائم ڪري، عالمي مادي دفاع مادي تحفظ ۽ بيگانگيءَ کان بچائڻ ۽ انساني ضرورتن جا خيال رکڻا ها اڄ جي دنيا ۾ حقيقي ايمرجنسي هوندي.

حڪمران اهو ڪم نہ ڪندا، اهو ڪم رڳو متاثر انقلابي ئي ڪري سگهندا. ياد رکو دنيا ۾ آزادي ڏياريندڙ تہ وجود نہ ٿا رکن پر عوام پنهنجو پاڻ کي آزاد ڪرائيندو جيئن ڪامريڊ چي اسان کي ياد ڏياريو.

وڌندڙ ماحولياتي تباهيءَ کان واپسي ممڪن نہ آهي. لبرلزم جي واڌ ۽ معيشت هڪ حقيقت آهي، جنهن ۾ سياسي ۽ سماجي تبديليون حقيقت بڻجي چڪيون آهن. رياست جي ڪردار کي گهٽائي سرمائي ۽ پورهئي جي تعلق کي پيداوار ۽ مالياتي عالمگيريت جي حوالي ڪري هڪ نظام جوڙيو ويو آهي، جنهن ۾ رياست ڪو ماحولياتي بحرانن کي حل ڪندي جنهن جو اڳوات موت ٿي چڪو آهي. ماحولياتي حڪومت نجي ۽ سرڪاري شعبي سرمائي جي انبارن کي گڏ ڪرڻ سان پائيداريءَ جي ڪم تان هٿ کڻي چڪي آهي. موجوده طبقاتي رياست ۽ ويڪائو وڏيرڪي ايجنسين ۽ سامراجي سهولتڪار نالي ماتر حڪومت پنهنجي نوآبادياتي بيوروڪريٽڪ ڍانچن سان ماحولياتي چئلينجن کي منهن ڏئي سگهي. ان جو امڪان گهٽ آهي ائين جيئن چئجي ’ڪائيون بہ آليون اٿس‘. ا ن طبقي مان قومي غيرت جي اميد رکڻ اجائي آهي، تاريخ رهنمائي ڪري ٿي عوام کي پنهنجي نجات پاڻ حاصل ڪرڻي پوندي.

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پڪيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

يونيورسٽي آف سائوٿ ويلز، آسٽريليا ۽ ريجنل سينٽر فار اسٽريٽجڪ اسٽڊيز، سريلنڪا ۽ يونيورسٽي آف گلاسگو، برطانيه مان پوسٽ ڊاڪٽوريٽ فيلوشپس ڪرڻ، مختلف حڪومتن ۽ بين الاقوامي ادارن سان منسلڪ رهيو آهي.
ڊاڪٽر هڪڙي وٽ اشاعت گرانٽون ڪتاب، ڪتابي باب، علمي اشاعت، مشاورتي خدمتون، جرنل ايڊيٽرشپ ۽ نگراني جي تجربي جو رڪارڊ آهي. ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙو گلاسگو يونيورسٽي، يونيورسٽي آف نزوا، سلطنت عمان، قائداعظم يونيورسٽي اسلام آباد ۽ سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو مان ڪم ڪيو. اقتصادي پاليسي ۽ ميڪرو اقتصاديات، بين الاقوامي ۽ ترقياتي اقتصاديات ۾ تحقيقي دلچسپي اٿس.

زرعي معيشت جي باري ۾ مضمونن جو تحقيق ڪيل، سب طرفو ۽ جامع مجموعو جيڪو زرعي سوال جي هر پاسي کي ڇهي ٿو.
ڊاڪٽر سڪندر مغل

محترم احمد نواز هڪڙي جو هي ڪتاب هڪ اهم موضوع تي بحث ڪري ٿو جو ته اسانجو معاشرو بنيادي طور زرعي معاشرو آهي ۽ ان ۾ معاشرتي سوال ۽ ڪٿهن ۾ سماج کي جوڙڻ ۽ سمجهڻ لاءِ زرعي سوال ۽ ان جي اهميت کي سمجهڻ تمام ضروري آهي جنهن بابت اسان جي فاضل ليکڪ وڏي دانشمندي ۽ سهڻي نموني لکيو ۽ سمجهايو آهي. هي ڪتاب جو هر مڪتبهِ فڪر جي ماڻهو کي لازمي پڙهڻ گهرجي.
ڊوٽر ڦليوٽو ايڊووڪيٽ

جاگيرداري نظام مان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ اسانجي پورهيت طبقي ۾ اهڙي تعليم هجڻ گهرجي جيئن هو پنهنجا حق حاصل ڪري سگهي. هي ڪتاب هارين، مزدورن، سياسي ڪارڪنن ۽ اهل علم ماڻهن جي مطالعي لاءِ اهم آهي.
راحيلا گهمرو ايڊووڪيٽ

ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙي جو زرعي سوال تي مشتمل هي ڪتاب زبردست معلومات ڏئي ٿو جنهن ۾ سال 1789ع ۾ فرانس اندر جاگيرداري جو خاتمو، سال 1949ع ۾ چين اندر جاگيرداريءَ جو خاتمو ۽ 1940ع ڌاري بنگال اندر زميني‍داري نظام جو خاتمو ڪيو. ان کان سواءِ زرعي سوال بين منظر ۾ ڪيئن حل ڪيو ويو اهو به پڙهڻ وٽان آهي.
اسماعيل خاصخيلي ايڊووڪيٽ
سنڌي هاري تحريڪ

ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙو اقتصاديات جو پروفيسر آهي. ڊاڪٽر هڪڙو وٽ ڊاڪٽوريٽ ۽ پوسٽ ڊاڪٽوريٽ جون ڊگريون ۽ ٽيهن سالن جو تدريس، تحقيق ۽ پيشه ورانه تجربو آهي. هو چارٽرڊ مئنيجمينٽ انسٽيٽيوٽ (برطانيه) جو هڪ تصديق ٿيل اڪوان ۽ برطانيه جي ايڊوانس هائير ايجوڪيشن اڪيڊمي جو (پرنسپل فيلو) هئڻ سان گڏ علائقائي سلامتي، عوام جي سفارتڪاري ۽ بين الاقوامي قانون ۾
جاري...